
سري

سکمني صاحب



سري گرو ارجنديو جي مهاراج

رچيندڙ:- سرڳواسي پرسرام ضيا

Mother

DEDICATED

In ever-loving Memory of Our dear Mother
who left us on 17-12-1982



'Our Bhabhi'

Putlibai Dhanomal Butani

We rise each morning with a wish that we shall see you in the day but to sad reality we soon submit from our lives you have gone away.

Always remembering you
Mohan, Moti, Haku (sons)
Devi and Sundri (daughters)
and all family members

ري سکمڻي صاحب

واڻي: سنڌي ڪوتا ۾

੧ੴ  ੧ੴ

سنڌي ڪوتا ۾ آڻيندڙ:-

پرسرام هيرانند سچانندا ڻي "ضيا"

[١٩٨١]

پوڻا آٺ روپيا

ڇپيندڙ:

جئه شوشڪتي پرنٽرس

دسهرا ميدان، شاپ ١٠١٦/٧، سيڪشن ٢٣، الهاسنگر ٣.

" حال حقيقت "

پوتر واڻي سري سکمني صاحب جي پنجين پاتشاهي گورو ارجن ديو رچي. جنهن امولڪ واڻيءَ جو جا بجا سڪ ۽ شردا سان اَمرت ويلي يا صبح جو هر گرمک پاٺ ڪري ٿو. اَرٿ ۽ معنيٰ سان سري سکمني صاحب جا ڪيئي ڇاپا ڇپيل آهن. پر سڀ نثر ۾ ۽ نه نظم ۾. دل ۾ شوق پيدا ٿيو ته ڇونه اَهڙي امولڪ واڻي جو سنڌي ڪوتا ۾ ئي ترجمو ڪيو وڃي. ستگرن پنهنجي مهر ڪئي ۽ اَهڙي ڪٺن ڪم جو آرنڀ ڪيم. نه مون ۾ ٻل هو ۽ نه مون ايڏي قابليت. پر ستگرو پاڻ اچي سهاءِ ٿيا. مشڪل آسان ٿيو ۽ نربل کي ٻل مليو

شل هن پوتر واڻيءَ جو سنڌي ڪوتا ۾ اُلٿو ڦل دائڪ ثابت ٿئي. پاٺڪ ۽ پيئر منهنجي اوڻاين کي نه ڏسي سڪ سان قبولين ۽ نت نيم پاٺ ڪندي آنند ماڻين.

شيوا ۾ - **پرسرام ضيا**

نمسڪار پرڀو سويڪار ڪر
تون شردا اسانجي انگيڪار ڪر
ٻويتو اسان جا تون ويچار ڪر
ديا پنهنجي ڏينن تي داتار ڌر
اسانجو اچي تون ٿيءُ ڀر جهلو
ڇوته! ڪرين ٿو زماني سڄي جو ڀلو
ضيا جي به آهي، بس اِهائي آراڌنا
ڪندين پوري ڀڳونت سڀ جي ڪامنا.

آشيرواد پوڄنيہ سنگرو
ڊاڪٽر روچلداس صاحب

شري پرسرام **ضيا** سان اسانجو ڪافي سنبنڌ آهي. سندس ڪوتا کي ٻہ ڇڳوئي کي ٻڌو اٿئون. سندس تخلص آهي ضيا معنيٰ **روشنائي**. اها روحاني روشنائي صوفيانہ رنگ ۾ سندس هرهڪ شعر ۾ سمايل آهي. اُن کان وڌيڪ سندس نالي ۾ اُچار آهي **ضيا**- جنهن کي ڦيرائبو تہ **آزي** نظر ايندي. اُها آزي ۽ نيازي بہ خوب سندس هرهڪ پد ۾ سمايل آهي. سري سکمڻي صاحب جو ترجمو ڪوتا ۾ اسان ٻڌي کي ڏاڍي خوشي پراپت ٿي آهي. شل ڏاڍي سڀاڄهو اهڙن منڙن کي آباد رکي ۽ شڪتي بخشي جو ڪيچ نام جس سندر ڪوتا ۾ لکندا رهن ۽ ٻئي طرف ديس جو شان اوچو رکن.

اسين شڪرگذار آهيون اُنهن سڄڻن جا جيڪي وقت بہ وقت سنتيہ شاستر ڇپائڻ ۾ هر طرح جو سات ڏيندا رهن ٿا پڻ شري اشوڪ ڪمار ياڳچنداڻي، جنہ شوَ شڪتي پرنٽرس ۽ شري منوهرلعل، پرڪاش بوڪ بائينڊنگ هائوس وارا جن جي سهڪار سان هي ڏ ستون ڇاپو شايع ڪرڻ جا اُڌڪاري بڻيا آهيون. شل ستگرن جي آسيس سڀني تي چمڪي.

سنچالڪ: **ضيا ساهتيہ مالها**

١٠٨٥/٥، پرسرام ضيا روڊ، اُلهاسنگر- ٣.

ٻه اکر

گورو ارجن ديو صاحب سري سکمڻي صاحب سرل ٻوليءَ ۾ رچي آهي ۽ اهڙي سرل ٻوليءَ جو سنڌي ڪوتا ۾ اُلٿو ڪرڻ تي هر ڪنهن ڪويءَ جو اڌڪار ٿي نٿو سگهي.

ڌنيه هجي **ضيا** صاحب کي جنهن اهڙي پوتر پستڪ جو سولي ڀاشا ۾ اَنواد ڪري پاٺڪن لاءِ ويتر به سولو ڪارج ڪري ڇڏيو.

اُلٿو واستوڪ روپ ۾ کيل آهي جنهنڪري سلوڻو ۽ رس ڀريو لڳي ٿو. شال گورو صاحب **ضيا** کي ايا به شڪتي ڏئي ته ٻين پستڪن جو پڻ انواد ڪري جس جو ڀاڳي ٿئي.

لمڪراج "عزيز"

"نماڻي وينتي"

ڀڳوان جا پيارا ڀانڪ من کي سچو سک ۽ شانتي ڏيندڙ سکمني صاحب تنهنجي هٿن ۾ آهي.

متان گمان ڪرين ته گهڻا گيان جا پستڪ پڙهيا اٿم ۽ گيان جي گهڻي ڄاڻ اٿم ۽ ان ڀرم ۾ سونهري اوسر هٿان وڃائين! هيءَ پوِتر گرواڻي سک ۽ شرڌا سان پڙهج ۽ امولڪ سکيائن کي من سان هنڊائج ته توکي ڪوڙن شاريرڪ سکن جي واسنائن ۽ ترشنائن کي تياڳڻ جي سمجهه پوندي ۽ من جو سچو سک ۽ شانتي پراپتيءَ جو مارگ ملندءِ ۽ ڀڳو ڪرپا سان تنهنجي رهڻي ۽ چرِتر پوِتر ۽ نشڪام بڻبو ۽ تنهنجي جيون سک ميه ۽ نرمل بڻجي پوندي. سدائين امر رهندو!

شري پرسرام ضيا صاحب جنهن سکمني صاحب جو سنڌين جي ڪلياڻ لاءِ سنڌي ڪوتا ۾ وڻندڙ ۽ سندر ترجمو ڪيو آهي. اي سڀاڳا اِنسان اهڙي ستيه سنديش کي سمجهي تون به پنهنجي جيون ستسنگ ۽ ست ڪرمن ۾ لڳائي سڦل بڻائج ۽ تون هر طرح ڪوشش ڪج جيئن سکمني صاحب جو ستيه سنديش گهڻن پاٺڪن تائين پهچي سگهي ۽ اُهي بہ اُموليہ سکيائون گرهڻ ڪري پنهنجي جيون سڦل بڻائين ان لاءِ هي سندر ترجمو ورِي ورِي ڇپجندو رهي ۽ پاٺڪن تائين پهچندو رهي. اهو شڀ ڪاريہ بہ آنند ميہ ٿيندو ۽ جيون ڌنيہ بڻائيندو.

دلي سنيهه مان توهانجو سڄڻ.

بابا چندر لکهه مهاراج

پرم شش :- سوامي ليلا شاهه مهاراج

”سُري سکمڻي صاحب ڪئسيٽن جي رُوپ ۾“

قربدار ۽ هردل عزيز **ضيا صاحب** پنهنجي سليس ۽ گوناگون ڪوِتا سان سنڌي ساهتيہ کي نوازيو – هن جا ڪيترا گيت گراموفون رڪارڊ جو سينگار بڻيا ڀارت ۾ اِنصاف ڪٿي آ؟ تائين سڀني فلميڪارن هن جا ئي گيت سويڪار ڪيا.

پوءِ بہ اِلاهي گيت صرف ڪتابن ۽ مخزنن جي صفحن تائين محدود رهيا. مون کي رڪارڊن ۽ ڪئسيٽن ۾ ڪتب آندا آهن ۽ ڪن کي هن بعد سنگيت دوارا ٻڌندڙن تائين پهچائڻ جي چاهنا اٿم.

هن جي ڌرمي گرنٿن جو سهڻي ۽ سليس سنڌيءَ ۾ ترجمو وِدوانن، ساهتيڪارن ۽ عام شردالن نہ صرف سڪ سان قبُوليو آهي پر ساراهيو آهي.

سکمني صاحب جو ترجمو بهترين مڃيو ويو آهي ورهين کان تمنا هئم تہ اُن کي ڪنهن محنتي ۽ ڄاڻو سنگيتڪار کان موزون ڌنون ڏياري ڀڳونتي ناواڻي جي مڌر آواز معرفت ٻڌندڙن اڳيان رکان. سي لکميچند مڪمل ساٿ ڏنو ۽ اڻٿڪ محنت ڪئي ۽ منهنجي تمنا عملي رُوپ ورتو آهي.

سوامي اتلرام جا ويچار

هي سکمني صاحب جي ارٿ جو سندر ڳٽڪو سنڌي ڪوتا ۾ ڏسي مونکي بيحد خوشي پراپت ٿي آهي. آءُ هن سکن جي مٺيءَ جي ترجمان شري پرسرام ضيا کي ڌنيه واد ٿو ڏيان. هن بلڪل سليس سنڌي ڪوتا ۾ هي سندر پستڪ لکي اُنهن سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن جي شيوا ڪئي آهي جي اصل ٻاٽيءَ جو (ساڌارڻ ٻڌي هئڻ سبب) ارٿ نہ سمجهڻ ڪري اُنهي پوتر ٻاٽيءَ جو عملي لاڀ نٿي وٺي سگهيا. آشا آهي تہ اُهي ڀائر ڀينر هيئنر هن سنڌي ترجمي جي هرهڪ سٽ ڌيان سان پڙهي، مول واٽيءَ جو اَرٿ ويچاري سري گورو ارجن ديوَ جن جي رچيل اَمرت واٽي "سکمني صاحب" ارٿات سکن جي مٺيءَ جو سندر هار پوئي پنهنجي ڪنٺ ۾ پائيندا ۽ سکمني صاحب ياد ڪري ٻہ زبان پاٺ ڪري ۽ هرهڪ منتر جو سڌانت هردي ۾ ڌاري ستگرو ارجن ديوَ جن جي سکيا انوسار ستنام جي سمرڻ سان چت لائي جنم مرڻ جو ڀؤ مٽائي پرم شانتي، ڀڳتي گيان ۽ مڪتي حاصل ڪري پنهنجو منش جنم سڦلو ڪندا.

شيوا ۾

سوامي اتلرام ڌرمداس صاحب

ايڪو اؤنڪار ست گر پرساد



سرِي سکمني صاحب

محلا پنجوان

سلوڪ

آد گور اي نمهه - جڳاد گر اي نمهه
ستگر اي نمهه - سري گر ديو اي نمهه

ترجمو

آديس آد گروءَ کي - جڳ گر کي پرڻام
ستگر، سري گرديو کي نمسڪار مدام.

سنگيت ۽ راڳڻين جي ماڻي مطابق ڪٿي لفظ اڳيان پٺيان ڪيا يا بدليا ويا آهن - مگر ضيا صاحب جي ترجمي ۽ معنيٰ سان ڪٿي به هٿ چراند نہ ڪئي وئي آهي - جيئن پاڻ ضيا صاحب جي سڪمڻي صاحب جي ترجمي جي قدرشناسي ڪئي آهي تيئن پڪ اٿم تہ پڙهندڙ اُن جي سنگيت ۾ رُوپ جو بہ جوڳو قدر ڪندا - بس!

— گوبند مالهي

— ڌنيہ واد —

سنگيت ۾ سري سکمني صاحب ڪڍڻ ۾ پوريل ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي اٿم، شري گوبند مالهي جي لگن ۽ شري هرگوبند ميرچنداڻي (انڊيا بوڪ هائوس) جي همت سان اِهو شبھ ڪاريہ سڦلو بڻيو آهي، سنگيت شاستر جي ڦهلاءَ لاءِ سندن ڪوششون قابلِ داد جي آهن، ستگروُ کين پاڻ نا جا ٻچرا بخشيندو. اُميد تہ گرواڻيءَ جا پريمي اُنهيءَ جو آنند ماڻي پنهنجي راهہ روشن ڪندي جيوَن سڦل بڻائيندا.

نارائڻ
سيڪريٽري پرسرام ضيا

٢

پرڀ کي سمرن گرڀ نہ بسيءِ
پرڀ کي سمرن دک جم نسيءِ
پرڀ کي سمرن ڪال پرهريءِ
پرڀ کي سمرن دشمن ٽريءِ
پرڀ سمرت ڪڇ بگهن نہ لاگيءِ
پرڀ کي سمرن ان دن جاگيءِ
پرڀ کي سمرن ڀئہ نہ بياپيءِ
پرڀ کي سمرن دک نہ سنتاپيءِ
پرڀ ڪا سمرن ساڌ ڪيءِ سنگ
سرب نڌان نانڪ هر رنگ .

ترجمو

صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان جُوڻ نہ پائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ، جم جي چوٽ نہ هرگز کائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان ڪال پڇي ويندو
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، دشمن پڻ تنهنجو دفع ٿيندو
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان مشڪل ٿئي آسان
ساوڌان ٿي نشدن رهندين، بندا نرڀئہ پڇ پڳوان
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان خوف نہ کائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان ڪشٽ مٽائيندين
سمرڻ ڪر تون، سمرڻ سان تو ساڌ سنگت جو سنگ ملي
نام جي رنگ ۾ رڱجي ويندين نانڪ ات تو رنگ ملي.

اشٽپدي ١

سمرؤ سمر سمر سک پاوءُ
کل کليش تن مانهہ مٽاوءُ
سمرءُ جاس بشمڀر ايڪي
نام جپت اگنت انيڪي
بيد پران سمرت سڌ اکير
کيني رام نام اک اکير
کنڪا ايک جس جيوَ بساوئي
تاکي مهما گني نہ آوئي
کانکي ايکئ درس تهارو
نانڪ ان سنگ موہ اُدارو
سکمني سک امرت پرڀ نام
ڀگت جنان کئي من بسرام (رهاءُ)

ترجمو

سمرڻ کر تون سمرڻ کر تون سمرڻ سان سک پائيندين
سمرڻ کر تون؛ سمرڻ سان کل کشت کليش مٽائيندين
سمرڻ کر تون هڪ صاحب جو جيڪو جڳت کان نيارو آ
کيئي اُن جو سمرڻ ڪن ٿا؛ سهسين نالن وارو آ
شاستر کيئي سمرتيون پڙهندا، ڏسندا ويد پران کٽي
سيني جو تت هڪڙو آهي، جيڪو آهي پاڻ ڏٽي
هڪڙو پل جو اوم احد کي هردي سان هندائي تو
اُن جي مهما ڳائي نہ سگهبي؛ اوچي پد کي پائي تو
داتا تنهنجي درشن جي ايلاشا جن کي آهي اپار
تن سنتن جي صحبت ۾ شل نانڪ منهنجو ٿئي اُڌار
سکمني آهي سک جو امرت، امرت آهي هريءَ جو نام
سنتن کي سک ٿئي تو حاصل؛ پائي اُنهنجو من وسرام.

۴

پرڀ ڪا سمرن سڀ تي اوُچا
پرڀ ڪئي سمرن اُڌري موچا
پرڀ ڪئي سمرن ترشنا بجهئي
پرڀ ڪئي سمرن سڀ ڪڇ سجهئي
پرڀ ڪئي سمرن ناهين جم تراسا
پرڀ ڪئي سمرن پورن آسا
پرڀ ڪئي سمرن من ڪي مل جاءِ
انمرت نام رد مانهه سماءِ
پرڀ جي بسهه ساڌ ڪي رسنا
نانڪ جن ڪا داسن دسنا.

ترجمو

صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ جڳ ۾ اعليٰ ڪار
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان ٿيندو بيڙو پار
صاحب جو ڪر سمرڻ، ڪوڙي آشا ترشنا دور ٿئي
سمرڻ سان ئي دل ۾ پيدا سوجهه بوجهه جو نُور ٿئي
صاحب جو ڪر سمرڻ بندا، ڪڏ نه ڪال جو کائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ، من جون سڀئي مرادون پائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ، دل مان دوئي ڪدورت دور ٿئي
امرت روپي نام سان هردم تنهنجو من پرپوُر ٿئي
جن سنتن جي پاڪ زبان تي نارائڻ جو آهي نام
نانڪ داس اُنهن جو آهي، اهڙن سنتن کي پرڻام.

۳

پرڀ کي سمرن رڌ سڌ نؤنڌ
پرڀ کي سمرن گيان ڌيان تت بڌ
پرڀ کي سمرن جپ تپ پوُجا
پرڀ کي سمرن بنسيءِ دوُجا
پرڀ کي سمرن تيرٿ اشناني
پرڀ کي سمرن درگهه ماني
پرڀ کي سمرن هوءِ سيلا
پرڀ کي سمرن سڦل ڦلا
سي سمرهه جن آپ سمرائي
نانڪ تا کيءِ لاگئو پائي.

ترجمو

صاحب جو ڪر سمرڻ، هردم رڌ سڌ نؤنڌ پائيندين
گيان ڌيان بڌ حاصل ٿيندءِ، هر جا شان وڌائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ، جنهجو سمرڻ جپ تپ پڳتي آ
دل مان دور ڪدورت ٿيندي، سمرڻ ۾ سا شڪتي آ
صاحب جو ڪر سمرڻ بندا، سمرڻ تيرٿ جو اشنان
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، درگاه ۾ پائين مان ۽ شان
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان شڪر ڪري جيئندين
صاحب جو ڪر سمرڻ، جڳ ۾ جيوت جو ڦل پيو ڏسندين
سمري سوئي، صاحب ڪان سمرڻ جي شڪتي پائي تو
اهڙن پڳتن جي چرنن ۾ نانڪ سيس نوائي ٿو.

٦

پرڀ ڪئ سمرهه سي پر اُپڪاري
پرڀ ڪئ سمرهه تن سدا بلهاري
پرڀ ڪئ سمرهه سي مک سهاوي
پرڀ ڪئ سمرهه تن سوک بهاوي
پرڀ ڪئ سمرهه تن آتم جينا
پرڀ ڪئ سمرهه تن نرمل رينا
پرڀ ڪئ سمرهه تن اند گهنيري
پرڀ ڪئ سمرهه بسهه هر نيري
سنت ڪرپا تي ان دن جاگ
نانڪ سمرن پوري ڀاڳ.

ترجمو

صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، ڪنتا سيئي پر اُپڪار
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، نام تان ٿيندا سي بلهار
صاحب جو ڪن سمرن جيڪي، منهن مان تنجي مٺيا بکي
من جو سک تني تنکي حاصل، دک کان داتا کين رکي
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، من تي تنجي جيت رهي
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، نرمل تنجي ريت رهي
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، بيحد آنند پائن ٿا
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، رب کي ويجهو پائن ٿا
سنتن جي ڪرپا سان آهن، ڏينهن ۽ رات سجاڳ اُهي
نانڪ تنجو ڀاڳ ڀلو آ، ڀنهنجا ڀلا ڪن ڀاڳ اُهي.

٥

پرڀ ڪئہ سمرھ سي ڌنونتي
پرڀ ڪئہ سمرھ سي پتونتي
پرڀ ڪئہ سمرھ سي جن پروان
پرڀ ڪئہ سمرھ سي پرک پرڌان
پرڀ ڪئہ سمرھ سي بي محتاجي
پرڀ ڪئہ سمرھ سي سرب ڪي راجي
پرڀ ڪئہ سمرھ سي سک واسي
پرڀ ڪئہ سمرھ سدا ابناسي
سمرن تي لاڳي جن آپ دئيالا
نانڪ جن ڪي منگي روالا.

ترجمو

صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، ڌن پائي ڌنوان ٿين
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، تڏکي پراپت شان ٿين
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، قبول سي اِنسان پون
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، دنيا ۾ پرڌان ٿين
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، هرگز سي نہ ٿين محتاج
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، راجا بڻجي ڪن ٿا راج
صاحب جو ڪن سمرڻ جيڪي، تنجو سکن ۾ واس ٿئي
سمرڻ سان ابناسي بڻجن، ڪڏهن نہ تنجو ناس ٿئي
سمرڻ سيئي ڪن ٿا جڳ ۾، جن تي راضي ٿئي رحمان
تن سنتن جي چرنن جي رج، **نانڪ** گهري اِهو تو دان.

٨

هر سمرن ڪر پڳٽ ڀرڳهٽائي
هر سمرن لڳ بيد اُپائي
هر سمرن ڀئي سڌ جتي داتي
هر سمرن نيچ چهوڪنٽ جاتي
هر سمرن ڌاري سڀ ڌرنا
سمر سمر هر ڪارن ڪرنا
هر سمرن ڪيئو سگل آڪارا
هر سمرن مهه آپ نرنڪارا
ڪر ڪرپا جس آپ بجهايا
نانڪ گورمک هر سمرن تن پايا.

ترجمو

نام کي جنهن جنهن سمريو سنتن، تنهن تنهن هو مشهور ٿيا
سمرڻ سمرڻ ويد بڻايئون، گيان سان جي ڀرپور ٿيا
جن جن سمريو، تن تن پاتو، داتا سڌ جتي سڌجن
نيچ به سمرڻ صاحب کي ٿا اوچي پدوي حاصل ڪن
دنيا قائم سمرڻ سان ۽ ڌرتي قائم سمرڻ سان
جنهنجو هٿ هر ڳالهه ۾ آهي، تنهنجو سمرڻ ڪر من سان
سرجڻهار ڪيو سمرڻ خاطر آهي پيدا ٿيو سنسار
سمرڻ ڪر تون، سمرڻ ۾ خود پاڻ وسي ٿو نرآڪار
جن تي مالڪ مهر ڪئي، تن ان مالڪ کي جاتو آ
نانڪ گرو ڪان شبد وٺي تن سمرڻ جو پد پاتو آ.

٧

پرڀ کي سمرن ڪارج پوري
پرڀ کي سمرن ڪبهہ نہ جهوري
پرڀ کي سمرن هر گن باني
پرڀ کي سمرن سهج سماني
پرڀ کي سمرن نهچل آسن
پرڀ کي سمرن ڪمل بگاسن
پرڀ کي سمرن انهد جهنڪار
سک پرڀ سمرن ڪا انت نہ پار
سمرهہ سي جن، جن ڪئہ پرڀ مئيا
نانڪ تن جن سرني پئيا.

ترجمو

صاحب جو ڪر سمرڻ، سيئي من جا مطلب پائيندين
سمرڻ ڪر تون، سمرڻ سان چنتا جي چوٽ نہ کائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، اُن داتا جا گڻ ڳائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، اُن صاحب ۾ پاڻ سمائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، چت چنچل توهڪ جاءِ رهي
صاحب جو ڪر سمرڻ، من جو ڪمل کلي، آنند ٿئي
سمرڻ ڪر تون، انهد جي جهنڪار ٻڌڻ جي چاهين تو
سمرڻ ڪر تون، انت سک سان سکي ٿيڻ جي چاهين تو
سمرڻ ڪن ٿا سيئي، جن کي مهر ڪري سمرائي تو
نانڪ تنجي شرڻ پوي تو، هردم سيس نوائي تو.

اشٽپدي ٢

جهه مات پتا ست ميت نه ڀائي
من اؤها نام تيري سنگ سهائي
جهه مها ڀيان دوُت جم دلي
تهه کيول نام سنگ تيري چلي
جهه مشکل هووئي اَت ڀاري
هر کو نام کن مانهه اُڌاري
انک پنهچون کرت نهين ترئي
هر کو نام کوٽ پاپ پرهري
گرمک نام جپهه من ميري
نانڪ پاوهه سوک گهنيري.

ترجمو

جيڪي م جنهن جو ماءُ نه پيءُ ۽ مٽر پراتا يار نه آ
نام تنهنجي آڌار انهيءَ جو، نام بنا آڌار نه آ
عمر جنهن ٿي تي پوري، جم جا دوُت اچنا، کن ٿا تنگ
سنگ نه اُن دم هلندو کوئي، نام جو نالو هلندو سنگ
سر تي اچي جي رنج مصيبت، مشکل منهن ڏيکاري ٿي
نام جو نالو دوُر کري دک، پگتي مشکل ٽاري ٿي
پوساگر مان ترڻ کنن آ، پنج ۽ دان هزار کجن
هکڙي هريءَ جو نام ٿو تاري، پاپ هزارين دوُر ٿين
گرمک گو جي صحبت م ستنام جو جاپ جپيندو رهه.
نانڪ سوري سک کر حاصل دک ۽ درد کٽيندو رهه.

سلوڪ

دين درد دک ڀڃنا
گهٽ گهٽ نات اَنات
سرڻ تمهاري آئيو
نانڪ کي پرڀ سات

ترجمو

ديننِ جا ڏک دور ڪر، جاٽي جاٽهار
شرن پئي کي سات ڏي **نانڪ** نرآڪار.

۳

ڇوٽت نهين ڪوت لک باهي

نام جپت تهه پار پراهي

اَنڪ بگهن جهه آء سدگهارئي

هر ڪا نام تتڪال اُڌارئي

انڪ جون جنمئي مر جام

نام جپت پاوئي بسرام

هئه مئلا مل ڪبهه نه ڌووئي

هر ڪا نام ڪوت پاپ ڪووئي

اَئسا نام جپهه من رنگ

نانڪ پائيئي ساڌ ڪي سنگ.

ترجمو

سهسين بانهن وارن جو پڻ ڪين ٿيو نيتارو آ نام جو نالو مڪتي ڏئي ٿو، نام پريوء جو نيارو آ وگهن هزارين وڪ وڪ تي ء راه ۾ رخنا خوب پون نارائڻ جي نالي سان نپي اُن جا بيڙا پار ٿين جيئڻ جوء مرڻ جو ڦيرو بعدي ڪي ڦيرائي ٿو نام جپڻ سان جوُڻ رهت ٿي جين انوڪو پائي ٿو من تي گند گناهن جو آ، صاف ٿئي ڪيئن ميرو من پاڪ ڀوڻ پاپ ڪان ٿيندين صاحب هڪ جو ڪر سمرن اوت اُلک جي ونڻ تون بعدا، رام نام جو لڳندء رنگ سنتن جو سنگ **نانڪ** ڪر، اَنمول آهي سنتن جو سنگ

٢

سگل سرشٽ کو راجا دکيئا
هر کا نام جپت هوءِ سکيئا
لاک کروڙيں بندن نہ پري
هر کا نام جپت نستري
انک مايا رنگ تک نہ بجهاوي
هر کا نام جپت آگهاوي
جهہ مارگ اهہ جات اکيلا
تهہ هر کا نام سنگ هوت سهيلا
ائسا نام من سدا ڌيائيءِ
نانک گورمک پرم گت پائيءِ.

ترجمو

ساري دنيا جو راجا پڻ دنيا ۾ دک پائي ٿو
سوئي سک ٿو ماڻي، جيڪو نام جپي ۽ ڌيائي ٿو
ڪيئي بندن، ڪيئي ڦرنا، ڪيئي ڦاسيون، ڪيئي قيد
جاپ ڪندا جگديش جو جيڪي، تن جا آجا ٿيندا بند
رنگ برنگي مايا جا سک ڪين بجهائي سگهندا پياس
امرت روپي نام جي جل سان مٽي ٿي من جي ساري تراس
جيڪو اڪيلو آيو آهي، تنهن کي اڪيلو وڃڻو آ
سنگ هريءَ جو نالو هلندو، سنگ اهوئي هلڻو آ
اهڙو نام وسارين ڇو ٿو، نام سان نينهن لڳاءِ بندا
نانک گر جا وچن بڌي جپ نام، ۽ پرم گت پاءِ بندا.

٥

پگت جنا ڪيءِ بـرتـن نام
سنت جنا ڪيءِ من بسرام
هر ڪا نام داس ڪي اوٽ
هر ڪي نام اُڌري جن ڪوٽ
هر جس ڪرت سنت دن رات
هـر هـر اوکـڌ ساڌ ڪمات
هر جن ڪيءِ هـر نام نڌان
پار بـرهـم جن ڪينو دان
من تن رنگ رتي رنگ ايڪيءِ
نانڪ جن ڪيءِ برت بيبيڪيءِ.

ترجمو

ڌنڌو ۽ وهنوار تا سمجهن جڳ ۾ پگت هريءَ جو نام
سمرڻ جيڪي ساڌوُ ڪن تا تن جي هردي ۾ وسرام
جيڪي داس انهيءَ داتا جا، داتا تن جو سهارو آ
ان سائينءَ جي سمرڻ سان ٿيو بندن جـو نيتارو آ
نشدن ساڌو سنت انهيءَ گڻ واري جا گـڻ ڳائن ٿا
نام جو نالو دارون سمجهي، پنهنجا روڳـ مٽائن ٿا
پگتن کي پگوان جو نالو مال خزانو دولت آ
بخشي بخشڻ واري تن کي پنهنجي نام جي نعمت آ
نام جو رنـگ لڳي ٿو جنکي رنـگ ۾ رڱجي لعل ٿين
نانڪ تن تي مهر ٿئي، وبچار جي ورتي ويـر رکن.

۴

جهه مارگ کي گني جاهه نه کوسا
هر کا نام اوُها سنگ توشا
جهه پٿبدي مها انڌ غبارا
هر کا نام سنگ اُجيارا
جها پنٿ تيرا کون سڃانو
هر کا نام تهه نال پڇانو
جهه مها ڀئيان تپت بهه گهام
تهه هر کي نام کي تم اوُپر ڇام
جها ترکا من تجهه آ کرکيءِ
تهه **نانڪ** هر هر امرت برسيءِ.

ترجمو

منزل اؤکي پند پري، جت جاءِ نه ميلن کوهن جي
اُن منزل ۾ مؤرک من کڻ پونجي نام جي سمرن جي
منزل اؤکي پند پري ءِ وات تي آهي ڪاري بات
هت ۾ کڻ ستنام جو ديپڪ روشن ٿيندي تنهنجي وات
منزل اؤکي پند پري، جت کوئي نه کنهنکي جاڻي تو
جاڻي تو هڪ جاڻڻ وارو، جاڻي تو ءِ سڃاڻي تو
منزل اؤکي پند پري جت تيز تکي اُس ساڙي ٿي
نام جو نالو ڇانوَ کري ات؛ ڇانوَ اها من ٺاري ٿي
منزل اؤکي پند پري؛ جت پاڻيءِ لئه جيئڙ ترسي تو
بادل ٿئي ڀڳوان جو نالو، **نانڪ** اُمرت برسي تو.

٧

هر هر جن ڪيءِ مال خزينا
هر ڏن جن ڪئه آپ پرڀ ڊينا
هر هر جن ڪيءِ اوٽ سناٽي
هر پرتاپ جن اَور نہ جاڻي
اوت پوت جن هر رس راتي
سنن سماڌ نام رس ماتي
آٺ پهر جن هر هر جپيءِ
هر ڪا ڀڳت پرگهٽ نهين ڇپيءِ
هرڪيءِ ڀڳت مڪت بهہ ڪري
نانڪ جن سنگ ڪيتي تري.

ترجمو

نام هريءَ جو مال خزانو، ساڌوُ آهن شاهوڪار
پاڻ ڏٺي سا دولت ڏي ٿو، پاڻ ڪري ٿو مهر اپار
نام هريءَ جو اوٽ اجهو آ، نام هريءَ جو پشت پناه
سمرٿ ۾ پرتاپ اُهو آ، جنهن جو انت نہ آهي ٿاه
ٿاڃي پيٺي مثل لين ٿي، ڀڳت وٺن ڀڳتيءَ جو سواد
نام جا امرت روپي پيالا پئن ٿا، ڪن ٿا نام ڪي ياد
اَٺ ئي پهر جپن ٿا جيڪي، نام جو نالو ياد اٿن
ڪيڏو بي هوُ پاڻ لڪائن، سنت سچا ڪڏهن نہ لڪن
ڀڳت هريءَ جا جيڪي، تن ڪئي مڪتي لکن هزارن جي
نانڪ سي ئي تري ويا، جن سدگت ڪئي سچوارن جي.

٦

هر ڪا نام جن ڪئہ مکت جڳت
هر ڪيؤ نام جن ڪئہ ترپت ڀڳت
هر ڪا نام جن ڪا روُپ رنگ
هر نام جپت ڪب پرڙيئ نہ ڀنگ
هر ڪا نام جن ڪي وڏيائي
هر ڪيؤ نام جن سوڀا پائي
هر ڪا نام جن ڪئہ ڀوڳ جوگ
هر نام جپت ڪڇ نانهہ بيوگ
جن راتا هر نام ڪي شيوا
نانڪ پوُجي هر هر ديوا.

ترجمو

نام هريءَ جو رهبر ٿي مڪتيءَ جي راهہ ٻڌائي ٿو
نام هريءَ جو ياد ڪرڻ سان بندو آنند پائي ٿو
جيڪي پيارا ان پريوءَ جا، نام انهيءَجو روپ ۽ رنگہ
جيڪي نام ڌيائن، تن جي رنگہ ۾ هرگز پوي نہ ڀنگہ
تن جي شان وڏائي جڳہ ۾، جيڪي نام ڌيائن ٿا
نام هريءَ جو ياد ڪرڻ سان ساڌوُ سوڀيا پائن ٿا
عيش خوشي آرام انهن جي لاءِ هريءَ جو نالو آ
نام جپڻ سان روڳہ نہ رهندو، نام جو نانءُ نرالو آ
نام وسي ٿو تن جي من ۾، نام جي ساڌوُ شيوا ڪن
هڪ خالق جي هڪ مالڪ جي سي ٿي **نانڪ** پوڄا ڪن.

سلوڪ

ٻهه شاستر ٻهه سمرتي
پيکي سرب ڍنڍول
پوجس ناهي هر هري
نانڪ نام اَمول.

ترجمو

ڪيئي شاستر سمرتيون، واچي ڏس ۽ ڳول.
مالڪ جي مت ناهه ڪو، **نانڪ** نام اَمول.

٨

پار جات اهه هر کو نام
ڪام ڏين هر هر گڻ گام
سڀ تي اوُتم هر ڪي ڪٿا
نام سُنت درد دک لٿا
نام ڪي مهما سنت رد وسيءِ
سنت پرتاب ڏرت سڀ نسيءِ
سنت ڪا سنگ وڏ ڀاڳي پائيئي
سنت ڪي سيوا نام ڌيائيئي
نام تل ڪڇ اور نہ هوءِ
نانڪ گرمک نام پاويءِ جن ڪوءِ.

ترجمو

نام کي جيڪو ڌيائي ٿو، سو پارجات کي پائي ٿو
ڪام ڌين جا پائي پدارٿ، گوبند جا گڻ ڳائي ٿو
جنهنجون ڳالهيون آنند واريون تنهنجون ڳالهيون ڳاءِ سدا
سائينءَ جي ساراهہ سڻي تون دک ۽ درد مٽاءِ سدا
نام جي مهما سان سنتن جو هردو تو پرپوُر رهي
تن سنتن جو تيج ڏسي خود پاپ ڪپٽ ٿو دوُر رهي
صحبت جيڪي سنتن جي ڪن، ڀاڳ وارا اِنسان اُهي
سيوا ڪن ٿا ساڌ ٻڌي، ڀڳوان ۾ ڌارن ڌيان اُهي
نام جي نالي جهڙي نعمت ٻي نہ جڳت ۾ نعمت آ
نانڪ ڪنهن ڪنهن گرمک کي ٿي نام جي ملندي دولت آ.

۲

نؤ کدب پرٿمي ڦري چرجيوي
مها اُداس تپيسر ٿيوي
اگن ماهہ هومت پران
کنک اَشو هئور ڀوم دان
نئلي ڪرم ڪري ٻهہ آسن
جئہ مارگہ سجم اَت ساڌن
نمک نمک ڪر سرير ڪٽاوي
تو ڀي هؤمي مئل نہ جاوي
هر ڪي نام سمسر ڪڇ ناهہ
نانڪ گرمک نام جپت گت پاهہ.

ترجمو

چئن ڪنڊن جا سير ڪري ۽ عمر وڏي ڀل ڀائي ڪو
دنيا ترڪ ڪري تارڪ ٿِئي، جوڳي جوڳہ ڪمائي ڪو
سو تان پنهنجو آهو ڪٽي، اگنيءَ کي ارپڻ پران ڪري
هاٿي گهوڙا سون ۽ چاندي ڀوميءَ جو ڀل دان ڪري
ڏيهہ کي ڏکہ ڏئي صاف ڪري ۽ آسڻ ڀل بدلائي پيو
ساڌن سجم خوب ڪري، چت جين ڌرم سان لائي پيو
ٽڪرا ٽڪرا جسم ڪري جي عضوو عضوو ڪٽائي تو
تڏهن بہ من جي مئل نہ لهندي، آپو ڪين مٽائي تو
نام جي مٽ ڪو ناهي **نانڪ**، نام هريءَ جو نيارو آ
گرمک جپ تون نام جو نالو، نام سان ٿِئي نيتارو آ.

اشٽپدي ٣

جاپ تاپ گيان سڀ ڌيان
کٽ شاستر سمرت وکيان
جوڳ اڀياس ڪرم ڌرم ڪريا
سگل تياڳ بن مڌي ڦريا
انڪ پرڪار ڪيئي بهه جتنا
پنن دان هومي بهه رتنا
سرير ڪٽاء هومي ڪر راتي
ورت نيم ڪري بهه ڀاتي
نهين تل، رام نام بيچار
نانڪ گرمک نام جپيئي اڪ بار.

ترجمو

جپ ۽ ڪرين ۽ تپ ۽ ڪرين تون، گيان ۽ ڌيان ڪمائين ڪٿي
شاستر ويد سمرتيون جي دنيا کي پڙهي ٻڌائين ڪٿي
يوڳ ڪرين ۽ ڌرم ڪرين ۽ ڪريا ڪرم وڌائين ڪٿي
تياڳي ٿي، سڀ تياڳي جڳ جا، بن ۾ ڦيرا پائين ڪٿي
رنگبرنگي ڍيڪ ڪرين يا قسمين قسمين ڪرين جتن
پنج ۽ دان هزار ڪرين ۽ ڌرم ڪرين ڌن مال رتن
ٽڪرا ٽڪرا ديهه ڪري، پل ديهي جي آهوتي ڏي
پنهنجي جيءَ کي ڏيئي جفا، رهه قائم ورتن نيمن تي
نام جي مٽ هي ڪرم نه ٿيندا، نام بنا سڀ وٿرت ڪار
نانڪ گر کان شبد وٺي، جپ نام جو نالو تون هڪوار.

٤

ٻهت سياڻپ جم ڪا ڀئہ بياپئي
انڪ جتن ڪر ترشنا نا ڌراپئي
ڀيک انيڪ اگن نهي بجهئي
ڪوٽ اُپاو درگهہ نهي سجهئي
ڇوٽس ناهي اُوپ پئيال
موهہ وياپهہ مايا جال
اور ڪرتوت سگلي جم ڏانئي
گوبند ڀجن بن تل نهي مانئي
هر ڪا نام جپت دک جاءِ
نانڪ بولي سهج سڀاءِ.

ترجمو

جئن جئن سياڻو ٿيندا، تئن تئن ڪئہ ڀيو ڪال جو ڪائيندين
ڪوشش سان ٻي آشا ترشنا من جي ڪين مٽائيندين
من جي اگني سرد نہ ٿيندي، ڪيتي ويس مٽائين ڪٽي
ٻهچڻ آ درگاھ ۾ مشڪل، حيلا ڪيتي هلائين ڪٽي
ڪنهن ۾ لئہ همت ڀير هلائين، ڦتڪڻ سارو اجايو آ
موهہ جا جار پکيڙي مايا پنهنجو جار وڇايو آ
ڪال ڏسي ڪرتوت ٻيو تنهنجا، مارڻ لاءِ هليو ايندو
گوبند جا گڻ ڳائيندين جي، ڪال ۾ توکي ڇڏي ڏيندو
نام جپڻ سان سک ٿئي پراپت، دور ٿئي دک اهنجو تو
نانڪ من ۾ اوبر جي آهي، نام جپڻ ٿئي سهنجو تو.

٣

من ڪامنا تيرٿ ديھ ڇٽيءِ
گرب گمان نہ من تي هٽيءِ
سوچ ڪريءِ ڏنس اَر رات
من کي مٽل نہ تن تي جات
اس ديھي ڪو بھ سادنا ڪريءِ
من تي ڪبھو نہ بکيا ٽريءِ
جل ڌوويءِ بھ ديھ انيت
سڌ ڪھا ھوءِ ڪاچي بيت
من ھر کي نام کي مهما اوُچ
نانڪ نام اُڌاري پتت بھ موُچ.

ترجمو

تيرٿ ييٽي، پران تياڳي، من جي ترشنا دور نہ ٿئي
من جو مان گمان نہ ويندو، ڪوڙو دور غرور نہ ٿئي
پنھنجو پاڻکي صاف رکڻ لئہ ڪوشش پل ڏينھن رات ڪري
جڳتيءَ سان جتن ڪري تہ بہ من جو مٽل ٿئي ڪين پري
پنھنجي تن کي ڪشت ڏئي پل ڪيٽي سادن سادي ڪو
دور نہ ٿيندو جذبو گندو، من مان وشيہ وڪارن جو
فاني ديھ کي ڌوئي ٻندي تن کي صاف بڻايو آ
ڪلرائي پت جيڪا آهي، تنھن کي ڌوئڻ اجايو آ
نام هريءَ جو اوچو، سادو جنھن جي مهما ڳائن ٿا
نانڪ نام جپڻ سان پاپي ء ڪيٽي مڪتي پائن ٿا.

٦

سگل پرک مهہ پرک پرڌان
ساڌ سنگ جا کا منيءَ ايمان
آپس کئہ جو جاڻيءَ نيچا
سوئُو گنييءَ سڀ تي اوچا
جا کا من هوءِ سگل کي رينا
هر هر نام تن گهٽ گهٽ چينا
من اپني تي ٻـرا مٽانا
پيکيءِ سگل سرشٽ ساجنا
سوک دُوک جن سم درشٽينا
نانڪ پاپ پن نهين ليپا.

ترجمو

اِنسانن ۾ آهي اُتم اِنسان اهو پرڌان رهي
سنگ ڪري جو سنتن جو، من ۾ نہ سندس ايمان رهي
آپ جو جنهن کي ناهي، جڳہ ۾ پاڻکي نيچ سڏائي ٿو
سوئي سڀ کان اوچو سمجهو، عاليٰ پد پائي ٿو
جيڪو سڀ جي چرنن جي رج، پنهنجي من کي بڻائي ٿو
سرووياپڪ سواميءَ جا سو جت ڪٿ درشن پائي ٿو
جيڪو من مان دور ڪري ٿو ڪبڌيا کي ۽ برائي کي
سوئي سڀ ۾ صاحب سمجهي، باهر ڪڍي بيائي کي
جيڪو خوشيءَ تي خوش نہ ٿئي ۽ غم تي ڪين ٿئي غمناڪ
نانڪ سوئي پاپ ۽ پن جي ليپ کان ٿئي ٿو صاف ۽ پاڪ.

۵

چار پدارٿ جيڪو مانگيءِ
ساڌ جنا کيءِ سيوا لاگيءِ
جيڪو اپنا دوک مٽاويءِ
هر هر نام رديءِ سد گاويءِ
جيڪو اپني سوڀا لوڙيءِ
ساڌ سنگ اهه هومــيءِ ڇوڙيءِ
جيڪو جنم مرڻ تي ڊريءِ
ساڌ جنا کي سرني پريءِ
جس جن کو پربهه درس پياسا
نانڪ تاکيءِ بل بل جاسا.

ترجمو

چار پدارٿ چاهين تو جي، چار پدارٿ پائيندين
ساڌن سنتن جي شيوا ۾ پنهنجو تن مــن لائيندين
سک تو طلبين، من جو دک درد مٽائڻ چاهين تو
چونــ انهيءَ داتار ديالوءَ جا گــڻ ڳائڻ چاهين تو
مان وڏائي چاهين تو، پل حاصل شان ۽ عزت ڪر
ڀورين "مان مان" ترڪ ڪري تون درويشن جي سنگت ڪر
جنم مرڻ جي ڦيري جو جي، ڊپ ۽ خوف اٿئي من ۾
سنتن جي رهه سايي ۾ ۽ ساڌن جي رهه چرڻــن ۾
ايشور جا ايلاشي جيڪي، جن جو آهي نام سان پيار
نانڪ اهڙن سنتن تان، ٻلهار وڃان تو مان ٻلهار.

٨

سرب ڌرم مهه سريشٽ ڌرم
هر ڪو نام جپ نرمل ڪرم
سگل ڪريا مهه اُوتم ڪريا
ساڌ سنگ درمت مل هريا
سگل اُدم مهه اُدم ڀلا
هر ڪا نام جپهه جيئه سدا
سگل باني مهه امرت باني
هر ڪو جس سن رسن بکاني
سگل ٿان تي اوه او تم ٿان
نانڪ جهه گهٽ وسي هر نام.

ترجمو

جگديش جو جاپ ئي سيني ڌرمن ۾ آ ڌرم سچو
جگديش جو جاپ ئي سيني ڪرمن ۾ آ ڪرم سچو
آهه اُتم هي ڪاريه، تون ان ڪاريه سان دل لاءِ ڪٺي
ساڌ سنگت جي صحبت ۾ رهه، من جي ميل مٽاءِ ڪٺي
حيلو وسيلو سوئي عاليٰ نام جپڻ ۽ ياد ڪرڻ
نام جپڻ ۽ ياد ڪرڻ، ڏينهن رات انهيءَ جو ذيان ڌرڻ
امرت سائي باڻي آ، ان سائينءَ جي ساراه ڪرڻ
ساراهه ڪرڻ، ساراهه سڻڻ، ساراهه ڪري آنند وٺڻ
سيني استانن ۾ آهي اُتم عاليٰ سو استان
نانڪ ان ۾ داخل ٿي ان داتا جو ڌر دل ۾ ڌيان.

٧

نرڌن ڪئه ڌن تيرو نانءُ
نثاوي ڪو نانءُ تيرا ٿانءُ
نماڻي ڪئه پرڀ تيرو مان
سگل گهٽا ڪي ديوه دان
ڪرن ڪراون هار سوامي
سگل گهٽا ڪي انتر جامي
اپني گت مت جانهه آپي
آپن سنگ آپ پرڀ راتي
تيري استت تم تي هوءِ
نانڪ اور نه جانس ڪوءِ.

ترجمو

نرڌن جيڪو آهي، تنهن کي ڌن ءِ ناڻو تنهنجو نام
ٿانوُ ٺڪاڻو ناهي جنهنکي، ٿانوُ ٺڪاڻو تنهنجو نام
ويچارو جو آهي جڳ ۾، تنهنجو آهين چارو تون
دان سڀيءِ دنيا کي ڏين تو، سائين آهين سهارو تون
تنهنجيءِ مرضيءِ سان ٿئي سڀڪجهه، ڪرڻ ڪرائڻ وارو تون
گهٽ گهٽ ۾ تون وياپڪ آهين، آهين جڳ جهارو تون
پنهنجي گت مت پاڻ ئي ڄاڻين، ڄاڻڻ وارا ڄاڻين تون
پاڻ کي پنهنجي قدرت ۾ تو، قدرت وارا آڻين تون
تنهنجي وڏائي تو کان ٿيندي، بندي کي ڇا طاقت آ
نانڪ ڪير نه سمجهي تو بن، تنهنجي عجائب قدرت آ

اشٽپدي ۴

رمئيا کي گن چيت پرائي
ڪؤن مؤل تي ڪؤن ذرشٽائي
جن تون ساج سنوار سيڱاريا
گرڀ اَگن مهه جنهه اباريا
بار بوسٿا تجهه پياري دوڌ
ڀر جوبن ڀوجن سک سوڌ
برڌ ڀئيا اوپر ساڪ سين
مگ اَپياءُ بٺ ڪئه دئن
اِهه نرگن گن ڪڇو نه بوجهئي
بخش ليهه تهه نانڪ سيجهئي

ترجمو

ڏوبند جا گڻ نيارا آهن، مورک من ۾ ڪر ويچار
اُنهن ڇا هٿين، ڇا ڇا آهين، آهي توتي مهر اپار
سائين ء توکي سندر سهڻو روپ ڏيئي سيڱاريو آ
گرڀ ۾ تنهنجي جنهن ڪئي رکشا، دک ء درد نواريو آ
ننڍڙي هوندي ٻالڪپڻ ۾ تو لئه پئدا کير ڪيو
جوڀن ۾ ان ڀوڄن بخشيا، سک ء ڏنا ء وير ڪيو
پيري ء ۾ پٽ پوٽا ڏنائين، جيڪي لهندء سار سڀار
توکي کمائي کارائيندا، هلڪو ٿيندء سر تان ٻار
ابڙا گڻ ان گڻ واري جا وينين وساري اي گڻ چور
نظر رحم جي نانڪ ٿيندي، ڪندو گنهگارن جو غور.

سلوڪ

نرگنيار ايانيا
سو پرپ سدا سمال،
جن ڪيتا تن چيت رک
نانڪ نبهي نال.

ترجمو

مورک بندا بي گتا
سائين سار سنيار
نانڪ ان کي ياد رک
جو اوکيءَ ۾ آڌار.

٣

آد انت جو راکڻ هار
تس سڱ پريت ڪري نہ گوار
جا کي سيوا نونڌ پاوئي
تاسڱ مورا من نهي لاوئي
جو ٺاڪر سدا حضوري
تاڪڱ انڌا جانت دوري
جا کي ٽهل پاوئي درگهہ مان
تسهہ بساري مگڌ اجان
سدا سدا اهہ ڀولن هار
نانڪ راکڻ هار اپار

ترجمو

جيڪو اڳي پوءِ ٽيندو سائي، دک سک ۾ جو لهي ٿو سار
اهڙي پياري پريوءَ سان ڇو مورک ڪين ڪرين ٿو پيار
جنهن سائين جي سيوا سان ڌن مال خزانا پائين ٿو
مورک او اگياني ان مالڪ سان نينهن نہ لائين ٿو
جيڪو جت ڪٿ ويا پڪ آهي، جيڪو جت ڪٿ آهي حضور
انڌو سمجهي دور انهيءَ کي، آهي جيڪو حق کان دور
جنهن سائينءَ جي سيوا سان درگاهہ ۾ ٿئي ٿو مان ۽ شان
تنهن کي وساري ويٺو آهي عقل جو دشمن ۽ نادان
ڪن ڪن ۾ ٿو ڀلجي ٻندو، ٻندو ڀل ٿو ڪري هر وار
نانڪ انجي رکشا ڪندو، رکپال جو آهي اپائڻ هار.

٢

جهه پرساد ذر اوپر سک بسهه
ست پرات ميت بنتا سنگ هسهه
جهه پرساد پيوه سيتل جلا
سکدائي پون پاوک امُلا
جهه پرساد پوگهه سڀ رسا
سگل سمگري سنگ سات بسا
ديني هست پاؤ کرن نيتر رسنا
تسهه تياگ اَور سنگ رچنا
اَئسي دوک موڙ اِند بياپي
ناذک کاڍ ليهه پرڀ آپي

ترجمو

جنهن پرڀوءَ جي ڪرپا سان تون ذرتيءَ تي تونين وسرام پاءُ پراتا، زال ۽ ٻار ن سارط کلين تو صبح ۽ شام
جنهن پرڀوءَ جي ڪرپا سان تون جل سان پياس مٽائين تو سيءُ تو لاهين باهه تي، گرميءَ وقت هوا کائين تو
جنهن پرڀوءَ جي ڪرپا سان تون پوڳين پوگ سوادن جا
جنهن پرڀوءَ جي ڪرپا سان تون پائين سک تو جيون جا
جنهن جي ڪرپا سان هٿ ملبا پير اکيون کن وات زبان
اهڙي داتا کي چو وساري، ٻئي جو ذارين دل ۾ ذيان
جيڪو مورک انڌو هوندو، نام بنا دک پائيندو
ناذک پاڻهي مهر ڪري ڪرتار ڪناري لائيندو.

٥

کرتوت پسوءَ کي مانش جات
لوک پڇارا کري دن رات
باهر ڀيک انتر مل مايا
ڇپس ناهه کڇ کري ڇپايا
باهر گيان ڌيان اشنان
انتر بياپي لوڀ سئان
انتر اگن باهر تن سئاهه
گل پاٿر کئسي ترئي اٿاهه
جا کئي انتر بسئي پرڀ آپ
نانک تي جن سهج سمات.

ترجمو

کرتوت کڌا حيوانن جا، تہ بہ پاڻکي ميڙش سڏائين ٿو
ڏينهن ۽ رات پرائي ٻچرم ڇو مورک جنم وڃائين ٿو؟
اڇا اڇا ٿو اوڍڻ اوڍين، مايا سان پر ميرو من
کين لکن ٿا عيب، لکائڻ لاءِ پلي کر خوب يتن
باهر گياني ڌياني ٿي اشنان مٿان اشنان ڪجن
ليکن لوڀ جا کتا اندر ۾ ڀونڪن ٿا ۽ شور ٿا ڪن
اندر حرص جي اگني، باهر خاڪ لڳن کي لائين ٿو
ٿار مان ترنديں ڪيئن، جو ڳچيءَ ۾ پٿر کي لٽڪائين ٿو
جنهن بندي جي من ۾ ديو داتا پنهنجو جمايو آ
پار برهم پرميوءَ سان **نانک** سوئي سهج سمايو آ.

۴

رتن تياگ ڪوڏي سنگ رچيءِ
ساچ ڇوڏ جوٺ سنگ مچيءِ
جو ڇڏ ناس استر ڪر مانيءِ
جو هوون سو دور پرانيءِ
ڇوڏ جاءِ تسڪا سرم ڪريءِ
سنگ سهائي تس پر هريءِ
چندن ليپ اتاريءِ ڌوءِ
گرڌب پريت ڀسم سنگ هوءِ
انڌ ڪوپ مهه پتت بڪرال
نانڪ ڪاڍ ليهه پرڀ ديال

ترجمو

هيرا موتي لعل ڇڏي ڇو ڪوڏين سان دل لائين ٿو
سچ کي تياڳي غافل ٿي، ڪوڙ سان من وندرائين ٿو
ان کي سمجهين قائم دائم، جيڪو آخر فاني آ
ڇو نہ انهيءَ سان نينهن لڳائين، سچ پچ جو لاثاني آ
سور سهين ٿو ان جي خاطر جنهن کي آخر ڇڏڻو آ
ڪين انهيءَ کي سڱي سمجهين، انگ سڱ جيڪو هلڻو آ
چندن ليپ کي بت تان لاهي، ملي ملي ميساريں ٿو
ڌوڙ مٽيءَ سان دل ٿو لائين خرمستي ڏيکارين ٿو
اونهي کوه جي اندر **نانڪ** بندي اُڇليو آهي پاڻ
ٻاهر ڪڍ تون انکي داتا، تون ئي سهارو ٿي اُن ساڻ.

٧

سنگ سهائي س آوئي نه چيت
جو بيراڻي تا سنءُ پريت
بلوئا کي گره پيتر ٻسيءِ
انند کيل مايا رنگ رسيءِ
درڙ کنءُ مانيءِ منهه ٻرتيت
ڪام نه آويءِ موڙي چيت
ٻڌر ٻروڌ ڪال ڪروڌ موهه
جهوٺ بڪار مها لوڀ ڌروهه
ائاهو جگت ٻهاني ڪئي جنم
نانڪ راکهه ليهه آپن ڪر ڪرم.

ترجمو

سنگ سهائي جيڪو آهي، من نه انهيءَ کي ميت ڪرين
جيڪو سچ پچ شترو آهي، مورک ان سان پريت ڪرين
واريءَ جو گهر جيڪو آهي، اُن ۾ تُو وسرام ڪرين
ڪوڙي مايا ساڻ ملي، آنند ڪرين، آرام ڪرين
سمجهين تُو ته سدائين جيئندين، دل کي وينو شاد ڪرين
مست رهين تُو مستيءَ ۾ تون، موت نه هرگز ياد ڪرين
ڪام ڪروڌ ۽ لوڀ موه ۽ ڪوڙو تُو اهنڪار ڪرين
وير ورود ۽ ڪوڙ ڪپٽ جو دنيا ۾ وهنوار ڪرين
بندو ايڏا پاپ ڪمائي، پوڳي وينو ڪيئي جنم
نانڪ عرض ڪريٿو سائين پاڻ تي ڪر پنهنجو ڪرم.

٦

سن آنڌا ڪئسي مارگ پاوئي
ڪر گهه ليهه اور نبهاوئي
ڪهه بڄهارت بُوجهئي ڏورا
نس ڪهيئي تئہ سمجهئي پورا
ڪها بشن پد گاوئي گنگ
جتن ڪرئي تئہ بي سر ڀنگ
ڪهه پنگل پربت پريون
نهي هوت اُهــا اس گوَن
ڪرتا ڪرڻامئي دين بينتي ڪرئي
نانڪ تمري ڪرپا ترئي.

ترجمو

انڌو هوندو، ٻڌي ٻڌي ڏس، ڪئن سو رستو پائيندو
پورڻ رهبر ان انڌي کي ٻانهن جهلي دڳ لائيندو
جيڪو ڪنن کان ٻوڙو هوندو، ٻڌي ڪئن اهو راز جي بات
چئبي رات تہ ڏينهن تو سمجهي، ڏينهن جي چئبو سمجهي رات
راڳ جي سڌ ڇا گونگي کي، ڪئن راڳ ترانا ڳائيندو
ڪوشش ڳائڻ جي هوُ ڪندو، تہ بہ بي سرو شور مچائيندو
منڊي کي ڇا طاقت آهي، جو پربت جو هو پند ڪري
ڪوشش ڪيڏي پلي ڪري تہ بہ پهچڻ کان هوُ آهي پري
عرض ڪريان ارداس ڪريان تو، ڪرپا مونتي ڪر ڪرتار
نانڪ تي ڪر مهر ميان، تني يو ساگر مان بيڙو پار.

سلوڪ

ڏين هار پرب ڇوڏڪي

لاگهہ آن سمّاءِ،

نانڪ ڪهوُ نہ سيجهئي،

بن ناويُ پت جاءِ.

ترجمو

داتا هڪڙي کي ڇڏي،

ٻئي جو ڏاري ڏيان

نانڪ نام بنا اهو

ٿو پنهنجو وڃائي شان.

٨

تم ٺاڪر تم پهه ارداس
جيءُ پنڊ سڀ تيري راس
تم مات پتا هم بارڪ تيري
تمري ڪرپا مهه سوک گهنيري
ڪوءِ نه جاني تمرا انت
اوچي تي اوچا ڀڳونت
سگل سمگري تمري سوتر ڌاري
تم تي هوءِ سو آگياڪاري
تمري گت مت تم هي جاني
نانڪ داس سدا قربانيءَ.

ترجمو

مالڪ منهنجا، ٺاڪر منهنجا، تنهنجي چرنن ۾ ارداس
تن من تنهنجو آهي داتا، سڀڪي جوڙي ڪرين تو راس
مات پتا ڀڳوان تون آهين، آهيون تنهنجا بار اسين
تنهنجي مهر ميا سان پايون سهسين سک هر وار اسين
تنهنجو انت ڪوئي نه ڄاڻي، داتا تون بي انت آهين
تون ئي وڏو وڏن کان آهين، اوچو تون ڀڳونت آهين
داتا تنهنجي ڌاڳي اندر پوتل آ سنسار سڄو
جنءِ جنءِ تنهنجو حڪم ٿئي، تنءِ جڳ جو هلي وهنوار سڄو
پنهنجي قدرت پاڻ ئي ڄاڻين، قدرت سمجهي ڇا انسان
نانڪ داس سدائين قادر تنهنجي قدرت تان قربان.

٢

اَگنت شاه اپني دي راس
ڪات پيت ٻرتيءَ انند الاس
اَپني اَمان ڪڇ ڀهر شاه ليئہ
اگياني مَن روس ڪريئہ
اَپني پرتيت آپ هي کوويءَ
ڀهر اسکا بسواس نہ هوويءَ
جسکي بست تس آگيءَ راکيءَ
پربهہ کي آگيا مانيءَ ماٿيءَ
اس تي چؤگن ڪريءَ نهال
نانڪ صاحب سدا دئيال.

ترجمو

شاه جي مهر سان بند وڪئن بي انت خزانا پائي تو
کائي پئي آنند ڪري، خوش ٿئي تو، عيش منائي تو
جڏهن شاه اَمانت پنهنجي وٺي تو واپس موٽائي
اَگياني ٿو رنج ٿئي ۽ مورک رودن ٿو لائي
ناطي پنهنجي پت ٿو کوهي، پنهنجي ڪار گنوائي تو
کهڙو مٿس وشواس رهي، جو ويسهہ پنهنجو وڃائي تو
جيڪي تو وٽ جنهنجو آهي، تنهنکي سوئي ارپن ڪر
مالڪ جو ٿي ۽ آگياڪاري، آگيا جو تون پالن ڪر
سائين توني راضي ٿيندو، ٻيڻو چوڻو ڪندءِ نهال
نظر دئيا جي توتي ٿيندي، نانڪ ٿيندين مالا مال.

اشٽپدي ٥

دس بستو لي پاڇي پاوئي
ايڪ بست ڪارن بکوت گوائي
ايڪ ڀي نہ ديئہ دس ڀي هر ليئہ
تہ مورڙا ڪهہ ڪها ڪريئہ
جس ٺاڪر سئہ ناهين چارا
تا ڪئہ ڪيجئي سدا نمسڪارا
جا ڪي! من لاگا پرڀ مينا
سرب سوک تاهون من وونا
جس جن اپنا حڪم منائيا
سرب ٿوک نانڪ تن پائيا.

ترجمو

ڏهہ ڏهہ پدارٿ وٺي پريوءَ کان بندا پير لڳائين ٿو
هڪڙي شيءِ جي کين ملي، بي شڪرا شور مچائين ٿو
ڏهہ ڀي توکان کسي وٺي ءَ هڪ کان ٿي انڪار ڪري
کهڙو زور هلائيندين؟ ڇا پڇندين تون تڪرار ڪري
زور نہ جنهن جي زور تي آهي مرضيءَ وارو آهي رام
انجي مرضيءَ تي رهہ راضي، ان ٺاڪر کي ڪر پرڻام
منڙي ان مالڪ جو نالو جيڪو سمجهي ٿو مصري
قسمين قسمين سک ٿو پائي، دک ءَ درد وڃن وسري
باجهہ ڪري باجهارو، جنهنکان پنهنجا حڪم مڃائي ٿو
نانڪ ان کي گهاٽو کهڙو، جيڪي چاهي پائي ٿو.

۴

مٿا تن ڌن ڪٽنب سبائيا
مٿيا هؤمي ممتا مايا
مٿيا راج جوبن ڌن مال
مٿيا ڪام ڪروڌ بڪرال
مٿيا رٿ هستي اَسو بسترا
مٿيا رنگ سنگ مائيا پيک هسنا
مٿيا ڌروهه موهه اڀمان
مٿيا آپس اوپر ڪرت گمان
استر ڀگت ساڌ ڪي سرن
نانڪ جپ جپ جيوي هر ڪي چرن.

ترجمو

مٿيا آهي ڪٽنب **قبيلو** مٿيا ڪنچن ڪايا آ
مٿيا آهي مان وڏائي، مٿيا ممتا مايا آ
مٿيا جوڀن راج جواني، مٿيا ساري دولت آ
مٿيا ڪروڌ ۽ ڪاوڙ آهي، مٿيا ڪام ۽ شهوت آ
مٿيا وڇ وڳا ۽ گاڏيون، مٿيا گهوڙا ۽ هاٿي.
مٿيا دل ۽ خوشي تماشا، مٿيا سنگتي ۽ ساٿي
مٿيا پيار ۽ موهه جڳت جو، مٿيا ڪوڙو هي ايمان
مٿيا آهي پاڻ پڌائڻ، مٿيا آهي مان گمان
جيڪي شرن سنتن جي وٺندا، قائم دائم سي رهندا
اوڻ الڪ جي وٺندا **نانڪ**، اُهي هميشه لاءِ جيئندا.

۳

اَنک ڀانت مايا کي هيت
سر پر هووت جات اَنيت
ٻرک کي ڇائيا سنه رنگ لاوي
اوهه بنسي اوهه من پڇتاوي
جو ديسي سو چالن هار
لپٽ رهئو تهه اَندهه اندار
ٻٽائو سنه جو لاوي نيهه
تاکئه هات نه آوي کيهه
من هر کي نام کي پريت سکدائي
کر کرپا **نانڪ** آپ لئي لائي.

ترجمو

مايا آهي رنگ ٻرنگي، تنهنجو مَن وندرائي ٿي
سات سدائين ڪانه سا ڏيندي، ڪنهن سان ڪين نڀائي ٿي
وڻ جي ڇانوَ وڻي ٿي توکي، ان سان نيهن لڳائين تو
ٻري ٿئي ٿي ڇانوَ جڏهن، پوءِ مورک من پڇتائين تو
جيڪي جيڪي ڏسين تو جڳ ۾ سيڪجهه آهي وڃڻ وارو
پوين پنيان چو اَن جي انڌا، جيڪو ناهي رهڻ وارو
واٽهڙن سان وات رکين تو، وات رکي پڇتائيندين
ڪوڙي پريت مسافر جي، ڪجهه ان مان ڪين پرائيندين
پريت رکي جو پرميشور سان، من جو سک سو پائي تو
نانڪ مالڪ ان ٻندي کي، پاڻ سان نيمن ملائي تو.

٦

ٻرتيءَ ساکت کي آرجا
ساڄ بنا کهه هووت سوچا
ٻرتا نام بنا تن اَنڌ
مک آوت تاکيءَ درگنڌ
بن سمرن دن رئن ٻرٿا ٻهاءِ
ميگهه بنا جيئن کيتي جاءِ
گووند ڀڄن بن ٻرٿي سڀ ڪام
جئه ڪرپن کي نرارٿ دام
ڌن ڌن تي جن، جهه گهٽ بسيو هرناءُ
نانڪ تا کيءَ بل بل جاءُ.

ترجمو

مالڪ کي جو ڪين مڃي ٿو، ان جو جنم اجايو آ
پاڪ ٿئي ڪئن، جنهن سچ تياڳي ڪوڙ سان نينهن لڳايو آ
ان انڌي جو جنم اڪارٿ، نام کان جيڪو آهي پري
باس بديءَ جي ان مان ايندي، هرڪو انکان پاسو ڪري
جنم ڀڄن بن آهي وئرٿ، راتيون ڏينهن اجايا وڃن
کيتي ڪيئن آباد ٿئي، بادل نه وسن جي مينهن نه پون
ڌوڙ انهن ڌنڌن کي، جن سان مٺش ڀلائي نام جو نام
آهي اجائي شوم جي مايا، جنهنمان ڪين ملي آرام
جنهن جي گهٽ ۾ نام وسي ٿو، ڌن ڌن آهن سي اِنسان
پگٿن تان تن سنت جڻن تان، نانڪ داس آهي قربان.

٥

متيا سرون پر نندا سنهه
متيا هست پر دربِ ڪي هره
متيا نيتر پيکت پر تريه روپاد
متيا رسنا ڀوڄن اَن سواد
متيا چرن پر بڪار ڪي ڌاوه
متيا من پر لوڀ ليپاوه
متيا تن نهي پر اُپڪارا
متيا باس ليت بڪارا
بن بوجهي متيا سڀ ڀئي
سڦل ديهه ناڻڪ هر هر نام لئي.

ترجمو

ڪن سي متيا آهن، جيڪي پَر پرائي نندا ٻڌن
هٿ سي متيا آهن، جيڪي ڌن ٿا ٻئي جو کسي وٺن
متيا آهن اکيون اُهي، پر ناريءَ ڏي جي گهوري ڏسن
جڀ سا متيا آهي، جيڪا ٿئي سوادن مٺان چڪن
پير سي متيا آهن، جيڪي ٻئي جي برائيءَ ڪاڻ هلن
من سو متيا آهي، جنهنکي لب لالچ جي لڳي لڳن
ديهي متيا، جنهنمان ڪنهنجو ڪين ٿئي ڪو اُپڪار
نڪ سو متيا، جيڪو بديءَ جي بانس جو واس وٺي هروار
جيسين گيان نہ آهي ناڻڪ متيا هر شيءِ دنيا جي
نام جپڻ سان ديهه سڦل ٿئي، نظر ٿئي ٿي ڪرپا جي.

۸

ڪرءِ بينتي پار برهم سڀ جائِ
اپنا ڪيئا آپهہ مائِ
آپهہ آپ ڪرت نبيرا
ڪسيءِ دوُر جناوت، ڪسيءِ بجهاوت نيرا
اُپاو سيانپ سگل تي رهت
سڀ ڪڇ جائِ آتمر ڪي رهت
جس ڀاوءِ تس لئي لڙ لاءِ
ٿان ٿننتر رهيا سماءِ
سو سيوڪ جس ڪرپا ڪري
نمک نمک جپ **نانڪ** هري.

ترجمو

عرض ڪريان تو ان کي، جيکو حال سمورو ڄاڻي ٿو
پيهنجيءَ قدرت ۾ سو وسي ٿو، پاڻکي پاڻ سڃاڻي ٿو
جڏهن چاهي تڏهن ڪري نبيرو، مرضيءَ وارو پاڻ حضور
ڪن کي ويجهو والي آهي، ڪن کي آهي داتا دور
دل جا راز سڀئي تو ڄاڻي، ڄاڻي چالاڪن جي چال
سيڪجهہ سمجهي سمجهڻ وارو، سارو اندر جو احوال
انکي پاڻ ۾ لين ڪري ٿو، جنهکي ڀائئي ٿو پڳوان
هر هنڌ حاضر ناضر آهي، هر هنڌ ان جو آهہ مڪان
سوئي سيوڪ تنئي ٿو، جنهتي ڪرپا پاڻ ڪري ڪرتار
نانڪ انجو سمرڻ ڪر لون، پل پل انجو نام اُچار.

۷

رهت اور ڪهج اور ڪماوت
من نهي پريت مکهه ڳنڍ لاوت
جانن هار پربهو پرٻين
باهر ڀيک نه ڪاهو ڀين
اور اُپديشي آپ نه ڪري
آوت جاوت جنمي مري
جس ڪي انتر بسي نرنڪار
تسڪي سيک ترئي سنسار
جو تم ڀاڻي تن پربهه جاتا
نانڪ اُن جن چرن پراتا.

ترجمو

باهر رهڻي سندر آهي، من جي اندر پاپ وسي
دل ۾ پريم نه پائي آهي، مک سان رڳو پيو جاپ جپي
ناهي ڳجهو ڳجهه واري کان، ڄاڻڻ وارو ڄاڻي ٿو
ڀيک ٻلي هو ڪيڏا ڪري، ته به سائين صاف سڃاڻي ٿو
دنيا کي اُپديش ڪري، پر پاڻ نه ان تي ڌيان ڌري
اچڻ وڃڻ ۾ اٽڪي سوئي، ڪڏهن ڄمي ٿو ڪڏهن مري
جنهن اُپديشڪ جي گهٽ اندر، پاڻ وسي ٿو نرآڪار
انجي وچن سان ئي تري ٿو، سڄي جڳت جو ٻيڙو پار
جيڪو توکي پربهو پيارو، سوئي توکي ڀائي ٿو
نانڪ ان جا چرن چمي ٿو، هردم سيس نوائي ٿو.

اشٽپدي ٦

جه پرساد ڇتيه امرت کاهه
تس ٺاڪر ڪڻ رک من ماهه
جه پرساد سگنڌت تن لاوهه
تس ڪڻ سمرت پرم گت پاوهه
جه پرساد بسهه سک مندر
تسهه ڌياء سدا من اندر
جه پرساد گره سنگ سک بسنا
آٺ پهر سمرهه تس رسنا
جه پرساد رنگ رس ڀوگ
ناڻڪ سدا ڌيائيءِ ڌياون جوڳ .

ترجمو

جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون ڇٽيهه ڀوڄن کائين ٿو
پوڄا ڪران ٺاڪر جي، ڇو بٺي سان نيئهن لڳائين ٿو؟
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان، سرهاڻ سگنڌيون لائين ٿو
نام جپي ان ناراڻ جو، ڇو نه پرم گت پائين ٿو
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون، ماڙيون محل وسائين ٿو
ڇو نه انهيءَ جگديش جو نالو، هردي ساڻ هنڊائين ٿو؟
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان، پروار سان گڏ سک ماڻين ٿو
ڇو نه انهيءَ داتا کي، آٺ ئي پهر اندر ۾ آڻين ٿو؟
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون عيش جڳت جا پائين ٿو
سوئي ڌياڻ جوڳو ناڻڪ، ڇو نه انهيءَ کي ڌيائين ٿو؟

سلوڪ

ڪام ڪروڌ اَر لوڀ موهه
بنس جاءِ اَهنميؤ
نانڪ پرڀ سرڻا گتي
ڪر پرساد گورديو.

ترجمو

ڪام ڪروڌ ۽ لوڀ موهه
دور ٿئي اهنڪار
سرڻ وٺي گرديو جي
جپ نانڪ نرآڪار.

٣

جهه پرساد آروگ ڪنچن ديهي
لو لاوه تس رام سنيهي
جهه پرساد تيرا اولا رهت
من سک پاوه هر هر جس کهت
جهه پرساد تيري سگل ڇدر ڍاڪئ
من سرني پر ٺاڪر پربهه تاڪئ
جهه پرساد تجهه ڪو نه پهوچئ
من ساس ساس سمره پربهه اوچئ
جهه پرساد پائي درلڀ ديهه
نانڪ تاڪي ڀڳت ڪريهه.

ترجمو

جنهنجي ڪرپا سان ملي آ ڪنچن جهڙي سندر ديهه
سدا اهڙي رام جي خاطر دل ۾ رک تون پريم سنيهه
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان، ڍڪ تنهنجا سڀ ڍڪجيو تا وڃن
اي من گسا انهيءَ جي مهماڻ سک جڳن توکي ملڻ پون
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تا عيب اُگهاڙا ڪين ٿين
اوت اجهو ان سائينءَ جو وٺ، من ۾ انجي لاءِ لڳن
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان، اِنسان ملڪ جو والي ٿئي
ڌياءِ انهيءَ کي دم دم، هردو نام بنا ڇو خالي ٿئي
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان، هيءَ درلڀ ديهه ملي آ
نانڪ اُنجي ڀڳتي ڪر، ڀڳوان بنان ٻيو ڪجهه ناهي.

۲

جهه پرساد پاٽ پٽنبر هنڊاوهه
تسهه تياڳ ڪت اور ليپاوهه
جهه پرساد سک سيج سوئيجيءِ
مـن آٺ پهر تاڪا جس گاويجيءِ
جهه پرساد تجهه سڀ ڪوئُو مانيءِ
مک تاکو جس رسن بکانيءِ
جهه پرساد تيرو رهتا ڌرم
من سدا ڌياءِ ڪيول پار برهم
پرڀ جي جپت درگهه مان پاوهه
نانڪ پت سيتي گهر جاوهه.

ترجمو

جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون ريشمي پٽ پائين ٿو
پريم انهيءَ جو تياڳي مورک ٻئي سان ڇو چت لائين ٿو؟
جنهن جي ڪرپا سان ولين ٿو، سک جي سيجا تي وسرام
ڳاءِ انهيءَ گڻ واري جا گڻ، ڳاءِ انهيءَ جو نرمل نام
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون پائين عزت مان ۽ شان
مک سان ڪر ساراهه انهيءَ جي، پريم سان انجو ڪر تون گان
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون پنهنجي ڌرم تي آهين اڏول
ڌيان انهيءَ جو ڌارج من ۾، ان جو ڌيان آهي انمول
پائيندين درگاهه ۾ عزت، جاپ انهيءَ جگديش جو ڪر
نانڪ پت سان رهجي ايندي، پهچي ويندين پنهنجي گهر.

٥

جهه پرساد ڪرهه پن بهه دان
من آت بهو ڪر تسڪا ڌيان
جهه پرساد تون آچار بٿهاري
تس پرڀ ڪئه ساس ساس چتاري
جهه پرساد تيرا سندر روپ
سو پرڀ سمره سدا انوپ
جهه پرساد تيري نيڪي ذات
سو پرڀ سمر سدا دن رات
جهه پرساد تيري پت رهيءِ
گور پرساد **نانڪ** جس ڪهيءِ.

ترجمو

جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تو ڌرم پنج ۽ دان ڪرين
اُنئي پهر انهيءَ ٺاڪر جو چوڻ تو دل سان ڌيان ڪرين؟
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان آچار ڪرين ۽ نت وهنوار
سواس سواس ان سائين کي، سنسار ۾ هردم سار سنڀار
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان هي جوين روپ جواني آ
اُن جو سمرڻ ڪر تون، جيڪو سندر آ، لاثاني آ
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان ٿي جڳه ۾ تنهنجي اوچي ذات
تولي فرض اهوئي آهي، سمرن ڪر تون ڏينهن ۽ رات
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان، سنسار ۾ عزت پائين تو
نانڪ گر جي ڪرپا سان، چوڪين سندس جس ڳائين تو.

۴

جهہ پرساد آپوکن پهريجي
من تس سمرت کئہ آلس کيجئ
جهہ پرساد اسو هست اسواري
من تس پرڀ کئہ کبهو نہ بساري
جهہ پرساد باغ ملک ڌنا،
راک پروء پرڀ اپني منا
جن تيري من بنت بنائي
اونت بئنت سد تسهہ ڌيائي
تسهہ ڌياء جو ايک الکئ
ايها اوها **نانک** تيري رکئ.

ترجمو

جنهنجي ڪرپا سان تون زيور پائي تن سينگارين ٿو
تنهن سائينءَ کي سمرڻ خاطر سستي ڇو ڏيکارين ٿو؟
جنهنجي ڪرپا ساڻ تون آهين گهوڙن هاٿين تي هسوار
اي من انجو سمرن ڪر تون، اهڙي واليءَ کي نہ وسار
جنهنجي ڪرپا ساڻ ملڪ ڌن مال ۽ باغ وسائين ٿو
ڇو نہ انهيءَ ڀڳوان جو نالو پئي ڳجهيءَ ۾ پائين ٿو
مهر ڪري جنهن ناڪر تنهنجي، سندر ديهہ بڻائي آ
اٿندي وهندي ياد سچڻ ڪر، ياد اها سکدائي آ
هڪڙي الکہ جو سمرڻ ڪر تون، جيڪو جڳ کان نيارو آ
هاڻ بہ هو رکوارو **نانک**، پوء بہ هو رکوارو آ.

٧

جهه پرساد تون پرگهٽ سنسار
تس پرڀ ڪئہ مول نہ منهه بسار
جهه پرساد تيرا پرتاپ
رې من موڙ تؤن تا ڪئہ جاپ
جهه پرساد تيري ڪارج پوري
تسهه جان من سدا حضوري
جهه پرساد تون پاوه ساچ
رې من ميري تون تا سنگ راچ
جهه پرساد سڀ ڪي گت هوءِ
نانڪ جاپ جپيءُ جپ سوءِ.

ترجمو

جنهن ناڪر جي ڪرپا سان سنسار ۾ آهين ٿيو نروار
ان جو ناءُ وساريں ڇو ٿو؟ اهڙو سائين سار سنڀار
جنهن ناڪر جي ڪرپا سان دنيا ۾ تنهنجو ٿيو پرتاپ
مورک من بيا جاپ ڇڏي، ان مالڪ جوئي جپ تون جاپ
جنهن ناڪر جي ڪرپا سان ٿيا جڳ ۾ تنهنجا ڪارج راس
سمجهه انهيءَ کي هرهنڌ حاضر، هرهنڌ جنهنجو آهي نواس
جنهن ناڪر جي ڪرپا سان تون سچ جي پونجي پائين ٿو
مورک من چت لاءِ انهيءَ سان، ڇا لئہ نام پلائين ٿو؟
جنهن ناڪر جي ڪرپا سان سڀني جو ٿيندو بيڙو پار
نام انهيءَ جو جپ تون نانڪ، نام جپڻ سان ٿيندو اُڌار.

٦

جه پرساد سنهه ڪرن ناد
جه پرساد پيکهه بسماد
جه پرساد بولهه امرت رسنا
جه پرساد سک سهجي بسنا
جه پرساد هست ڪر چلهه
جه پرساد سمپورن ڦلهه
جه پرساد پرم گت پاوهه
جه پرساد سک سهج سماوهه
ائسا پرڀ تياڳه اَور ڪت لاڳهه
گور پرساد **نانڪ** من جاڳهه.

ترجمو

جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان ڪن تنهنجا ٿا آواز ٻڌن
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تيون ڪيئي نظارا اکيون ڏسن
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان جڀ تنهنجي مٺڙا ٻولي ٻول
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان سک پائين دنيا جا انمول
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان هر ڪار ۾ هٿ هلائين تو
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون ڦولين ڦلين سدائين تو
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون مڪتيءَ جو پد پائين تو
جنهن ٺاڪر جي ڪرپا سان تون آنند خوشيون مڻائين تو
اهڙو داتا تياڳي **نانڪ** ڇا لءِ ٻئي ڪي ڳولهين تو
ڇونه گروءَ جي ڪرپا سان تون، اکيون اندر جون کولين تو.

سلوڪ

اَگم اَگاڌ پار برهم سوءِ - جو جو ڪهيءِ سو مڪتا هوءِ
سن ميتا نانڪ بدونتا - ساڌ جنا ڪي اچرج ڪٿا.

ترجمو

انت نہ ڪجھ بہ انت جو، آهي انت نہ پار
جن جن سنتن سمريو، تن جو ٿيو اُڌار
نانڪ جي هيءَ وينتي، هردي سارَ هنداءِ
ڪٿن انوکو سنت جو، سنتن سان چت لاءِ.

٨

آپ جپائي جپئ سو ناءُ
آپ گوائي س هر گن گاءُ
پرڀ ڪرپا تي هوءِ پرگاس
پرڀ ديا تي ڪمل بگاس
پرڀ سپرسن بسيءِ من سوءِ
پرڀ ديا تي مت اُوتم هوءِ
سرب نڌان پرڀ تيري مئيا
آپهو ڪڇو نہ ڪنهون لئيا
جت جت لاوہ تت لگهہ هرنات
نانڪ اِن ڪيءِ ڪڇو نہ هات.

ترجمو

نام جپي تہ سوئي، جنهن کي سائين نام جپائي تہ
جنهن تي ڪرپا ٿئي تہ، سوئي گوبند جا گڻ ڳائي ٿو
مهر ڪري تہ جنهن، ان کي اندر ۾ پرڪاش ڏئي
انهي من جو ڪنول کلي ٿو، جنهن تي راضي رام ٿئي
جنهن تي مهر ٿئي تہ، ان جي من ۾ وياپي ٿو ڀڳوان
جنهن تي مالڪ مهر ڪري ٿو، سوئي عاقل ٿئي اِنسان
آهي ڏنو سڀ داتا تنهنجو، تنهنجو ڏنو جڳ ڪائي ٿو
تنهنجي مهر بنا ڪجھ جڳ ۾ جيو نہ هرگز پائي ٿو
جنهن جنهن جاءِ تي جنهن کي لڳائي، تنهن تنهن جاءِ سو رهڻو آ
بنئي جي هٿ ڪجھ ناهي **نانڪ**، حڪم ۾ هر ڪو هلڻو آ.

٢

ساڌ ڪئِ سنگ اگوچر ملئِ
ساڌ ڪئِ سنگ سدا پرڦلئِ
ساڌ ڪئِ سنگ آوه بس پنچا
ساڌ ڪئِ سنگ انمرت رس ڀنچا
ساڌ ڪئِ سنگ هوءِ سڀ ڪي رين
ساڌ ڪئِ سنگ منوهر ٻئن
ساڌ ڪئِ سنگ ڪتهون نہ ڌاوئِ
ساڌ ڪئِ سنگ استٿ من پاوئِ
ساڌ ڪئِ سنگ مائيا تي ڀن
ساڌ ڪئِ سنگ **نانڪ** پرڀ سپرسن.

ترجمو

ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، اگم اگوچر رام ڏسن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، گلن مثل ڦولن ۽ ڦلن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پنجن وڪارن کي ڪن وس
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پيئن نام جو امرت رس
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پاڻکي سمجهن سڀجي خاڪ
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، منڙا هردم بولين واڪ
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، هت هت ڪين اُهي ڀٽڪن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، استر من کي اُهي رکن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، مايا جو ٽئي بندن دور
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، راضي تن تي پاڻ حضور

اشٽپدي ٧

ساڌ کي سنگ مک اوجل هوت
ساڌ کي سنگ مـل سگلي کوت
ساڌ کي سنگ مٽيءِ ايمان
ساڌ کي سنگ پرگھٽيءِ س گيان
ساڌ کي سنگ بجھيءِ پرڀ نيرا
ساڌ کي سنگ سڀ هوت نبيرا
ساڌ کي سنگ پائي نام رتن
ساڌ کي سنگ ايڪ اوپـر جتن
ساڌ کي مهما برليءِ کون پراني
نانڪ ساڌ کي سوڀا پرڀ ماهه سماني.

ترجمو

ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، تنجي منهن ۾ نت پرڪاش
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي پاپ ڪپٽ جي ميل ٿئي ناس
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، تنجو دور ٿئي ايمان
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، تنکي حاصل ٿئي ٿو گيان
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، رب کي تا نزديڪ ڏسن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، مونجهارا تا دور ٿين
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، نام رتـن کي پائن ٿا
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، هڪ لئہ حيلا هلائن ٿا
ڳائي وڏائي سنتن جي کو، ڪنهن ۾ اهڙي طاقت آ
ساڌن ۾ ۽ هـريءَ جي وچ ۾، **نانڪ** کو نہ تفاوت آ.

۴

ساڌ ڪيءِ سنگ نہ ڪبهون ڌاويءِ
ساڌ ڪي سنگ سدا سک پاويءِ
ساڌ ڪيءِ سنگ بست اگوچر لهيءِ
ساڌ ڪيءِ سنگ اجر سهيءِ
ساڌ ڪيءِ سنگ بسيءِ ٿان اوچيءِ
ساڌ ڪي سنگ محل پهوُچيءِ
ساڌ ڪيءِ سنگ درڙيءِ سڀ ڌرم
ساڌ ڪي سنگ ڪيول پار برهم
ساڌ ڪيءِ سنگ پائي نام نڌان
نانڪ ساڌو ڪيءِ قربان.

ترجمو

ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پٺڪڙ من جو دور ٿئي
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، تنجو من مسرور ٿئي
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پوي اگم جي لکي گم
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، سهن خوشيءَ سان رنج ۽ غم
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، اوچي منزل تي پهچن
ساڌن جي ڪن سنگت جي، درگاه اندر پهچي ٿا وڃن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، تنجو پڪو ٿئي ايمان
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پار برهم جو ڌارن ڌيان
ساڌن جي ڪن سنگت جي، تن نام جو پائن ٿا ڌنوان
تن سنتن تن ساڌن تان مان **نانڪ** شال ٿيان قربان.

٣

ساڌ ڪئِ سنگ دشمن سڀ ميت
ساڌ ڪئِ سنگ مها پنيت
ساڌ ڪئِ سنگ ڪس سئُ نهين بئر
ساڌ ڪي سنگ نه بيگا پئر
ساڌ ڪئِ سنگ ناهي ڪو مندا
ساڌ سنگ جاني پرمانندا
ساڌ ڪئِ سنگ ناهي هئُ تاپ
ساڌ ڪئِ سنگ تجهئِ سڀ آپ
آپي جانئِ ساڌ بڏائي
نانڪ ساڌ پربو بن آئي.

ترجمو

ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، دشمن بہ ٿا يار ٿين
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پوتر ٿا وهدوار ٿين
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، رکن نہ ڪنهنسان وروڌ ۽ وير
ساڌن ڪن سنگت جيڪي، ڪين ڪڍن سي اُبتو پير
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، بہ و نہ ڪنهنکي پائڻ ٿا
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، انهد آنند پائن ٿا
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، هٺ نہ رکن ۽ ضد نہ رکن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، آپو ۽ اهنڪار نہ ڪن
ساڌن ۽ سنتن جي مهما جاڻط وارو جاڻي پاڻ
پگتن ۽ پڳوان ڪي **نانڪ** هڪڙو روپ ڪري تون جاڻ.

٦

ساڌ کي سنگ نهين ڪڇ گهال
درسن ڀيٽت هوت نهال
ساڌ کي سنگ ڪلوکت هري
ساڌ کي سنگ نرک پر هري
ساڌ کي سنگ ايها اوها سهيلا
ساڌ سنگ بڇرت هر ميلا
جو اڇي سوئي ڦل پاوي
ساڌ کي سنگ نه برٿا جاوي
پار برهم ساڌ رد بسي
نانڪ اڌري ساڌ سن رسي.

ترجمو

ساڌن جي ڪن سنگت جي، دک ڪين ڏسن، غم ڪين پسن
ساڌن جو ڪن درشن جيڪي، آنند ڪن ۽ شاد رهن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پاپ سڀيئي ناس ٿين
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، نرک جي باھ کان صاف بچن
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، لوڪ سکي پرلوڪ سکي
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، وڇڙيل پي تا ملن اچي
ساڌن جي سنگت ۾ جيڪو ڦل چاهي سو ملٿو آ
ساڌن جو سنگ آهي انوکو، وئرٿ ڪين سو وڃٿو آ
سنتن جي هردي ۾ وسي ٿو، پاڙ نرنجن نرآڪار
تن سنتن جي سنگ ۾ **نانڪ** تنهنجو ٿيندو بيڙو پار.

٥

ساڌ ڪيءِ سنگہ سڀ ڪل اُڌاريءِ
ساڌ سنگہ ساجن ميت ڪٽنب نستاريءِ
ساڌ ڪيءِ سنگہ سو ڌن پاويءِ
جس ڌن تي سڀ ڪو ورساويءِ
ساڌ سنگہ ڌرمراء ڪري شيوا
ساڌ ڪي سنگہ سوڀا سر ديوا
ساڌو ڪيءِ سنگہ پاپ پلائن
ساڌ سنگہ انمرت گن گائن
ساڌ ڪيءِ سنگہ سرب ٿان گم
نانڪ ساڌ ڪيءِ سنگہ سڦل جنم.

ترجمو

ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، ڪٽنب قبيلو تارن ٿا
ساڌن جي ڪن سنگت جي، مترن کي پار اُڪارن ٿا
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، اهڙي دولت پائن ٿا
جنهن دولت سان ٻين کي پڻ ورسائي سکي بڻائن ٿا
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، ڌرمراج تنجي ڪري شيوا
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، ديون جهڙي ٿئي سوڀيا
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، پاپ سڀئي ڪافور ٿين
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، امرت روپي شبد چون
ساڌن جي ڪن سنگت جيڪي، هر منزل کي پائن ٿا
ساڌن جي سنگت ۾ نانڪ، سڦلو جنم بڻائن ٿا.

٨

ساڌ کي مهما بيد نہ جاڻئ
جيتا سنهہ تيتا بکياڻئ
ساڌ کي اُپما ترهہ گڻ تي دور
ساڌ کي اُپما رهي ڀرپور
ساڌ کي سوڀا کا ناهي انت
ساڌ کي سوڀا سدا بي انت
ساڌ کي سوڀا اوچ تي اوچي
ساڌ کي سوڀا مؤچ تي مؤچي
ساڌ کي سوڀا ساڌ بن آئي
نانڪ ساڌ پرڀ ڀيد نہ ڀائي.

ترجمو

پورن مهما سنتن جي خود وبد بہ ڪين ٻڌائن ٿا
جيکي ٻڌن ٿا، اهو ٻڌائن، ٻڌي ٻڌي گڻ ڳائن ٿا
اُپما تنجي آهي انوکي، چوڻ ڪرڻ کان آهي دور
شان انهن سنتن جو آهي، دنيا اندر تيو ڀرپور
سنت هري جا پيارا، جنجي سوڀيا جو ڪجهہ ناهي انت
شان آهي بي انت اُنهنجو، مهما تنجي آهي اگنت
هر اوچي کان اوچو ساڌو، وڏي وڏائي سنتن جي
اعليٰ کان بي اعليٰ آهن، مهما اوچي ڀڳتن جي
ساڌ جي سوڀيا ساڌن ساڻ سان جڳت ۾ تي نروار
نانڪ جيکي ساڌو آهن تن کان ناهي جدا ڪرتار.

٧

ساڌ ڪئي سنگ سنئي هر ناءُ
ساڌ سنگ هر ڪي گن گاءُ
ساڌ ڪئي سنگ نہ من تي بسرئي
ساڌ سنگ سر پر نسترئي
ساڌ ڪئي سنگ لگئي پرڀ مينا
ساڌ سنگ گهٽ گهٽ ڏيسنا
ساڌ سنگ ڀئي آگياڪاري
ساڌ سنگ گت ڀئي هماري
ساڌ ڪئي سنگ مٽي سڀ روڳہ
نانڪ ساڌ ڀيٽي سنجوڳہ.

ترجمو

ساڌن جو ڪر سنگ، هريءَ جو نام ٻڌي سگهہ پائيندين
ساڌن جو ڪر سنگ تون، هڪڙي گوبند جا گڻ ڳائيندين
ساڌن جو ڪر سنگ، انهن جي سنگ ۾ نام نہ وسري ٿو
سنتن جو سنگ مڪتيءَ وارو، هرڪو پرانيءِ اُڌري ٿو
سنتن جو ڪر سنگ، هريءَ جو مٺڙو نام منو سمجهي
سنتن جو ڪر سنگ، سڀن جي گهٽ گهٽ ۾ هڪ سو سمجهي
ساڌن جي اُني سنگت ۾ اِنسان تو مڃنا وارو ٿئي
ساڌن جي اُني سنگت ۾ تو پاپين جو نيتارو ٿئي
ساڌن جي اُني سنگت ۾ سڀ روڳي روڳہ مٽائين ٿا
نانڪ تن جا ڀاڳہ ڀلا، جي سنتن جو سنگ پائن ٿا.

اشٽپدي ٨

ٻرهم گياني سدا نرليپ
جيسي جل مهه ڪمل اليپ
ٻرهم گياني سدا نردوک
جيسي سُور سرب ڪئه سوک
ٻرهم گياني ڪيئ درشٽ سمان
جيسي راج رنڪ ڪئه لاگيئ تل پوان
ٻرهم گياني ڪيئ ڌيرج ايڪ
جئه بسنڌا ڪوئُو کودئي ڪوئو چندن ليپ
ٻرهم گياني ڪا اِهيئ گڻاءُ
نانڪ جئه پاوڪ ڪا سهج سڀاءُ.

ترجمو

ٻرهم گياني دنيا اندر رهي، رهي دنيا کان دور
جل جي اندر ڪمل رهي جيئن، ڇهي نه اُنکي پاڻي مور
ٻرهم گياني جيڪي، تن کي پاپ نه ليپ لڳائي ٿو
سورج ٻهنجي گرميءَ سان جيئن هرڪا چيز سڪائي ٿو
ٻرهم گياني جيڪو آهي، ڏسي ٿو سڀني کي يڪسان
جيئن هڪجهڙي لڳي هوا، ڪنگال هجي يا ڪو ڏنوان
ٻرهم گياني هرڪنهن حال ۾ ڌيرج سان دل لائي ٿو
جيئن کو ڏرتي کوٽي ٿو، ڪو چندن ليپ لڳائي ٿو
ٻرهم گيانيءَ ۾ گڻ ڪيئي، آهي زماني ۾ گڻوان
اَگنيءَ جهڙو سڀاءُ اُن جو **نانڪ** آهي نيڪ اِنسان.

سلوڪ

من ساچا مک ساچا سوء
اور نہ پیکيۓ ايکس بن کوء
نانڪ اهہ لچھڻ برهم گياني هوء.

ترجمو

من ۾ جنجي سچ وسي، هردو جنجو پاڪ،
صورت مان سچ ٿو بکي، سچا ٿا بولين واڪ
ٻئي کي ڏسن کيئن کيئي، هڪ جو ڪن درشن
برهم گياني سي سچا، نانڪ ٿا سڏجن.

٣

برهم گياني سگل کي رينا
آتم رس برهم گياني چينا
برهم گياني کي سڀ اوپر مئيا
برهم گياني تي ڪڇ برا نہ ڀئيا
برهم گياني سدا سم درسي
برهم گياني کي درشٽ انمرت برسي
برهم گياني بندن تي مڪتا
برهم گياني کي نرمل جڳتا
برهم گياني کا ڀوجن گيان
نانڪ برهم گياني کا برهم ڌيان.

ترجمو

برهم گياني سڀ جي ٻڌجي خاڪ: پاڻ کي خاڪ سڏائي ٿو
برهم گياني من ئي مــن ۾ آتم رس ورتـائـي ٿو
برهم گياني جيڪو آهي سڀني ساڻ ڀلائي ڪري
برهم گياني دشمن سان ڀي ڀلجي کي برائي ڪري
برهم گياني پنهنجي درشٽي ۾ ڪا دوئي بہ نہ ڌاري ٿو
امرت روپي نيڻن سان هؤ امرت سڀ کي پياري ٿو
برهم گياني آهي سوتنتر بندن کان نت آهي دور
برهم گياني جو من آهي نرمل جڳتيءَ سان ڀرپور
برهم گياني جيڪو آهي، گيان جو ڀوجن کائي ٿو
برهم گياني جيڪو **نانڪ**، برهم جو ڌيان لڳائي ٿو.

٢

برهم گياني نرمل تي نرملا
جئسي مئل نہ لاگئ جلا
برهم گياني ڪئ من هوءِ پرگاس
جئسي ذر اوپر آڪاس
برهم گياني ڪئ متر شتر سمان
برهم گياني ڪئ ناهي ايمان
برهم گياني اوچ تي اوچا
من اپنئ هئ سب تي نيچا
برهم گياني سي جن پئي
نانڪ جن پرب آپ ڪرئ.

ترجمو

برهم گياني جيڪو آهي، پوتر آهي، نرمل آ
پاڻيءَ کي ڪجهه ميل نہ لڳندي، پاڪ ۽ اوجل جئن جل آ
برهم گياني جيڪو آهي، تنهجي من ۾ نت پرڪاش
چانڊ ڪري جئن بينو آهي، ساري ذرتيءَ تي آڪاش
برهم گياني سمجهي هردم شتروءَ کي پڻ متر سمان
برهم گياني جيڪو آهي، تنهن کي ناهي مان گمان
برهم گيانيءَ جو هر عزت واري کان آ اوچو شان
پاڻ کي تہ بہ هو نيچ سڏائي جو نو ڪين ڪري ايمان
برهم گياني سوئي بڻي، رب جنهنکي پاڻ بڻائي تو
نانڪ گيان اهو تو پائي، جنهنکي پاڻ بڏائي تو.

۵

ٻرهم گياني ڪيءَ ايڪئي رنگ
ٻرهم گياني ڪيءَ ٻسيءَ ٻرڀ سنگ
ٻرهم گياني ڪيءَ نام آڌار
ٻرهم گياني ڪيءَ نام پروار
ٻرهم گياني سدا سدا جاگت
ٻرهم گياني اهنبڌ تياگت
ٻرهم گياني ڪيءَ من پرمانند
ٻرهم گياني ڪيءَ گهر سدا آنند
ٻرهم گياني سک سهج نواس
نانڪ ٻرهم گياني ڪا نهي ٻناس.

ترجمو

ٻرهم گياني هڪڙي رنگ ۾ رڱجي ٿو هڪ رنگ ٿئي
ٻرهم گياني ساڻ هميشه پرميشور جو سنگ ٿئي
ٻرهم گياني هڪڙي الک جي نام کي سمجهي ٿو آڌار
ٻرهم گياني نارائڻ جي نام کي سمجهي ٿو پروار
ٻرهم گياني هوش رکي ٿو، ٻرهم گياني جاڳي ٿو
ٻرهم گياني ڪين ڪري ايمان ۽ خوديءَ کي تياڳي ٿو
ٻرهم گياني من ئي من ۾ آنند خوشيون مڻائي ٿو
ٻرهم گياني گهر ئي گهر ۾ سک جا درشن پائي ٿو
ٻرهم گياني پل پل اصلي آنند اندر گهاري ٿو
نانڪ ٻرهم گياني جيڪو، موت نه اُن کي ماري ٿو.

۴۰

ٻرهم گياني ايڪ اوپر آس
ٻرهم گياني ڪا نهي بناس
ٻرهم گياني ڪيءِ غريبي سماها
ٻرهم گياني پر اُپڪار اُماها
ٻرهم گياني ڪيءِ ناهي ڌنڌا
ٻرهم گياني لي ڌاوت ٻنڌا
ٻرهم گياني ڪيءِ هوءِ سيلا
ٻرهم گياني سڦل ڦلا
ٻرهم گياني سنگ سگل اُڌار
نانڪ ٻرهم گياني جپيءِ سگل سنسار.

ترجمو

ٻرهم گياني هڪ کي ڄاڻي، هڪ ۾ اُنجي آهي آس
ٻرهم گياني ابناسي آ، ڪين انهيءَ جو ٿيندو ناس
ٻرهم گياني آهه نماڻو، ”واهه غريبي“ ڌاري ٿو
ڪارج وارن جا تن من سان ڪارج پاڻ سنواري ٿو
ٻرهم گياني ڪين اچي دنيا جي گورک ڌنڌي ۾
پنهنجي من کي وس ۾ آڻي، ڦاسي ڪين ٿو ڦندي ۾
ٻرهم گياني ڪان ٿئي هردم ڪار ڀلي، وهنوار ڀلو
ٻرهم گياني ڦولي ڦلي ۽ ڪري ٿو هر پرڪار ڀلو
ٻرهم گياني جو سنگ سڀ جو ٻيڙو پار لڳائي ٿو
نانڪ ٻرهم گيانيءَ جو سنسار سڄو گڻ ڳائي ٿو.

٧

برهم گياني کي قيمت ناهه
برهم گياني کي سگل من ماهه
برهم گياني کا کؤن جاني ڀيد
برهم گياني کءُ سدا آديس
برهم گياني کا ڪٿيا نہ جائي اڌ اکر
برهم گياني سرب کا ٺاکر
برهم گياني کي مت کون بکاڻيءِ
برهم گياني کي گت برهم گياني جاڻيءِ
برهم گياني کا انت نہ پار
نانک برهم گياني کءُ سدا نمسکار.

ترجمو

برهم گياني آهي املهہ، ملهہ انجو سمجهڻ آهي محال
برهم گياني سيڪجهہ ڄاڻي سمجهي ٿو هو سارو حال
برهم گياني جو ڀجهہ مشڪل، ڀيد نہ ڪوئي سلي سگهي
اهڙي برهم گياني کي نت پرڻام ڪجي، پرڻام ڪجي
برهم گيانيءَ جي مهما اڌ ٻي حرف لکڻ دشوار
برهم گياني جيڪو آهي، دنيا ساريءَ جو سردار
برهم گيانيءَ جي اندر جو راز نہ ڪوئي ڄاڻي ٿو
برهم گياني، برهم گيانيءَ کي ئي صرف سڃاڻي ٿو
برهم گياني جو ڪجهہ ناهي انت، آهي بي انت مدام
نانک اهڙي برهم گيانيءَ کي هٿ جوڙي کر پرڻام.

٦

برهم گياني برهم ڪا بيتا
برهم گياني ايڪ سنگ هيتا
برهم گياني ڪئي هوءِ اچنت
برهم گياني ڪا نرمل منت
برهم گياني جس ڪريءِ پربپ آپ
برهم گياني ڪا بڏ پرتاپ
برهم گياني درس بڏ ڀاڳي پائيئي
برهم گياني ڪئہ بل بل جائيئي
برهم گياني ڪئہ کوجهہ مهيسر
نانڪ برهم گياني آپ پرميشور.

ترجمو

برهم گياني جيڪو آهي، پار برهم کي ڄاڻي ٿو
پريم رکي هڪ پربوءَ سان ٿو، مزو ملڻ جو ماڻي ٿو
برهم گيانيءَ کي ڪا چنتا ناهي، ۽ غم نہ اُن کي ستائي ٿو
برهم گياني پاڪ پوتر پنهنجو مت بڻائي ٿو
برهم گياني سوئي، جنهن کي پربو پاڻ ڏئي ٿو گيان
برهم گيانيءَ جو دنيا ۾ وڏو وڏن ڪان آهي شان
ڀاڳہ واري کي ڀاڳہ سان ٿئي ٿو برهم گيانيءَ جو ديدار
تن من سان بلهار ٿجي ان برهم گيانيءَ تان بلهار
برهم گياني جيڪو آهي، ڳولهي ان کي مهيشور پاڻ
نانڪ پورڻ برهم گياني آهي خود پرميشور پاڻ.

سلوڪ

اُرڌارِ جو انتر نام - سرب مي ڀيکئي ڀڳوان
نمکر نمکر نانکر نمسکاري - نانڪ اوه اپرس سگل نستاري

ترجمو

جنهن من اندر ٿو وسي، پرميشور جو نام
گهٽ گهٽ ۾ سوئي ڏسي، هردم هڪڙو رام
پل پل ان ڀڳوان کي نت ڪري پرڻام
نانڪ تياڳي آهي سو، تاري جڳت مدام.

٨

برهم گياني سڀ سرشٽ ڪا ڪرتا
برهم گياني سد جيوئِ نهي مرتا
برهم گياني مڪت جڳت جيئه ڪا داتا
برهم گياني پورن پورک بڌاتا
برهم گياني اناٿ ڪا ناٿ
برهم گياني ڪا سڀ اوپر هاٿ
برهم گياني ڪا سگل آڪار
برهم گياني آپ نرنڪار
برهم گياني ڪي سوڀا برهم گياني بڻي
نانڪ برهم گياني سڀ ڪا ڌني .

ترجمو

برهم گياني هرتا ڪرتا، سارو جڳت هلائي ٿو
برهم گياني آهي جيئرو، ڪال نہ تنهن کي کائي ٿو
برهم گياني جڳتي بخشي، مڪتيءَ جو ٿو بخشي دان
برهم گياني ورداتا آ، برهم گياني خود ڀڳوان
برهم گياني هيڻن جو همراه اڌيڻن جو آڌار
مهر جو هٿ ٿو رکي مٿن تي ڏين ڏکين جو نت دلدار
برم گياني جيڪو آهي، ان جو آهي ڪل سنسار
برهم گياني جيڪو آهي، آهي نرنجن نرآڪار
برهم گياني جيڪو آهي، ان جي سوڀيا برهم گيان
برهم گياني سڀ جو مالڪ، **نانڪ** آهي سو سلطان.

٢

بشنو سو، جس او پرس پرسن
بشن کي مائيا تي، هوء ڀن
کرم کرت، هووئي نه کرم
تس بشنو کا نرمل ڌرم
کاهو ڦل کي، اڇا نهين باڇئي
کيول ڀگت، کيرتن سنگ راچئي
من تن انتر، سمرن گوپال
سڀ اوپر، هووت کرپال
آپ درڙئي، اوره نام جپاوئي
نانڪ اوه بشنو، پرم گت پاوئي.

ترجمو

سوئي ويشنو آهي، جنهن تي راضي آهي هڪ ڪرتار
سمجهو وشنو سوئي جيڪو مايا موه کان آهي ڌار
ڪرم ڪري نشڪام جڳت ۾، اهو اوچو ڌرم ڪرم ڪري
ويشنو آهي سوئي جنهجو پاڪ پويتر ڌرم رهي
ڪرم ڪريتو دل سان ليڪن ڦل ڏي ڪين نهاري ٿو
گڻ واري جا گڻ ڳائي ٿو، ڌيان ڌڻيء جو ڌاري ٿو
ياد ڪري ٿو تن من سان ان پريو پالڻ هاري کي
سمري ٿو ان سائين کيء داتا رحمت واري کي
پاڻ بہ سمري صاحب کيء ٻين کي ٻي سمرائي ٿو
نانڪ سوئي وشنو آخر پرم گتي کي پائي ٿو.

اشٽپدي ٩

مٿيا ناهي رسنا پرس
من مهه پريت، نرنجن درس
پر ترئہ روپ، نہ پيکئي نيتر
ساڌ کي ٽهل، ستسنگ هيت
کرن نہ سني کاهوُ کي نندا
سڀ تي جانئي آپس کئہ مندا
گور پرساد، بکيا پر هرئي
من کي باسنا من تي ٽرئي
اندري جت، پنج دوک تي رهت
نانڪ کوٽ مڌئي، کو ائسا اپرس

ترجمو

ڪوڙ تياڳي، جو سچ بولي، سچ سان نينهن لڳائي تو
من ۾ پريم پريوءِ جو ۽ ديدار جو شوق وڌائي تو
ٻري ياؤ سان پر ناريءَ جي روپ ڏي ڪين نهاري تو
ساڌ فقير جي شيوا ڪري تو، پريم هردي ۾ ڌاري تو
پنهنجي ڪنن کي ٻين پرائي بدڻ کان هردم روڪي تو
پاڻکي سمجهي سڀ جو بندو سڀني کان گهٽ سمجهي تو
گر جي ڪرپا سان من پنهنجو وشين ۾ نہ اڙائي تو
دور ڪري نفساني خواهش، من کي صاف بڻائي تو
اِندريون پنهنجون جيتي تو ۽ دور ڪري تو پنج وڪار
نانڪ لکن ڪروڙن ۾ تو اهڙو تياڳي ڪو ئي نروار.

۴

سو پنڊت، جو من پر بوڌيءِ
رام نام، آتم مهہ سوڌيءِ
رام نام، سار رس پيوءِ
اُس پنڊت کيءِ اپديش، جگ جيوءِ
هر کي ڪٿا، هردئِ بساوءِ
سو پنڊت، ڦر جون نہ آوءِ
بيد پران سمرت، بوجهيءِ مُول
سوکم مهہ، جانيءِ استول
چهہ ورنا کءُ، دي اپديش
نانڪ اُس پنڊت کءُ سدا آديس.

ترجمو

پنڊت سوئي، پهرين پنهنجي من کي جو پربوڌ کري
من ئي من ۾ مالڪ ڳولهي، مالڪ جو تو ڌيان ڌري
رام نام کي امرت سمجهي پريم سان امرت خاص پئي
ان پنڊت جي اُپديشن کي سڻي سڄو سنسار جئي
ڳالهيون ٻڌي اُن گرط واري جون هردي سارط هنڊائي تو
جمرط مرط کان رهت رهي، سو پنڊت جوُط نہ پائي تو
وبد پراط سمرتين جو هو اصلي شان سڃاڻي تو
ٻوند کي ساگر سمجهي تو، استول کي سوکيم جاڻي تو
چئني ورنن کي جو پنڊت هڪجهڙو اُپديش ڪري
نانڪ اهڙي پنڊت کي آديش سدا آديش ڪري.

٣

پگوتي پگونت، پگت کا رنگ
سگل تياڳيءَ، دشٽ کا سنگ
من تي بنسيءَ، سگلا ڀرم
کر پوجيءَ، سگل پار برهم
ساڌ سنگ، پاپا مل کوويءَ
تس پگوتي کي، مت اوتم هوويءَ
پگونت کيءَ ٽهل، کريءَ نت نيت
من تن ارپيءَ، بشن پريت
هر کي چرن، هردي بساويءَ
نانڪ ائسا پگوتي، پگونت کڻ پاويءَ.

ترجمو

جنهن جو نانءُ ڀڳوتي، سو ڀڳتيءَ ۾ هردم رتو رهي
پاپ ڪپٽ کي تياڳي ٿو ۽ پاپين جو ٿو سنگ ڇڏي
ڀرم من ۾ هڻ ڪين ٿو پلجي، سنسو وهم مٽائي ٿو
سڀني ۾ هڪ سائين سمجهي، اُنکي سيس جهڪائي ٿو
ساڌن سنتن جي سنگت ۾ پنهنجا پاپ مٽائي ٿو
سوئي ڀڳوتي آهي جيڪو عقل اتوڪو پائي ٿو
پريم پاؤ ۽ ڀڳتيءَ سان ڀڳوان جي شيوا ڀڳت ڪري
پريت رکي پريوءَ سان تن من چرنن ۾ ٿو پيٽ ڌري
چرن ڪمل ان ٺاڪر جا من مندر ۾ هڻ وسائي ٿو
سوئي ڀڳوتي **نانڪ** ان ڀڳونت کي آخر پائي ٿو.

٦

جس کي مَن، پار برهم کا نواس
تس کا نام، ست رامداس
آتم رام، تس نظري آئيا،
داس دسنتڻ ڀاءِ، تن پائيا
سدا نڪٽ، نڪٽ هر جان
سو داس، درگهه پروان
اپني داس ڪئُ، آپ ڪرپا ڪري
تس داس ڪئُ، سڀ سوجهي پري
سگل سنگ، آتم اُداس
اَئسي جگت، **نانڪ** رامداس.

ترجمو

جنهن جي پاڪ پوتر مَن ۾ پار برهم جو آهي واس
نالو ان جو رامداس آ، سچو رام جو آهي داس
ان کي سڀ ۾ ساکي، سرجڻهار نظر ۾ آيو آ
داسن جو تنهن داس چوائي پنهنجو شان وڌايو آ
واليءَ کي هو وڄهو سمجهي، حاضر ناظر ڄاڻي ٿو
رام جو پيارو داس اُهو درگاه ۾ عزت ماڻي ٿو
پرڀو پنهنجي پوڄاريءَ تي فضل جڏهن فرمائي ٿو
دنيا جا ڳجهه ڄاڻي ٿو هو، راز نرالا پائي ٿو
دنيا اندر رهي به ٿو ءُ دنيا اندر آهي اُداس
اهڙو ڀڳتيءَ وارو **نانڪ** آهي جڳت ۾ رام جو داس.

۵

پيج منتر، سرب کو گيان
ڇه ورنا مهه، جپيءِ ڪوئُو نام
جو جو جپيءِ، تس ڪيءِ گت هوءِ
ساڌ سنگ، پاويءِ جن ڪوءِ
ڪر ڪرپا، انتر أر ڌاريءِ
پس پريت، مگهد پاٿر ڪئه تاريءِ
سرب روگ ڪا اؤکد نام
ڪلياڻ روپ، منگل گڻ گام
ڪاهو جگت، ڪتيءِ نه پائيئيءِ ڌرم
نانڪ تس مليءِ، جس لکيا ڌر ڪرم.

ترجمو

جيڪي منتر جڳ ۾ آهن، تنجو تت هڪ آهي گيان
ذات پات جو ٻنڌن ناهي، ڪوبه الڪه جو ڌاري ڌيان
مکتيءَ جو پد پائيندو سو، جيڪو نام ڌيائيندو
قسمت وارو ڀاڳن وارو ساڌن جو سنگ پائيندو
جنهنتي ڪرپا خاص ٿئي ٿي، رام جو نام اُچاري ٿو
دئت ۽ مورک حيوانن کي سوئي پار اُڪاري ٿو
رام جو نالو آهي دارون، ڏک ۽ درد ڪري ٿو دور
نام جي سمرڻ سان أي من کي آنند اچڻو آهي ضرور
جڳتيءَ سان ۽ ڌرم ڪرم سان پائڻ رب کي مشڪل آ
ڀاڳ ڀلو جنهن جو **نانڪ**، ان کي هري حاصل ٿيو آ.

٨

پار برهم کي سگلي ٺاءِ
جت جت گهر راکيءِ، تئسا تن ناءِ
آپي کرن کراوڻ جوگ
هرپ ڀاوي سوئي ڦن هوگ
پسرئو آپ، هوءِ اَنت ترنگ
لکي نه جاءِ، پار برهم کي رنگ
جئسي مت ديئه تئسا پرگاس
پار برهم کرتا ابناس
سدا سدا سدا دئيال
سمر سمر، نانڪ ڀئي نهال.

ترجمو

هرهنڌ حاضر ناظر آهي، مالڪ جو هر جاءِ مقام
جهڙي رنگ ۾ رام رکي ٿو، ملي ٿو ان جهڙو ئي نام
جيڪي چاهي سوئي ڪري، سڀ ڪرڻ ڪرائڻ وارو پاڻ
پنهنجي مرضيءَ سان سڀ سنسار هلائڻ وارو پاڻ
هر جا رب جو جلوو آ، هر شيءِ ۾ پاڻ سمايو آ
رنگ نرالو رنگيءَ جو سمجهڻ ۾ ڪنهن کي نه آيو آ
جهڙي جنهن کي سمت ڏئي ٿو، تهڙو انجو ٿئي پرڪاش
لافاني رب آهي هميشه، ابناسيءَ جو ٿئي نه ناس
هردم هردم هردم سوئي، داتا آهي پاڻ دئيال
نانڪ انجو سمرڻ واجب، سمرڻ سان ئي ٿيو نهال.

۷

پرڀ کي آگيا، آتم هِتاوئِي
جيون مکت، سوئُوُ ڪهاوئِي
تئسا هرک، تئسا اُس سوُگ
سدا آنند تھ نهِي بئوُگ
تئسا سورن، تئسي اُس ماٽي
تئسا امرت، تئسي بک کاٽي
تئسا مان، تئسا اپمان
تئسا رنک، تئسا راجان
جو ورتائي، سائي جگت
نانڪ اوهہ پرک، کهيئي جيون مکت.

ترجمو

حڪم ڌڻيءَ جو جنهنکي، پنهنجي جان ٿو جند کان پيارو آ
جيون مکت سو آهي، ان جو جيئري ئي نيتارو آ
سک ڏک کي هڪجهڙو سمجهي، خوش نہ ٿئي ٿو غم نہ ڪري
آهي انوکي آنند ۾، ونجوڳ جو ڪو ماتم نہ ڪري
سمجهي ٿو هڪجهڙو سيڪي، سون هجي يا مٽي هجي
زهر هجي يا امرت، يا ڪا چيز ڪڙي يا مٺي هجي
ڪنهنسان ان جو مطلب ناهي، مانُ هجي اپمان هجي
سمجهي يڪسان سڀني کي، ڪنگال هجي ڌنوان هجي
سائي چڱي ٿو سمجهي سالڪ، جيڪا رب منظور ڪري
جيون مکت اهوئي **نانڪ** بندن کي ٿو دور ڪري.

اشٹپدي ۱۰

ڪئي ڪوٽ، هوئي پڄاري
ڪئي ڪوٽ، آچار بٹهاري
ڪئي ڪوٽ، ڀئي تيرٿ واسي
ڪئي ڪوٽ، بن ڀرمهه اُداسي
ڪئي ڪوٽ، بيد ڪي سروتي
ڪئي ڪوٽ، تپيسر هوتي
ڪئي ڪوٽ، آتم ڌيان ڌارهه
ڪئي ڪوٽ، ڪب ڪاب بيچاره
ڪئي ڪوٽ، نوتن نام ڌياوه
نانڪ ڪرتي ڪا، انت نہ پاوهہ.

ترجمو

لکين ڪروڙين آهن، جيڪي نام جا آهن پوڄاري
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي آچاري ۽ وهنواري
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي تيرٿ پيشيدا ٿا رهن
لکين ڪروڙين دنيا تياڳي، بن ۾ گهمن ۽ ڪشٽ سهن
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي شاستر ويد ٻڌن وينا
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي جپ تپ پوڄا ڪن وينا
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي من ۾ ڌيان لڳائن ٿا
لکين ڪروڙين شاعر آهن، شعرن ۾ گُڻ ڳائن ٿا
لکين ڪروڙين نام جپي ۽ نام سان نينهن لڳائن ٿا
نانڪ اُن ڀي انت جو ليڪن انت نہ ڪوئي پائن ٿا.

سلوڪ

اُستت ڪره انيڪ جن، انت نہ پارا وار
نانڪ رچنا پرڀ رچي، ٻھ بڌ انڪ پرڪار

ترجمو

ڪجي انهيءَ جي اُستتي، جنهنجو انت نہ پار
نانڪ رچنا رب رچي، جنهنجو ناھ شمار.

٣

ڪئي ڪوٽ، سڌ جتي جوڳي
ڪئي ڪوٽ، راجي رس ڀوڳي
ڪئي ڪوٽ، پنکي سرپ اُپائي
ڪئي ڪوٽ، پاٿر برک نپجائي
ڪئي ڪوٽ، پوڻ پاڻي بئسنتر
ڪئي ڪوٽ، ديس ڀو منڊل
ڪئي ڪوٽ، سسي اَر سوُر نڪيتر
ڪئي ڪوٽ، ديو دانو اِندر سر ڇتر
سگل سمگري، اپني سوتر ڌاري
نانڪ جس جس ڀاوئي، تس تس نستاري

ترجمو

لکين ڪروڙين بندا آهن، سنت سڄان جتي جوڳي
لکين ڪروڙين راجائون، جي ڀوڳي ڀوڳ ٿين ڀوڳي
لکين ڪروڙين پکي پرندا، لکين ڪروڙين نانگ ٿيا
لکين ڪروڙين پهاڙ آهن، لکين ڪروڙين وڻ ٿي ويا
لکين ڪروڙين باهه، هواءِ پاڻيءَ جا ٿا قسم ڏسون
لکين ڪروڙين ڏسون زميدون، سائينءَ جا ٿا رنگ پسون
لکين ڪروڙين روشن آهن، سج چنڊ تارا ڪنيون اپار
لکين ڪروڙين دئت ديوتا، راجائن جو ناهي شمار
پرميشور جي ڏوريءَ اندر بڌو پيو جڳ سارو آ
نانڪ جنهن تي مهر ڪمي ٿي، اُن جو ئي نيتارو آ.

٢

ڪئي ڪوٽ، پئي ايمانـي
ڪئي ڪوٽ، انڌ اَگيـانـي
ڪئي ڪوٽ، ڪرپن ڪٺور
ڪئي ڪوٽ، ابگ آتم نڪور
ڪئي ڪوٽ، پر درب ڪئي هرهه
ڪئي ڪوٽ، پر دوکـنا ڪرهه
ڪئي ڪوٽ، مائيا سرم ماهه
ڪئي ڪوٽ، پرديس پـرماهه
جت جت لاوهه، تت تت لـگنا
نانڪ ڪرتي ڪي، جاني ڪرتا رچنا.

ترجمو

لکين ڪروڙين بندا جيڪي، سرڪش ۽ مغرور ٿيا
لکين ڪروڙين انـڌا جيڪي گيان بنا بي نُور ٿيا
لکين ڪروڙين دنيا اندر پٿر دل ڪنجُوس رهن
لکين ڪروڙين دنيا اندر، مُوذي ۽ منحوس رهن
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي ٻئي جي چوري ڪن وينا
لکين ڪروڙين بين مٿان اِلـزام اجايـا هڻن وينا
لکين ڪروڙين آهن، جن کي آهي شوق ڪمائڻ جو
لکين ڪروڙين، شوق آ جن کي هر جا چڪر لڳائڻ جو
جنهن جنهن جاءِ تي جنهن کي رکي رب اتي ئي نانڪ رهڻو آ
پنهنجي رچنا پاڻ تـو ڄاڻي، ٻتو نـہ ٻئي کـي پوڻـو آ.

۵

ڪئي ڪوٽ، پاتال ڪي واسي
ڪئي ڪوٽ، نرڪ سرگ نواسي
ڪئي ڪوٽ، جنمهه جيوهه مرهه
ڪئي ڪوٽ، بهه جوني ڦرهه
ڪئي ڪوٽ، بئنت هي کاهه
ڪئي ڪوٽ، گهالهه ٿڪ پاهه
ڪئي ڪوٽ، ڪيئي ڌنونت
ڪئي ڪوٽ، مائيا مهه چنت
جهه جهه ڀاڻا، تهه تهه راکي
ناڻڪ سڀڪڇ، پرڀ ڪي هاٿي.

ترجمو

لکين ڪروڙين جيون جو پاتال جي اندر ٺاڻو آ
لکين ڪروڙن جيون جو ٿيو سرڳ ۽ نرڪ ٺڪاڻو
لکين ڪروڙين جنم وٺي سنسار ۾ آخر مريو وڃن
لکين ڪروڙين جوڻيون ڀوڳي، جوڻين ۾ ٿا ڦرن گهرن
لکين ڪروڙين اهڙا آهن، جو ويٺي ويٺي کائن ٿا
لکين ڪروڙين آهن، جي تڪليف سان رزق ڪمائن ٿا
لکين ڪروڙين آهن، جي ڌن وارا ٿا انسان ٿين
لکين ڪروڙن کي نت چنتا، ڪهڙي ۽ طرح ڌنوان ٿين
جن کي جٿي چاهي دانا، تن تن کين ٻڌائي ٿو
مرضي ۽ وارو آهي مالڪ، مرضي پنهنجي هلائي ٿو.

۴

ڪئي ڪوٽ، راجس تامس ساتڪ
ڪئي ڪوٽ، بيد پران سمرت اَر ساست
ڪئي ڪوٽ، ڪيئي رتن سمند
ڪئي ڪوٽ، نانا پرڪار جنت
ڪئي ڪوٽ، ڪيئي چر جيوي
ڪئي ڪوٽ، گري مير سورن ٿيوي
ڪئي ڪوٽ، جڪيه ڪنر پساچ
ڪئي ڪوٽ، ڀوُت، پريت سوڪر مرگاچ
سڀ تي نيرڙيُ، سڀهو تي دور
نانڪ آپ الپت رهيا ڀرپوُر.

ترجمو

لکين رجو گڻ لکين تمو گڻ، لکين ستو گڻ جا انسان
لکين ڪروڙين شاستر آهن، لکين ڪروڙين ويد پران
لکين ڪروڙين ساگر آهن، موتي لعل اُپائن ٿا
لکين ڪروڙين جانور آهن، جنجا روُپ ڏکائن ٿا
لکين ڪروڙين ماڻهو آهن، عمر وڏي جي پائن ٿا
لکين ڪروڙين جبل سون جا، لوڀين کي للچائن ٿا
لکين ڪروڙين حوُر پريون ۽ لکين ڪروڙين ٿيا انسان
لکين ڪروڙين ڀوُت پريت ۽ شينهن هرڻ ۽ ٻيا حيوان
ايشور تن سڀني کي ويجهو، ايشور تن کان دوُر به آ
نانڪ سڀ کان دوُر به آ ۽ سڀني ۾ ڀرپوُر به آ.

٧

ڪئي ڪوٽ، ڪاٽي اَر ڪنڊ
ڪئي ڪوٽ، آڪاس برهمنڊ
ڪئي ڪوٽ، هوئي اوتار
ڪئي جڳت، ڪينو بستار
ڪئي بار، پسرئو پاسار
سدا سدا اِڪ ايڪنڪار
ڪئي ڪوٽ، ڪيني بهه ڀات
پرڀ تي هوئِي، پرڀ ماهه سمات
تاڪا انت، نه جانئِ ڪوءِ
آپي آپ، نانڪ پرڀ سوءِ.

ترجمو

لکين ڪروڙين ڪاٽيون آهن، هر جاءِ آهن ڪنڊ اپار
لکين ڪروڙين عرش ٿيا ۽ لکين ڪروڙين ٿيا سنسار
لکين ڪروڙين دنيا ۾ اوتار نرالا ڌارين ٿا
لکين ڪروڙين جڳ پيا اڇن، جي رنگ عجب ڏيکارين ٿا
لکين ڪروڙين دفعا زمانو ٿهي پيو ۽ ڊهي پيو
قائم دائم آهي قادر، قائم دائم رهي پيو
هر هڪ شيءِ دنيا جي اندر پريو پاڻ بڻائي پيو
پاڻ مان پاڻ ڪري پيو پيدا، پاڻ ۾ پاڻ سمائي پيو
اَنت انهيءَ جو آهي اوکو، ڪير نه انجو پائي انت
پاڻ مان پاڻ بڻيو سو نانڪ، ناهي اُن بن ٻيو ڀڳونت.

٦

ڪئي ڪوٽ، ٿئي ٻيراڳي
رام نام سنگ، تن لِو لاڳي
ڪئي ڪوٽ، پربُ ڪؤ کوجنتي
آتم مهِ، پار برهم لهنتي
ڪئي ڪوٽ، درسن پربُ پياس
تن ڪؤ مليو، پربُ اَبناس
ڪئي ڪوٽ، مانگهِ ست سنگ
پار برهم تن لاگا رنگ
جن ڪؤ هوئي، آپ سُپرسن
نانڪ تي جن، سدا ڌن ڌن.

ترجمو

لکين ڪروڙين ويراڳي، جي دنيا کان منهن موڙين ٿا
لکين ڪروڙين نيڻهن رکي هڪ نام سان ناتو جوڙين ٿا
لکين ڪروڙين محب ملڻ لهٔ جت ڪٿ چڪر لڳائن ٿا
پنهنجي هردي اندر آخر، الک نرنجن پائين ٿا
لکين ڪروڙين آهن، جن کي نام جي هردم آهي پياس
نيٺ ملن ٿا مالڪ سان هو، ڪين ٿين ٿا ڪڏهن نراس
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي چاهين نشدن ٿا ستسنگ
پريم اُنهن هڪ پرميشور سان، لڳل نيڻهن جو دل کي رنگ
جن تي رام ٿئي تو راضي، تن جا آهن روشن ڀاڳ
نانڪ سيئي قسمت وارا، تن جا آهن ڌن ڌن ڀاڳ.

سلوڪ

ڪرڻ ڪارڻ پرڀ ايڪ هئي، دُوسر ناهي ڪوءِ
نانڪ تس بلهارڻئي، جل ٿل مهيئل سوءِ.

ترجمو

ڪري ڪرائي پاڻ تون، ڪير نہ ٻيو ڪرتار
جل ٿل ۽ اُڀ ۾ وسي، **نانڪ** مان بلهار.

٨

ڪئي ڪوٽ، پار برهم ڪي داس
تن هووت آتم پرگاس
ڪئي ڪوٽ، تت ڪي بيتي
سدا نهارهہ ايڪو نيتري
ڪئي ڪوٽ، نام رس پيوهہ
امر ڀئي، سد سدهي جيوهہ
ڪئي ڪوٽ، نام گن گاوهہ
آتم رس سک سهج سماوهہ
اپني جن ڪءُ ساس ساس سماري
نانڪ اوءِ پرميسر ڪي پياري.

ترجمو

لکين ڪروڙين آهن، جيڪي پار برهم جا آهن داس
روشن تنجي آهي آتما، تنجي من ۾ نت پرڪاش
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي سائين صاف سڃاڻن ٿا
سڀ ۾ هڪ جو نُور ڏسن ٿا، هڪڙي ڏٺيءَ کي جاڻن ٿا
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي نام جو امرت پيئن پيا
لکين ڪروڙين امر ٿين ٿا، جڳ جڳ هردم جيئن پيا
لکين ڪروڙين آهن، جيڪي گوبند جا گڻ ڳائن ٿا
روحاني آنند مـنـائين، سهج سهج سک پائين ٿا
هردم پنهنجن پيارن جي، ڪرتار لهي ٿو سار سنڀار
نانڪ سيئي رام جا پيارا، تن کي ملي ٿو رام جو پيار.

٢

پرڀ ڀاوئي مانک گت پاوئي
پرڀ ڀاوئي، تا پاٿر تراوئي
پرڀ ڀاوئي، بن ساس تي راکئي
پرڀ ڀاوئي، تا هر گڻ ڀاکئي
پرڀ ڀاوئي، تا پتت اڌارئي
آپ کرئي، آپن بيچارئي
دها سربا کا، آپ سوامي
کيلئي بگسئي، انتر جامي
جو ڀاوئي، سو کار کراوئي
نانک درشٽي، اور نه آوئي.

ترجمو

مالڪ جي مرضيءَ سان ٻُڊو ٻاڙ ڪي پار اُڪاري ٿو
مالڪ پنهنجي مرضيءَ سان درياه مان پٿر تاري ٿو
مالڪ کي منظور جڏهن ٿئي، مردا جيون پائين تا
مالڪ کي منظور جڏهن ٿئي، مالڪ جا گڻ ڳائين تا
مالڪ کي منظور جڏهن ٿئي، پاپين کي پي تاري ٿو
پاڻ ئي رچنا پنهنجي رچائي، پاڻ ئي خود ويچاري ٿو
ٻئي زمانا هٿ ۾ ان جي، پاڻ ٻنهي جو سوامي آ
پنهنجا کيل ڏسي پيو خوش ٿئي، پاڻ ئي انترجامي آ
نانڪ جيڪا اُن جي مرضي، سائي ڪار ڪرائي ٿو
مالڪ بن ٻيو ڪين ڏسون ٿا، پنهنجو پاڻ پسائي ٿو.

اشٽپدي ١١

ڪرن ڪراون، ڪرنيءَ جوڳ
جو تس ڀاويءَ، سوئي هوڳ
کن مهه ٿاپ، اُٿاپن هارا
انت نهين، ڪڇ پارا وارا
حڪمي ڌار، اَڌر رهاويءَ
حڪمي اپجيءَ، حڪم سماويءَ
حڪمي اوُچ نيچ بِئِهار
حڪمي انڪ رنگ پرڪار
ڪر ڪر ديکيءَ، اپني وڏيائي
نانڪ سڀ مهه، رهيا سمائي.

ترجمو

ڪرڻ ڪرائڻ وارو آهي، هر ڪنهن ڪم جو ڪارڻ پاڻ
جيڪي چاهي سوئي ٿيندو، حڪم انهيءَ جو آهي ساڻ
پل ۾ ٿاهي پل ۾ ڍاهي، ڪري پيو پنهنجا ڪم ڪرار
مايا ان مالڪ جي نياري، جنهنجو انت نه آهي پار
اُنجو حڪم سهارو سڀ جو، خود نه سهارو پائي ٿو
دنيا پيدا ڪري حڪم سان، پاڻ ۾ سائي سمائي ٿو
حڪم سان اوچ ۽ نيچ ٿين ٿا، حڪم سان ٿو وهنوار هلي
حڪم سان رنگا رنگ نظارا، حڪم سان ٿو سنسار هلي
پاڻ بڻائي پاڻ ڏسي پيو، سندس عجائب آهي شان
نانڪ هر هڪ شيءِ ۾ آهي، پاڻ سمايل هڪ يگوان.

۴

کن مهه نيچ ڪيٽ ڪئه راج
پار برهم غريب نواج
جا کا درشٽ، ڪڇو نه آوئي
تس تتڪال، ده دس پرگٽاوئي
جا کئه اپني، ڪرئي بخشيش
تا کا ليکا، نه گنئي جگديش
جيئه پنڊ سڀ تسکي راس
گهٽ گهٽ پورن برهم پرگاس
اپني بڻت، آپ بڻائي
نانڪ جيوئي، ديکه بڏائي.

ترجمو

پل ۾ عاجز ڪيڙي کي دنيا جو راج ڏياري ٿو
اهو پارب غريبن جا سڀ بگڙيل ڪارج سنواري ٿو
جنهنجو ڪوئي نانءُ نه آءِ ڪير نه اُن کي ڄاڻي ٿو
تالو اُن جو روشن ٿئي ٿو، هر ڪو ڪيس سڃاڻي ٿو
جنهنجي سر تي مالڪ پنهنجي مهر ميا جو دست ڌري
ليکو اُنکان پڇي نه ڪوئي، ليکو اُن سان ڪير ڪري؟
تن من ۽ ڌن اُن جو آهي، شان ظهور انهيءَ جو آ
هر هڪ دل ۾ هر هڪ من ۾، روشن نور انهيءَ جو آ
دنيا ۽ دنيا جا پدارٿ، پريو پاڻ بڻائي ٿو
نانڪ اُن جو شان ڏسي ٿو، جيئن ۽ مهما ڳائي ٿو.

٣

کهه مانک تي، کيا هوء آوئي

جو تس پاوئي، سوئي کراوئي

اِس کئي هات هوء، تا سڀ کڇ ليئہ

جو تس پاوئي، سوئي کريئہ

اَن جانت، بکيا مهہ رچئي

جي جانت، آپن آپ بچئي

ڀرمي ڀولا، دهہ دس ڌاوئي

نمک ماهہ، چار کنٽ ڦر آوئي

کر کرپا، جس اَپني ڀگت ديئہ

نانڪ تي جن نام مليئہ.

ترجمو

بندو آهي هردم بيوس، چارو نہ اُن جو چلڻو آ

واليءَ کي جو وڻندو ٿيندو، زور نہ کنهنجو هلڻو آ

هجي اَگر اِنسان جي هٿ ۾، پاڻ ئِي سيکجهہ پائي هوُ

جئن جئن ٿئي منظور ڌڻيءَ کي، تئن تئن ڪار ڪمائي هوُ

جنهنکي نام جي جاڻ نہ آهي، وشيہ وڪارن ۾ ڦاسي

سائين کي جنهن صاف سڃاتو، پاڻ کان پاڻ کري پاسي

ڀرمن ۾ تو ڀرمي ڊوڙي، ڀرم ۾ پاڻ ڀلائي ٿو

پنڪي پنڪي پنهنجي من کي، واپس نيٺ ورائي ٿو

جنهنتي مالڪ مهر کري ٿو، اُنکي ڀڳت ٻڌائي ٿو

نانڪ اهڙو ڀڳت جڳت ۾، نام سان نينهن لڳائي ٿو.

٦

ڪبهو نرت ڪريءِ، بهه ڀات
ڪبهو سوءِ رهيءِ، ڏن رات
ڪبهو مها ڪروڌ بڪرال
ڪبهو سرب ڪي، هوت روال
ڪبهو هوءِ بهيءِ بڏ راجا
ڪبهو ڀيکاري، نيچ ڪا ساجا
ڪبهو اپ ڪيرتن مهه آويءِ
ڪبهو ڀلا ڀلا ڪهاويءِ
جڻ پرڀ راکيءِ، تؤ هي رهيءِ
گور پرساد **نانڪ** سچ کهيءِ.

ترجمو

ناچ نچي ٿو ڪڏهين نرالا، ناچو ٿي ڏيکاري ٿو
ڪڏهين ننڊ ڪري ٿو نشدن، سرت نہ ڪائي ڌاري ٿو
ڪڏهين ڪاوڙ ڪروڌ ڪري هؤ پنهنجو پاڻ تپائي ٿو
ڪڏهن سڀني جي قدمن جي خاڪ پاڻ کي بڻائي ٿو
ڪڏهن راجائن جو راجا بڻجي، ڪري راجائي ٿو
ڪڏهين قائل ڪپڙا پائي، در در ڪري گدائي ٿو
ڪڏهين اُن جو اُپجس ٿئي ٿو، قدم قدم تي ٿئي اپمان
ڪڏهين ان جو جس ٿو ٿهلي، جت ڪٿ پائي مان ءِ شان
جئن جئن مالڪ رکي ٿو جنهنکي، تئن تئن سوئي رهي پيو
ستگر جي ڪرپا سان **نانڪ**، ڳالهہ يثارٿ چوي پيو.

٥

اِس ڪا بل، ناهي اِس هاٿ
ڪرن ڪراون، سڀ ڪو ناٿ
آگيا ڪاري بپرا جيءُ
جو تس ڀاوءِ، سوئي ڦن ٿيءُ
ڪبهوُ اوُچ نيچ مهه بسءِ
ڪبهوُ سوگ هرک رنگ هسءِ
ڪبهوُ نند چند ٻيوهار
ڪبهوُ اوپ آڪاس پيال
ڪبهو بيتا برهم بيچار
نانڪ آپ، ملاوڻهار.

ترجمو

بندو آهي بيوس هردم، بندي کي ڇا طاقت آ
سڀڪجهه ٿو ڪرتار ڪري، اُن قادر جيءَ قدرت آ
نربل جو بل ڪهڙو هلي، اِنسان سدا ويچارو آ
پرميشور جي مرضيءَ سان ئي بدل زمانو سارو آ
ڪڏهن چڙهيو آڪاش تي بندو، ڪڏهن اچيو ڌرتيءَ تي ڪري
ڪڏهن خوشيءَ ۾ ڪڏهن غمن ۾، قدرت جو ٿو چڪر ڦري
ڪڏهن گلائون ڪري، ڪڏهن ساراه ڪرڻ ۾ ڪري ڪمال
ڪڏهن اُڏامي عرش پهوڙ سندو، ڪڏهن ڏسي ٿو هوُ پاتال
ڪڏهن هوُ سوچي گيان جون ڳالهيون، گيان انوکو پائي ٿو
نانڪ جنهنکي چاهي مالڪ، پاڻ سان ترت ملائي ٿو.

٨

ڪبهو ساڌ سنگت اهه پاوئي
اس آستان تي، بهر نہ آوئي
اَنتر هوءِ گيان پرگاس
اُس آستان ڪا، نهين بناس
من تن نام، رتي اِڪ رنگ
سدا بسهہ، پار برهم ڪئي سنگ
جئه جل مهہ، جل آءِ کٿانا
تئه جوتي سنگ، جوت سمانا
مٽ گئي گون، پائي بسرام
نانڪ پربه ڪئي سد قربان.

ترجمو

ڪڏهين سنتن جي سنگت ۾ ويهي تو ستسنگ ڪري
بزرگ سان اُن آستان تي وهندو وري نہ واپس اُتان وري
گيان ملي تو، گياني ٿئي تو، پائي اندر ۾ پرڪاش
جيڪو هؤ استان وسائي، ٿئي انهيءَ جو ڪڏهن نہ ناس
تن من تي تو رنگ چڙهي ءِ نام جو ان کي رنگ ملي
اصلي ذات ۾ لين ٿئي تو، پار برهم جو سنگ ملي
جل ۾ جل جئن ملي وڃي تو، من تئن ملندو مالڪ ساڻ
نؤر سان نؤر ملي تو هڪ ٿئي، پوءِ جدا ڪئن سمجهي پاڻ
عمر مرڻ جو ڦيرو ڇٽندو، من کي ملندو نت وسرام
پار برهم تان نانڪ صدقي، اهڙي پربهوءَ کي پرڻام.

۷

کبھوُ ھوءِ پنڊت، ڪري بکيان
کبھون موُن ڌاري لاوئي ڌيان
کبھون تٽ تيرٿ اِشنان
کبھو سڌ ساڌڪ مک گيان
کبھو ڪيٽ ھست، پتنگ ھوءِ جيئا
اَنڪ جوُن ڀرمئي ڀرِ ميئا
نانا روُپ، جئہ سواگي دکاوئي
جئہ پربھ ڀاوئي، تئي نچاوئي
جو تس ڀاوئي، سوئي ھوءِ
نانڪ دوجا اَور نہ کوءِ.

ترجمو

ڪڏھين پنڊت بڻجي بعد و دنيا کي اُپديش ڪري
ڪڏھين چپ کي ساڌي، خاموشيءَ ۾ تو ڌيان ڌري
ڪڏھين تيرٿ پيئي تو اشنان مٿان اشنان ڪري
ڪڏھين سڌ ۽ ساڌو بڻجي ظاھر سيکي گيان ڪري
ڪڏھين ھاٿي، ڪڏھين ڪيڙو، ڪڏھين بڻجيو پوي پتنگ
ڪيئي جوُنيون بدلائي تو، بدلائي تو ھر ھر رنگ
روپ نوان ۽ رنگ نوان، ھوُ ڪيئي سانگ رچائي تو
جھڙي مالڪ جي آ مرضي، تھڙا ناچ نچائي تو
وڏندو جيڪي والي کي، سنسار ۾ تيڏو سوئي آ
نانڪ سچ تو صاف ٻڌائي، ٻيو نہ انھيءَ ٻن ڪوئي آ.

اشٽپدي ۱۲

جس کي انتر راج ايمان
سو نرک پاتي، هووت سٿان
جو جاني، مي جوبونت
سو هووت، بشٽا کا جنت
آپس کئي، کرم ونت کهاوي
جنم مري بهه جون پرماوي
ڌن يوم کا، جو کري گمان
سو مورک انڌا اگيان
کر کرپا جسکي هردي غريبي بساوي
نانڪ ايها مکت، آگي سک پاوي.

ترجمو

جنهنکي ناز حڪومت تي، اهنڪار کري، ايمان کري
نرڪ ۾ سوئي پوندو آخر، ڪتي جيان تو موت مري
جنهنکي ناز جواني تي آ، مان کري تو جوبن تي
وشٽا جو سو ڪيئون تو بڻجي، هرڪو ڌڪاري تو ان کي
جيڪو پراڻي ڪرم کري ۽ ڪرم کري مغرور ٿئي
جوڻين جا سو چڪر تو کائي، ڪڏهن مري ۽ ڪڏهن جيئي
جنهنکي ناز زمين تي ۽ زر جي نشي ۾ چوُر رهي
موُرک ۽ اگياني انڌو، گيان کان هردم دوُر رهي
اُن تي مهر ٿئي ٿي، جيڪو پاڻ کي داس چوائي ٿو
هتي به مکتي پائي **نانڪ**، اُتي به سو سک پائي ٿو.

سلوڪ

سڪي بسيءُ مسڪينيا، آپ نوار تلي
ٻڏي ٻڏي اهڪاريئا، ڏاڏڪ ڳرب ڳلي

ترجمو

سڪي وسي مسڪين سو، لمي هلي سپ ساڻ
ڏاڏڪ ڳاري ٿو ڇڏي، مغروري ۾ ماڻ.

۳

ڪوٽ ڪرم ڪري، هڻ ڌاري.
سرم پاوي سگلي برٿاري
انڪ تپسيا، ڪري آهنڪار
نرڪ سرگ، ڦر ڦر اوتار
انڪ جتن ڪر، آتم نهي دروي
هر درگهه ڪهه ڪئسي گوي
آپس ڪئُ، جو پلا کهاوي
تسهه پلائي، نڪٽ نه آوي
سرب ڪي رين، جاڪا من هوء
ڪهه **نانڪ** تاڪي نرمل سوء.

ترجمو

ڪو هزارين ڪري نه بندو، ڪرم ڪري ايمان ڪري
سيئي اجايا ڪرم ٿين، بس پنهنجو ٿو نقصان ڪري
لکين دفعا تپسيائون ڪري پي دل ۾ ڌاري ٿو اهنڪار
نرڪ سرڳ ۾ ڦيرائون پائي، مري جيئي ٿو سو هر بار
لکين يتن پي ڪندو ۽ هردو سيتل ڪين ٿيائيندو
داتا جي دربار ۾ بندو سو ڪيئن عزت پائيندو
پاڻکي جيڪو چڱو ٿو سمجهي، جت ڪٿ چڱو چوائي ٿو
ڪانهن نه اُن وٽ ايندي چڱائي، منهن سان چئي وڃائي ٿو
جيڪو بندو پاڻکي سمجهي، آهيان سڀ جي پيرجي خاڪ
نانڪ اُن کي ملي وڏائي، ٿئي خاڪ ٿئي ٿو پاڪ.

٢

ڌنونتا هوءِ ڪر گرب باوِيءِ
ترڻ سمان، ڪڇ سنگ نہ جاوِيءِ
بهہ لشڪر مانک اوپر ڪري آس
پل ڀيتر، تا ڪا هوءِ بناس
سڀ تي آپ، جانيءِ بلونت
کن مهہ، هوءِ جاءِ ڀسمنت
ڪسيءِ نہ بديءِ، آپ اهنڪاري
ڌرم راءِ تس ڪريءِ خواري
گور پرساد، جا ڪا مٽيءِ اڀمان
سو جن **نانڪ**، درگهہ پروان.

ترجمو

ڌن ءِ دولت ڏسي جڳت ۾ ڪري ڇو مُورک ڌن تي ماڻ
خالي آيو، خالي ويندو، ڪڪ ڀي ڪڍي نہ سگهندو ساڻ
ڪڏي تو جيڪو فوج جي بل تي، لشڪر تي تو ناز ڪري
پل ۾ ناس ٿئي تو سوئي، ڪال قهاري ڪين ٽري
پاڻ کي جو بلوان تو سمجهي، پنهنجو بل ڏيکاري تو
کن ۾ سوئي ڀسم ٿئي تو، مؤت اُنهيءَ کي ماري تو
جيڪو ٻين کي گهٽ تو سمجهي، پاڻکي صرف پڏائي تو
ڌرم راج جن ڪري انهيءَ سان، نيٺ اُهو پڇتائي تو
ستگر جي ڪرپا سان جيڪو، پنهنجو پاڻ مٽائي تو
داتا جي دربار ۾ سوئي، **نانڪ** عزت پائي تو.

٥

سهس کٽي، لک کهُ اُٺ ڌاوئي
ترپت نه آوئي، مائيا پاڇئي پاوئي
انڪ ڀوڳ، بکيا کي ڪري
نهه ترپتاوئي، کپ کپ مري
بنا سنتوک، نهي ڪوئُو راجي
سپن منورت، برٿي سڀ ڪاجي
نام رنگ، سرب سک هوءِ
بڏ ڀاڳي، ڪسئي پراپت هوءِ
ڪرن ڪراون، آپي آپ
سدا سدا، **نانڪ** هر جاپ.

ترجمو

منش جڏهن تہ هزار ناهي، لک جي لهُ ڀوءِ ڪندو پنن
مايا مايا ڪري پيو ڦرندو، ترپت اُنهجو ٿئي نہ من
ڀوڳ هزارين ڀوڳيسي تو ۽ وشين سان من لائيسي تو
بہ نہ انهيءَ کي هرگز ٿئي تو، آخر جان گنوائي تو
جنهن کي ڪو سنتوش نہ آهي، من جو سک ڪيئن پائيندو
خواب مثل سڀ ڪم ٿي ويندا، زور اجايو لائيندو
نام جيڻ سان بندي کي سک چين ملي، آرام ملي
ڌن ڌن ڀاڳ انهيءَ جا آهن، جنهڪي پيارو نام ملي
سڀ ڪم ناهي تو سيئي جا، ڪرڻ ڪرائڻ وارو پاڻ
نانڪ جپ تون جاپ انهيءَ جو، سدا سدا سو آهي ساڻ.

۴

جب لگ جاڻئي، مجھ تي ڪڇ ھوءِ
تب اِس ڪئه، سک ناهي ڪوءِ
جب اِھ جاڻئي، ميءُ ڪڇ ڪرتا
تب لگ گرڀ جوُن مھ ڦرتا
جب ڌاريئي، ڪوئو ٻئري ميت
تب لگ، نهچل ناهي چيت
جب لگ، موھ مڳن سنگ ماءِ
تب لگ، ڌرمراءِ ديئه سزاءِ
پرڀ ڪرپا تي، بندن توٽئي
گور پرساد، ناڻڪ ھئه ڇوٽئي.

ترجمو

جيسين بندو سمجھي من ۾، سڀڪجھ تو ھو پاڻ ڪري
تيسين دکئي دک پيو ڏسندو، سک پيو پڇندو ڪوھ پري
جيسين بندو سمجي من ۾، ماڻئي ڪريان تو جڳ ۾ ڪم
جيئڻ مرڻ جا ڦيرا پائي، پوڳيندو پيو جوُڻ جنم
جيسين بندو سمجھي من ۾، ھي دشمن، ھوُ يار آھي
تيسن ھڪ چت رھي نه سگھندو، ملٽو ڪين اقرار آھي
جيڪو بندو مايا سان ٿو موھ رکي ۽ مست رھي
ڌرمراج ڏي سزا تو اُنکي، سوُر ۽ سختيون سوين سھي
جنھنتي ٿيندي مھر ڏٽيءَ جي، بندن اُنجا سڀ ٽٽندا
ناڻڪ گر جي ڪرپا ٿيندي، ماڻ تڪبر سڀ ڇٽندا.

٧

آپ اُپديسئِ سمجهئِ آپ
آپي رچيا، سڀ ڪئِ ساٿ
آپ ڪينو، آپن بستار
سڀ ڪڇ اُسڪا، اوهُ ڪرنئِ هار
اس تي ڀن، ڪهه ڪڇ هوءِ
ٿان ٿننتر ايڪئِ سوءِ
اَپني چلت، آپ ڪرنئِ هار
ڪؤتڪ ڪرئِ رنگ اَپار
من مهه آپ، من اَپني ماهه
نانڪ قيمت ڪهن نہ جاءِ.

ترجمو

پاڻ ڪري اُپديش تو پريو، اُپديش کي سمجهي پاڻ
سڀ جي اندر پاڻ رچيو آ، آهي هردم سڀني ساڻ
پاڻ مان پاڻ کي پيدا ڪري، ان سارو جڳ ڦهلايو آ
سڀ ڪجهہ ان قادر جو آهي، پنهنجو رنگ رچايو آ
بلا انهيءَ ڀڳوان بنا دنيا ۾، ٿي ڪا ڪنهن ڪان ڪار
پاڻ ئي هڪ هر جاءِ وسي ٿو، سڀ جو ٻڌجي ٿو آڌار
ڪرتا ڌرتا پاڻ ئي آهي، پنهنجا ڪم تو پاڻ ڪري
رنگ هزارين ڪري ٿو ظاهر، کيل تا ڏسجن ذري ذري
پاڻ سمايو من ۾ آهي، من پڻ منجهس سمايو آ
نانڪ ڪير ڪٿي ملهہ اُن جو، ڪين ڪٿڻ ۾ آيو آ.

٦

کرن ڪراون ڪرنيٖ هار
اِس ڪيٖ هاٿ، ڪها بيچار
جئسي درشٽ ڪريٖ تئسا هوءِ
آپي آپ، پرڀ سوءِ
جو ڪڇ ڪينو، س اَپنيٖ رنگ
سڀ تي دور، سيهو ڪيٖ سنگ
بوجهيٖ ديکيٖ، ڪريٖ ٻبيڪ
آپهِ ايڪ، آپهِ اَنيڪ
مريٖ نه بنسيٖ آويٖ نه جاءِ
نانڪ سدهيٖ رهيا سماءِ.

ترجمو

هر ڪارج جو ڪارڻ هڪ ڪرتار آهي، ڪرتار آهي
ناهي وس اِنسان جي ڪجهه، لاچار آهي، لاچار آهي
جنهنتي جهڙي نظر ڪري ٿو، ان کي اهڙو بڻائي ٿو
پاڻ ئي آهي، ٻيو ڪو ناهي، پنهنجو پاڻ پسائي ٿو
جيڪي ڏسون ٿا، تيو تڏهن آ، ڪيس جڏهن منظور ٿيو
ويجهو سيني کي ٿيو آهي، سيني کان سو دور ٿيو
پاڻ ئي پرميشور ٿو سمجهي، ڏسي ڪري سڀ جو ويچار
آهي هڪڙو پاڻ ڏٺي ءِ رنگ انهيءَ جا ٿيا اپار
اچڻ وڃڻ کان آهي پري ءِ جنم مرڻ کان آهي دُور
نانڪ پاڻ ئي هڪڙو آهي، سڀ ۾ آهي سو ڀرپوُر.

سلوڪ

سنت سرڻ جو جن پڙيئي، سو جن اُڌرن هار
سنت ڪي نندا نانڪا، ٻهر ٻهر اوتار

ترجمو

سنت شرڻ ۾ جو وڃي، اُن جو ٿئي اُڌار
سنت جي نندا نانڪا، وري وري اوتار.

٨

ست ست ست پرڀ سوامي
گر پرساد ڪنھيءَ وکياڻي
سچ سچ سچ سڀ ڪينا
ڪوٽ مڌي، ڪنھيءَ برلي چينا
ڀلا ڀلا ڀلا تيرا روُپ
اَت سندر، اَپار اَنوپ
نرمل نرمل نرمل تيري باڻي
گهٽ گهٽ سنيءَ سرون بکياني
پوتر پوتر پوتر پنيت
نام جپيءَ، **نانڪ** من پريت.

ترجمو

ست ست ست سو سوامي آهي، ھرڪو اُنجو ڌيان ڌري
جنھنتي گر جي ڪرپا ٿئي، سو اُنجو شان بيان ڪري
سچو سچو نت صاحب آهي، جوڙيو سائين سڀ سنسار
ڪروڙن ۾ ڪوھ ڪي جاڻي، جاڻي مھما سندس اَپار
پيارو پيارو پيارو، روُپ سندس نوراني آ
سندر سوپيا وارو آ، لاثاني آ، لاثاني آ،
نرمل نرمل اُن جي واڻي، جيڪا نرمل ڪري ٿي من
گهٽ گهٽ کي ٿي راحت بخشي، جيئن پل پل پريمي جن
پوتر پوتر ٿئي ٿو سوئي، جيڪو ڌيان لڳائي ٿو
نام جپي ٿو من سان **نانڪ**، پريت پريوءِ سان لائي ٿو.

۲

سنت کيءَ دوکن، تبي مک ڀوٽيءَ
سنت کيءَ دوکن، کاگ جئن لوٽيءَ
سنتن کيءَ دوکن، سرپ جون پاءِ
سنت کي دوکن، ترگد جون کرماءِ
سنتن کيءَ دوکن، ترشنا مهه جليءَ
سنت کيءَ دوکن، سڀ کو ڇليءَ
سنت کيءَ دوکن، تيج سڀ جاءِ
سنت کيءَ دوکن، نيچ نيچاءِ
سنت دوکيءَ کا، ٺاءُ کو ناهه
نانڪ سنت ڀاوي، تا اوءِ ڀي گت پاهه.

ترجمو

سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، منهن جي سوڀيا وڃائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڪانوَن جيان شور مچائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، نانگ جي جوُڻ پائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڪيڙو بڻجي ڏڪائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، آشا ترشنا ۾ سو جلي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڇل ءِ ڪپٽ سان سڀ کي ڇلي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، شان وڃائي ٿئي بدنام
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، نيچ اُهو ٿو ٿئي مدام
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ٺانءُ اُهو ڪيئن پائيندو
سنت جي ڪرپا سان ئي نانڪ، ٻيڙو پار لڳائيندو

اشٽپدي ١٣

سنت کيءِ دوکن، آرجا گهٽيءِ
سنت کيءِ دوکن، جم تي نهين ڇٽيءِ
سنت کيءِ دوکن، سک سڀ جاءِ
سنت کيءِ دوکن، نرڪ مهه پاءِ
سنت کيءِ دوکن، مت هوءِ ملين
سنت کيءِ دوکن، سوڀا تي هين
سنت کيءِ هتي ڪئہ، رکيءِ نہ ڪوءِ
سنت کيءِ دوکن، ٿان ڀرشٽ هوءِ
سنت ڪرپال، ڪرپا جي ڪريءِ
نانڪ سنت سنگہ، نندڪ ڀي ترئيءِ.

ترجمو

سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، پنهنجي عمر گهٽائي ٿو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڪال انهيءَ کي کائي ٿو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، سکن ڪان سو محروم رهي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، نرڪ اندر ٿو سور سهي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، بڌي انهيءَ جي ٿئي ملين
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ٿئي ٿو جڳ ۾ سوڀيا هين
سنت کي جيڪو ڪلپائي ٿو، ان کي ڪير بچاءُ ڏئي
سنت جي نندا جني ٿئي ٿي، جاءِ اُها ناپاڪ ٿئي
نانڪ آهن سنت ديالو، ديا جڏهن فرمائيندا
نندڪ کي ڀي پنهنجي سنگ ۾ سنت ڪناري لائيندا.

۴

سنت کا دوکي، سدا اَپوُت
سنت کا دوکي، کسيءَ کا نهي مت
سنت کيءَ دوکي کئہ، ڏان لاگيءَ
سنت کي دوکي کئہ سڀ تياگيءَ
سنت کا دوکي، مها اَهنکاري
سنت کا دوکي، سدا بڪاري
سنت کا دوکي، جنميءَ مريءَ
سنت کيءَ دوکنا، سک تي ٽريءَ
سنت کي دوکي کئہ، ناهي ٺاءُ
نانڪ سنت ڀاويءَ تا لئي مِلاءِ.

ترجمو

سنت جي نندا ڪري ٿو جو، ناپاڪ رهي، بدڪار رهي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڪنهنجو مترُ نہ يار رهي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڏنڊ اُهو نت پائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، هرڪو اُنکي تياڳيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، سدا اُنهيءَ کي ٿئي اهنڪار
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڪين ڇڏيندا ڪيس وڪار
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، گهڙي گهڙي ٿو جيئي مري
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، سک تو اُنکان ڀڄي پري
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ٿانءُ ٺڪاڻو نہ پائي ٿو
نانڪ سنت وري ڀي اُنکي پاڻ سان نيٺ ملائي ٿو.

٣

سنت ڪا نندڪ، مها اتتائي
سنت ڪا نندڪ، کن ٽڪن نہ پائي
سنت ڪا نندڪ، مها هتيارا
سنت ڪا نندڪ، پرميسر مارا
سنت ڪا نندڪ، راج تي هين
سنت ڪا نندڪ، دکيئا ار دين
سنت کي نندڪ، ڪئہ سرب روگ
سنت کي نندڪ، ڪئہ سدا بجوگ
سنت کي نندا، دوک مہ دوک
نانڪ سنت ڀاوئي، تا اسڪا ڀي هوءِ موک.

ترجمو

سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، پاپي پاپ وڌائي ٿو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، چين نہ هڪ پل پائي ٿو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، هتيارو ءِ ٿئي بدڪار
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، پوندي ان تي رب جي مار
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، پنهنجو راج وڃائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، دک ۾ وقت بتائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، روڳي ٿئي رنجور ٿئي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، وڇڙي هردم دور ٿئي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، پاپ تي پاپ ڪمائي ٿو
نانڪ سنت ڪرے جي ڪرپا، پاپي بہ مڪتي پائي ٿو.

٦

سنت کا دوکي، اُئہ بللاء
جنہ جل بهون مڇلي ترڦڙاء
سنت کا دوکي، پوُکا نهي راڄيءِ
جنہ پاوک، ايڌن نهي ڌراپيءِ
سنت کا دوکي، ڇٽيءِ اکيلا
جنہ بوئاڙ تل، کيمت ماهہ ڍهيلا
سنت کا دوکي، ڌرم تي رهت
سنت کا دوکي، سد مٿيا کهت
کرت نندک کا ڌُر هي پئيا
نانڪ جو تس ڀاوي، سوئي ٿيا.

ترجمو

سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، روئندو ۽ ٻاڏائيندو
جل کان سواءِ هوُ مڇيءَ وانگر من کي پيو تڙڦائيندو
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، پؤ نہ ٿئي ۽ بکيو رهي
باهہ ۾ ڪاٺيون ڪيتريُ پون، تہ بہ اَگني ترپت ڪين ٿئي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، سنگي نہ اُنکي ڇيلو آ
تن کان خالي سنگ ٻنيءَ ۾ جهڙيءَ طرح اڪيلو آ
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڌرم اُنهيءَ کان دور رهي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڪوڙ سان نت ڀرپور رهي
جنم جنم کان سنت جو نندڪ، نندڪ ٿي نندا ٿو ڪري
نانڪ جنُن منظور پربوءَ کي، حڪم پربوءَ جو ڪين ٽري.

۵

سنت ڪا دوکي اَڌ بيچ تي ٽوٽيءِ
سنت ڪا دوکي، ڪٿيءِ ڪاج نہ پهوچيءِ
سنت کي دوکي، ڪٿہ اڌئان ڀرمائيئيءِ
سنت ڪا دوکي، اجهڙ پائيئي
سنت ڪا دوکي، اَنتر تي ٽوٽا
جٿہ ساس بنا، مرتڪ کي لوٽا
سنت کي دوکي کي، جڙ ڪڇ ناهہ
آپن بيج، آپي هي کاهہ
سنت کي دوکي ڪٿہ، اَور نہ راکن هار
نانڪ سنت ڀاوي، تا لئي اُبار.

ترجمو

سنت جي نندا ڪري تو جيڪو، وقت کان اڳم ناس ٿئي
سنت جي نندا ڪري تو جيڪو، ڪم نہ اُنهي جو راس ٿئي
سنت جي نندا ڪري تو جيڪو، اُجڙيل جنهگل منجهہ ڦري
سنت جي نندا ڪري تو جيڪو، رڻ پٽ ۾ تو اچي ڪري
سنت جي نندا ڪري تو جيڪو، بدن انهيءَ جو ڪوڙو آ
ساهہ بنا جئن لاش رهي، تئن اندر ۾ سو پورو آ
سنت جي نندا ڪري تو جيڪو، ناهي اُنکي ڪو بنياد
جيڪو پوکي سوئي کائي، نيٺ ٿئي تو سو برباد
سنت جي نندا ڪري تو جيڪو، اُنکي ڪير بچائيندو
سنت ڪندو جي ڪرپا **نانڪ**، بيڙو پار لڳائيندو.

٨

سب گهٽ تسکي، اوهه ڪرنيءِ هار
سدا سدا تس کئہ نمسکار
پربهہ کي اُستت، ڪرہ دن رات
تسهہ ڏياوهہ، ساس گراس
سب ڪڇ ورتيءِ، تس کا ڪيئا
جئسا ڪري، تئسا کو ٿيئا
اُپنا کيل، آپ ڪرنيءِ هار
دوسر ڪون، ڪهيءِ بيچار
جسنو ڪرپا ڪريءِ، تس آپن نام ديئہ
وڏ ڀاڳي، **نانڪ** جن سيئہ.

ترجمو

سڀ جي دل جو مالڪ هڪ ڪرتار آهي، ڪرتار آهي
ان کي نت پرڻام هميشهہ سڀ جو خلقڻهار آهي
ڏينهن ۽ رات انهيءَ جي اُستت ڪر ۽ مهما ڳاءِ سدا
گوهہ گوهہ تي دم دم ۾، نت داتا کي تون ڏياءِ سدا
جيڪي جيڪي ٿئي جڳت ۾، ڀاڻ ئي آهي ڪرڻ وارو
جئن جئن چاهي چاهيندڙ تو، تئن تئن آهي ٿيڻ وارو
ڀاڻ ئي کيلي کيل تو پنهنجا، کيل انهيءَ جو نيارو آ
ٻيو ڪٿ ڪري ڇا سگهندو، ٻيو سدا ويچارو آ
جنهن تي ان جي مهر ٿئي، سو نام جي نعمت پائي ٿو
نانڪ جنهن کي نام ملي ٿو، ڀاڳ ڀلو سو پائي ٿو.

٧

سنت کا دوکي، بگڙ روپ هوءِ جاءِ
سنت کي دوکي کڻي، درگهه ملئي سزاءِ
سنت کا دوکي، سدا سهڪائيئي
سنت کا دوکي، نه مري نه جيوائيئي
سنت کي دوکي کي، پڄئي نه آسا
سنت کا دوکي، اُٺ چليءِ نراسا
سنت کيءِ دوک، نه ترشٽيءِ کوءِ
جيسا پاويءِ تيسا کوتي هوءِ
پئيا کرت، نه ميٽئي کوءِ
نانڪ جانئي سچا سوءِ.

ترجمو

سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، اُنجو ٿئي رنگ روپ خراب
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، ڏاڍيءَ جي در سو پائي عذاب
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، سهڪيو سهڪيو ساهه ڪڍي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، اُنجو جيئڻ مرڻ ٿو ڏکيو بڻي
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، پوري اُنجي ٿئي نه آس
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، هليو وڃي ٿو هتان نراس
سنت جي نندا ڪري ٿو جيڪو، راضي ڪڏهن نه ٿي سگهندو
تئن تئن ٿيندو، جهڙي جهڙي بندو پاڙنا پيو رکندو
جيڪي ڪرمن مجهه لکيل آ، اُن کي ڪير مٽائيندو
نانڪ سائين سچو ٿو ڄاڻي، پيد نه بيو ڪو پائيندو

اشٽپدي ۱۴

مانک کيءَ ٽيک، برٿي سڀ جان
ديون کئُہ، ايڪيءَ ڀڳوان
جس کيءَ ڌيئيءَ رهيءَ اَگهاءِ
بهر نہ ترشنا لاگيءَ آءِ
ماريءَ راکيءَ ايڪو آپ
مانک کيءَ کڇ ناهي هات
تس کا حکم بوجهہ، سک هوءِ
تس کا نام، رک کنٺ پروءِ
سمر سمر سمر پربهه سوءِ
نانک بگهن نہ لاگيءَ کوءِ.

ترجمو

اِنسان تي ڀاڙين ڇو؟ ڇا توکي تو اِنسان ڏئي؟
هڪڙو تو ڀڳوان ڏئي، ڀڳوان ڏئي، ڀڳوان ڏئي
ڏيڻ انهيءَ جو آهي اهڙو، پوريءَ ساريءَ آس ٿئي
ڏيڻ انهيءَ جو آهي اهڙو، وري نہ ڪائي پياس ٿئي
رکڻ جي چاهي پاڻ رکي تو، مارڻ چاهي، ماري پاڻ
بندي جي هٿ ڪجهه بہ ناهي، سڀ جا ڪارج سنواري پاڻ
انجي حڪم ۾ جيڪو هلندو، سدا سدا سک پيو ڏسندو
نام جي مالها پاءِ ڳچيءَ ۾، آنند من کي پيو ملندو
ان سائينءَ کي جيڪو دل سان ياد ڪندو، چت لائيندو
نانڪ ڪين انهيءَ کي هرگز، ڪوئي وگهن ستائيندو.

سلوڪ

تجھ سيانپ سر جنھ، سمرھ ھر ھر راءِ
ايڪ آس ھر من رکھ، **نانڪ** دوک ڀرم ڀئہ جاءِ.

ترجمو

ڏاھپ سياڻپ کي ڇڏي نيئھن نام سان لاءِ
نانڪ ھڪ جي آس رک، دک ڀؤ ڀرم ڀڄاءِ.

٣

وڏڀاڳي تي جن، جڳ ماهه
سدا سدا، هر کي گن گاهه
رام نام، جو ڪرهه بيچار
سي ڌنونت، گني سنسار
من تن مک، بولهه هر مکي
سدا سدا، جانهه تي سکي
ايکو ايک، ايک پڇاڻي
اِت اُت کي، اوهه سوجهي جاڻي
نام سنگ، جسڪا من مانيا
نانڪ تيهه، نرنجن جانيا.

ترجمو

ڌن ڌن ڀاڳ انهن جا آهن، قسمت وارا سي اِنسان
گوبند جا گڻ ڳائين ٿا، ۽ سدا سدا ڪن نشدن گان
رام جو نالو ياد ڪري ۽ من ۾ ڌاري جيڪو ڌيان
اهو سچو ڌنوان جڳت ۾ آهي اهو سچو ڌنوان
من ۾ جنهنجي نام وسي ٿو، مک سان پڻ ٿو بولي رام
خوش ٿو دنيا منجهه گذاري، نام سان رهندو سکي مدام
جيڪو هڪ مالڪ کي سمجهي، هڪ کي صرف سڃاڻي ٿو
هن دنيا کي جاڻي سوئي، هوءَ دنيا پڻ جاڻي ٿو
مالڪ کي جو ميچي ٿو هردم، نام سان جنهن من لاتو آ
نانڪ اُن ست پرش جڳت ۾ سچو نرنجن جاتو آ.

٢

اُستت من مهہ، ڪر نرنڪار
ڪر من ميري، ست بئهار
نرمل رسنا انمرت پيئہ
سدا سهيلا ڪر ليهہ جيئہ
نئنهہ پيک، ناڪر ڪا رنگ
ساڌ سنگ، بنسيٴ سپ سنگ
چرن چلئہ، مارگ گوبند
مٽهہ پاپ، جپيئيٴ هر بند
ڪر هر ڪرم، سرون هر ڪٿا
هر درگهہ **نانڪ**، اوجل متا.

ترجمو

منهنجا من گرط ڳاءِ هريءَ جا، هڪڙو نرآڪار اٿئي
جاپ انهيءَ جڳديش جو جپ تون، اِهو سچو وهنوار اٿئي
پاڪ پويتر مک ڪر پنهنجو، نام جو امرت پيئندو رهہ
روح جي راحت ملندي توکي، سکہ سان جڳہ ۾ جيئندو رهہ
رنگ رنگيءَ جا آهن نيارا، اکيون پٽي ڏس اُن جا رنگ
سنتن جو سنگ حاصل ڪر تون، ناس ٿي ويندءِ کوٽا سنگ
حق جي راهہ ۾ هلندو هل ۽ اڳتي قدم وڌائي هل
مک سان نام جپيندو هل، ۽ من جا پاپ مٽائي هل
ڪم ڪر اُنجا، گرط بہ اُنجا، تنهنجو من مسرور ٿئي
داتا جي درگاهہ ۾ **نانڪ**، پيشاني پر نور ٿئي.

۵

جس کئہ هر پربھ؛ من چت آوئي
سو سنت سهيلا، نهي ڏلاوئي
جس پربھ اَپنا، ڪرپا ڪرئي
سو سيوڪ ڪهہ، ڪس تي ڏرئي
جئسا سا، تئسا درشٽائيا
اَپني ڪارج مهہ، آپ سمائيا
سوڌت سوڌت، سوڌت سيجهيا
گور پرساد؛ تت سڀ بوجهيا
جب ديکئو، تب سڀ ڪڇ مول
نانڪ سو سوڪم، سوئي اَستول.

ترجمو

پرميشور جي جيڪو من ۾، منڙي ياد وسائي ٿو
سنت سدائين سکي سو آهي، من نہ سندس گهبرائي ٿو
جنهنتي مالڪ مهر ميا جا، هردم مينهن وسائي ٿو
ڏيهہ ۾ ڪنهنکان ڏڪي نہ سوئي، ڪير نہ اُنکي ڏڪائي ٿو
جهڙو اصلي روپ سندس آ، تهڙو ڏسڻ ۾ آيو آ
پنهنجي ئي مخلوق جي اندر، خالق پاڻ سمايو آ
ڳولهڻ وارن ڳولهي ڳولهي، ان جي راهہ سڃاتي آ
ستگرو جي ڪرپا سان پريمين، اصل حقيقت ڄاتي آ
هر جا اُنجو جلوو آهي، هر شيء جي آ جڙ ۽ مول
اندر باهر **نانڪ** سوئي، سوکيم آهي ۽ استول.

۴

گور پرساد آپن آپ سجهيءِ
تس ڪي جانهو، ترشنا بجهيءِ
ساڌ سنگ، هر هر جس ڪهت
سرب روگ تي، اوهه هر جن رهت
اَن دن ڪيرتن، ڪيول وکيان
گرهست مهه، سوئي نربان
ايڪ اوپر، جس جن ڪي آسا
تس ڪي ڪٽيئيءِ، جم ڪي ڦاسا
پار برهم ڪي، جس من ڀوک
نانڪ تسهه، نه لاگهه دوک.

ترجمو

جو جگياسو گر جي ديا سان پنهنجو پاڻ سڃاڻي ٿو اُن جي ترشنا بجهي وڃي ٿي، من جو آنند ماڻي ٿو سنتن جي سنگت ۾ جيڪو نام ڌڻيءَ جو ڳائي ٿو روڳن کان هوُ دور رهي ٿو، ديهه نروڳي پائي ٿو جيڪو پنهنجي سائينءَ جي ساراهه ڏينهن رات ڪري دنيا ۾ سو رهي به ٿو، ۽ دنيا کان پري آهي پري جيڪو هڪ جي اوٽ وٺي ۽ هڪ جي آس لڳائي ٿو جم جي ڦاسي ڪٽجي وڃي ٿي، دک نه ڪڏهن هوُ پائي ٿو جنهن کي بک ان پار برهم جي، ڇين انوکو پائيندو دک نه انهيءَ کي لڳندو **نانڪ**؛ دک کان پاڻ بچائيندو.

۷

جن پرڀ جاتا، س سوڀاونت
سگل سنسار، اُڌري تن مت
پرڀ کي سيوڪ، سگل اُڌارن
پرڀ کي سيوڪ، دوک بسارن
آپي ميل لئي، ڪرپال
گور ڪا شبد جپ، ڀئي نهال
اُن کي سيوا، سوئي لاگيءِ
جس نو ڪرپا ڪرهِ، وڏڀاڳيءِ
نام جپت، پاوهہ بسرام
نانڪ تن پرک ڪئُ، اوتم ڪر مان.

ترجمو

پرڀوءَ کي جنهن ڄاتو، سوئي سوڀيا جو ڀنڊار ٿيو
اُن جي اُپديش کي ٻڌنديءَ مڪت سڄو سنسار ٿيو
اھڙا سيوڪ پرڀوءَ جا، سڀني کي پار اُڪاريندا
اھڙا سيوڪ پرڀوءَ جا، دنيا جا روڳ نواريندا
پرڀو پنهنجا سيوڪ پيارا، پاڻ سان نيت ملائي ٿو
گرکان شبد وٺي جنهن سمريو، سوئي سدا سک پائي ٿو
اھڙن ست پرشن جي شيوا، سوئي سڄو اِنسان ڪندو
جنهن وڏڀاڳي مٿان، ديا جي درشٽيءَ جي پگوان ڪندو
جيڪو نام جپي ٿو، سو آرام ۾ رهندو، شانتيءَ ساڻ
نانڪ اُنجو شان وڏو آ، وڏو ڪري تون اُنکي ڄاڻ.

٦

نه ڪڇ جنميءِ نه ڪڇ مريءِ
آپن چلت آپ هي ڪريءِ
آون جاون، درشٽ اَن درشٽ
آگياڪاري، ڌاري سڀ سرشٽ
آپي آپ، سگل مهه آپ
اَنڪ جگت رچ، ٿاپ اُٿاپ
اَبناسي، ناهي ڪڇ کنڊ
ڌارڻ ڌار رهئو برهمنڊ
اَلک ابيو، پرک پرتاپ
آپ جپائي، تهه نانڪ جاپ.

ترجمو

ڪير تو دنيا اندر اچي ۽ ڪير جيئي ٿو ۽ ڪير مري
خالق مالڪ پاڻهي پنهنجا وينو جڳ ۾ کيل ڪري
هڪڙو اچي ٿو ۽ بيو وڃي ٿو، هڪڙو لڪل ۽ بيو نروار
اُنجي آگيا ۾ سڀ آهن، پاڻ ئي هر شيءِ جو ڪرتار
هر شيءِ ۾ هوُ پاڻ وسي ٿو؛ اُن جا رنگ عجيب آهن
پاڻ ئي ٿاهي، پاڻ ئي ڊاهي، اُنجا ڍنگ عجيب آهن
پاڻ اَلک اَبناسي آ، لافاني آ
پاڻ رکي ٿو قائم دنيا، دنيا جو هو باني آ
لڪ نہ اَلکجي لهي ٿو ڪوئي، ڪير انهيءَ جو ڪري ڪٿن
جنهنکي پاڻ جپائي نانڪ، سوئي جپي ٿو ڪري يتن .

سلوڪ

سوب ڪلا ڀرپور پرڀ، برتا جاڻن هار
جا ڪيئي سمرن آڌ ريئي، نانڪ تس بلهار.

ترجمو

سوب ڪلا ڀرپور پرڀ، سڀڪجهه جاڻنهار
جنهنجي سمرڻي موک ٿئي، نانڪ نت بلهار.

٨

جو ڪڇ ڪريءِ س پرڀ ڪيءِ رنگ
سدا سدا بسيءِ هر سنگ
سهج سياء هوويءِ، سو هوء
ڪرڻيءِ هار، پڇاڻيءِ سوء
پرڀ ڪا ڪيئا، جن مينا لگانا
جئسا سا تئسا درشٽانا
جس تي اُپجي، تس ماهه سمائي
اوء سک نڌان، اونهون بن آئي
آپس ڪئه آپ، ديئو ماڻ
نانڪ پرڀ جن، ايڪو جاڻ.

ترجمو

رام رنگ ۾ رهي پراڻي، هرڪا جڳه ۾ ڪري ٿو ڪار
اَنگ سنگ اُن ساڻ هميشه، آهي صاحب ست ڪرتار
جيڪي ٿئي سو پلي ٿئي، من ڪين دکي ڪنهن وار ڪري
جو ڪجهه ٿئي ٿو، سوئي سمجهي هڪڙو ٿو ڪرتار ڪري
جو به ڪري ڀڳوان انهي کي، سمجهن هردم سنت منو
هڪ جهڙو تن عين حقيقت آهي سارو رنگ ڏنو
جنهن مان پيدا آهه ٿيو، اُن اندر پاڻ سمائيندو
جين انهيءَ کي ملندو من جو، سک جي پوُنجي پائيندو
شان وڏائي پنهنجن جو، اُن پنهنجو شان وڌايو آ
نانڪ هڪ ڀڳوان ڀڳت ٿيا، فرق ڏسڻ ۾ نه آيو آ.

٢

روپونت هوءِ، ناهي موهيءِ
پرڀ کي جوت، سگل گهٽ سوهيءِ
ڌنونتا هوءِ، کيا کو گربيءِ
جا سڀ ڪڇ تس کا، ديئا دربيءِ
اَت سورا، جي ڪوئُو کهاويءِ
پرڀ کي کلا بنا، که ڌاويءِ
جي کو هوءِ بهيءِ داتار
تس دين هار، جانيءِ گاوار
جس گور پرساد، توٽيءِ هئُ روڳ
نانڪ سو جن، سدا اروڳ.

ترجمو

سونهن ڏسي مغرور نه ٿيءُ تون، ايڏو حسن تي مان نه ڪر
روپ مڙئي هڪ رام جو آهي، نُور اُنهيءَ جو اچي نظر
مايا تي ڪر ناز نه تون، جي تو وٽ ڌن ۽ دولت آ
دولت سڀ داتا جي آهي، تو وٽ اُن جي اَمانت آ
شڪتيوان جي ٻڌجي ڪوئي، شڪتيءَ جو جي ڪري گمان
مالڪ جي پر شڪتيءَ ڌاران، چري نه سگهندو سو ٻلوان
جيڪو تو ور و تو دان ڪري ۽ پاڻ کي سمجهي تو داتار
ڏيڻ وارو تو پوي عجب م سمجهي اُن کي تو گينوار
ستگر جي ڪرپا سان جنهنجو، روڳ ٽٽي ”مان مان“ جو دور
نانڪ سوئي آهي نروڳي، روڳ انهيءَ کي لڳي نه مور.

اشٽپدي ۱۵

ٽوٽي ڳاڍن هار، گوپال
سرب جيئا؛ آپي پرتپال
سگل کي چنتا، جس من ماهه
تس تي برٿا، ڪوئي ناهه
ري من ميري، سدا هر جاپ
ابناسي پرڀ؛ آپي آپ
آپن ڪيئا، ڪڇوُ نه هوءِ
جي سئُ پراني، لوچيءِ ڪوءِ
تس بن ناهي، تيريءِ ڪڇ ڪام
گت **نانڪ**، جپ ايڪ هرنام.

ترجمو

ورهين ڪان جي وڇڙيل آهن، مالڪ تن کي ملائي ٿو
رکيا ڪري ءِ پالي ٿو، هر جيوَ جا درد مٽائي ٿو
سڀ جي چنتا پاڻ رکي ءِ سڀ جي ڪري رکوالي ٿو
اُن جي در تان خالي ڪوئي، موٽي ڪونه سوالي ٿو
منهنجا من ڪر ياد اُنهيءَ کي، جنهنکي ياد ڪرڻ گهرجي
پاڻ ئي پاڻ جو اَبناسي آ؛ اُنجو ڌيان ڌرڻ گهرجي
اُنجي جيسين مهر نه ٿئي، بعدي ڪان ڪجهه پي ڪين وري
تدبيرون پل ڪري هزارين، ڪاج نه نجو ڪو بہ سري
پرميشور بن لنهنجو بندا، ڪين جڳت ۾ چارو آ
نانڪ هڪڙي نام جپڻ سان، ٿيڻو اُوس نيتارو آ.

۴

من مؤرک، ڪاهي بللائيءِ
پرڀ لکي ڪا، لکيا پائيءِ
دوک سوک پرڀ ديون هار
اور تياڳ، تو تسهه چتار
جو ڪڇ ڪريءِ، سوئي سک مان
ڀولا ڪاهي، ڦرهه اجانُ
ڪون بست آئي، تيريءِ سنگ
لپٽ رهيو رس، لوڀي پتنگ
رام نام جپ هردي ماهه
نانڪ پت سيتي گهر جاهه.

ترجمو

مؤرک من ورلاپ ڪرين ڇو، روئين ٿو ٻاڏائين ٿو
جيڪي قسمت منجهه لکيل آ، لکيو اهوئي پائين ٿو
ڏک سک ٻاڻ ڏئي ٿو پريو، ٻيو ڪو ناهي ڏيڻ وارو
ڇڏي ٻين کي، ياد انهيءَ کي ڪر تون، ٿيندءِ نيتارو
جيڪي تو ڪرتار ڪري تون ڇڱو انهيءَ کي ڄاڻ ٻندا
پليءَ پتڪين رلين پٽين ڇو، ڇو ٿو ٻٽين اَڻڄاڻ ٻندا؟
دنيا ۾ تون آيو آهين، ڇا تو پاڻ سان آندو آ
پتنگن وانگو لوڀي ٻڌجي، من ڇو ڪيو تو ماندو آ؟
پيارو پيارو نانءُ پريوءَ جو، مؤرک هردي اندر ڌار
نانڪ پت سان رهجي ايندي، پهچي ويندين هو دربار.

۳

جهِه مندر ڪهِه، ٿامڻ تمن
تهِه گر ڪا شبد، منهه اسٿمن
جهِه پاکاڻ، ناؤ چڙ تريُ
پراڻي گور چرڻ، لگت نستريُ
جهِه اندڪار، ديپڪ پرگاس
گور درسن ديک، من هوءِ بگاس
جهِه مها اُديا مهه، مارگ پاويُ
تهِه ساڌو سنگ مل، جوت پرگٽاويُ
تن سنتن ڪي، باڇهِه ڌوڙ
نانڪ ڪي هر، لوچا پور.

ترجمو

جهڙيءَ طرح تو جاءِ سڄيءَ جو ٿنڀ تي دارومدار رهي
گر جو شبد بہ اهڙيءَ طرح تو من جو تي آڌار رهي
پيڙي جئن پٿرن تي تاري بحر مان پار اُڪاري ٿي
تئن ستگرن جي پيرن جي رج پؤساگر مان تاري ٿي
ڏئي برڻ سان جهڙي طرح تو گهور اُنڌارو دور ٿئي
تهڙي طرح گر جي درشن سان من ۾ روشن نُور ٿئي
گهاٽي جهنگل ۾ جئن پنڪيل راهي رستو پائي ٿو
جوت گيان جي ساڌن جو سنگ، اهڙي طرح ڦهلائي ٿو
اُهڙن سنتن جي چرنن جي خاڪ پسڻ جي آهي پياس
عرض اهو **نانڪ** جو آهي، پوري ٿئي شل من جي آس.

٦

چرن ساڌ کي، ڌوءِ پيءُ
اَرپ ساڌ کءُ، اَپنا جيءُ
ساڌ کي ڌوڙ، ڪرهه اِشنان
ساڌ اوپر، جائيءِ قربان
ساڌ شيوا، وڏ ڀاڳي پائيءِ
ساڌ سنگ، هر ڪيرتن گائيءِ
اَنڪ بگهن تي، ساڌو راکيءِ
هر گن گاءِ، اَمرت رس چاکيءِ
اوٽ گهي، سنتهه در آئيا
سرب سوک، نانڪ تهه پائيا.

ترجمو

ساڌن جي چرنن کي ڌوئي، چرنا اَمرت پيئندو وڃ
ڏيئي سنت کي پنهنجو جيون، جيون ڏئي جيئندو وڃ
سنتن جي چرنن جي رج کي، لائي لڱن تي ڪر اِشنان
سنتن ۽ ساڌن تان پنهنجي تن ۽ من کي ڪر قربان
ساڌن جي شيوا دنيا ۾ وڏڀاڳي پرش ئي پائين ٿا
ساڌن جي سنگت ۾ ويهي، گوبند جا گڻ ڳائين ٿا
ساڌوُ پنهنجي شش ٻپاري کي، ڏک وگهن کان دور رکي
گڻ واري جا گڻ سو ڳائي، پريم جو اَمرت روز چکي
ساڌ جي جيڪو اوٽ وٺي ۽ در تي چڪر لڳائي ٿو
نانڪ سنت وٽان سو پراڻي هرڪوئي سک پائي ٿو.

٥

جس وکر ڪئي، لئن تو آئيا
رام نام، سنتن گهر پائيا
تج ايمان، ليهه مَن مول
رام نام، هردي مهه تول
لاڏ کيپ، سنتهه سنگ چال
اور تياڳ، بکيا جنجال
ڏن ڏن کهئي، سڀ ڪوءِ
مک اوجل، هر درگهه سوءِ
اهه واپار، ورلا واپاري
نانڪ تاکئي، سد بلهاري.

ترجمو

خاص وکر جي ڪاڻ جڳت ۾ آيو آهين تون اِنسان
سنتن وٽ سو ملندو توکي رام نام جو سڀ سامان
آپو ۽ اَيمان ڇڏي من اربڻ ڪر ۽ ڪِ ڪجهه غور
رام نام جو وکر ڪٺي تون، مَن جي تارازيءَ ۾ تور
سنتن سان ڪر سودو سچ جو، سچ جو ڪٺ تون مڏيءَ مال
وشيون ڀوڳ وڪار ڇڏي ڏي، جڳ جا تياڳي ڇڏ جنجال
جت ڪٿ تنهنجي واه واه ٿيندي، جس ڀيو هرڪو ڳائيندو
شڪل تنهنجي درگاه ۾ ٻڪندي، سڪو توکي پائيندو
ڀاڳ وارو هيءُ ڪري تو سودو، ورلو ڪو واپاري آ
نانڪ اهڙي واپاري تان سدا بلهاري آ.

٨

جا ڪيءِ من، گور کي پرتيت
تس جن آويءِ، هر پرب چيت
پگت پگت سٽيئي، تهه لوء
جاڪيءِ هردئِ، ايڪو هوء
سچ ڪرٽيءِ، سچ تاکي رهت
سچ هردئِ، ست مک کهت
ساچي درشت، ساچا آڪار
سچ ورتيءِ، ساچا پاسار
پار برهم، جن سچ کر جانا
نانڪ سو جن، سچ سمانا.

ترجمو

جيڪو پرانی پنهنجي گرو ۾، ويسهه پنهنجو وڌائي ٿو
تنهنجي چت ۾ رام رمي ٿو، پرڀوءَ کي سو پائي ٿو
جنهنجي من ۾ هڪ ئي وسي ٿو، هڪ ۾ ڌيان لڳائي ٿو
جس ٽيئي لوڪ اُنجو ڳائين، ڀڳت سچو سو چوائي ٿو
سچا اُنهيءَ جا سڀ ڪم آهن، سچي اُنهيءَ جي رهڻي آ
سچو اُنهيءَ جو هردو آهي، سچي اُنهيءَ جي ڪهڻي آ
نظر سچي اُن نر جي آهي، سچو اُنهيءَ کي ٿئي ديدار
سچو اُنهيءَ جو ورتوُ آهي، سچو اُنهيءَ جو سڀ وهنوار
سچ ۾ جيڪو پار برهم ءِ پرميشور کي ڄاڻي ٿو
نانڪ سوئي سچ جي اندر پنهنجو پاڻ کي آڻي ٿو.

٧

مرتڪ ڪئه، جيوالن هار
ڀوڪي ڪئه ديوت آڌار
سرب نڌان، جاڪي درشٽي ماهه
پورب لکي ڪا لهڻا پاهه
سڀ ڪڇ تسڪا، اوهه ڪرنئ جوگ
تس بن دوسر، هوئا نه هوگ
جپ جن سدا، سدا دن رئڻي
سڀ تي اوچ، نرمل اِهه ڪرڻي
ڪر ڪرپا، جس ڪئه نام ديئا
نانڪ سو جن، نرمل ٿيئا.

ترجمو

جنهنجي بت ۾ ساهه نه هوندو تنهن ۾ ڦوڪي ساهه ڏڻي
ٻکين جي ٻک لاهي ٿو ۽ هيڻن جو همراهه ڏڻي
پرميشور جي نظر ۾ سارو، مال خزانو دولت آ
قسمت ۾ جو آهه لکيل، تي اُن جي اهڙي عنايت آ
جو ڪجهه آهي سڀ اُنجو، هر شيءِ جو هوُ باني آ
ٻيو نه اهڙو ۽ ڪو ٿيندو، يڪتا ۽ لاثاني آ
ڏينهن ۽ رات اُنهيءَ مالڪ جو هردم جاپ جپيندو رهه
سڀ کان اعليٰ ڪم هي آهي، هن ڪم ۾ چت ڏيندو رهه
جنهنتي مالڪ مهر ڪري ٿو، پنهنجو نام جو دان ڏئي
شان اُنهيءَ جو اوچو ٻڌجي، **نانڪ** نرمل سوئي ٿئي.

اشٽپدي ١٦

اَبناسي پرڀ، من مهه راک
مانک کي، تون پريت تياڳ
تس تي پرئ، ناهي کڇ کوء
سرب نرنتر، ايکو سوء
آپي بينا، آپي دانا
گهر گنبير، گهير سجانا
پار برهم، پرميشور گوبند
کرپا نڌان، دئيال بخشند
ساڌ تيري کي، چرني پاءِ
نانڪ کيءَ من اِهه اَنراءِ.

ترجمو

دل ۾ هڪ اَبناسي ڌارج، قائم دائم جو ڪرتار
موهه ڇڏي ڏي اِنسانن جو، جيکي هوندا ڏينهن ٻه چار
ڪڇ ٻه پريوءِ کان ناهي پري ءِ داتا ڪنهن کان ناهي دور
هر شيءِ ۾ هوُ پاڻ سمايو، آهي هر ڪنهن ۾ پربوُر
دانا آهي، بينا آهي، ڏسي سين کي ڄاڻي تو
سياڻو ءِ گنبير ٻـ آهي، مڙني کي هوُ ٻڇاڻي تو
پار برهم پرميشور آهي، سڀ جو پالڻهار آهي
سدا سدا سو آهي ديالوُ، ڪرپا جو ڀنڊار آهي
سنت جي تنهنجا آهن پيارا، تنجي چرنن جي تم پياس
نانڪ جي هيءَ آشا آهي، پوري ٿيندي من جي آس.

سلوڪ

روپ نہ ريک، نہ رنگ ڪڇ، ترھ گڻ تي پرڀ ڀن
تسھ ٻجھائي **نانڪا**، جس ھووئ س ڀرسن .

ترجمو

روپ نہ ريک، نہ رنگ ڪجھ، ٽنھي گڻن کان ڌار
سو نر سمجھي **نانڪا**، جنھن تي راز آپار .

اشٽپدي ١٦

اَبناسي پربهه، من مهه راک
مانک کي، تون پريت تياڳ
تس تي پرئ، ناهي ڪڇ ڪوءِ
سرب نرنتر، ايڪو سوءِ
آپي بينا، آپي دانا
گهر گنڀير، گهير سجانا
پار برهم، پرميشور گوبند
کرپانڌان، دئيال بخشند
ساڌ تيري کي، چرني پاءِ
نانڪ کئ من اِهه اَنراءِ.

ترجمو

دل ۾ هڪ اَبناسي ڌارج، قائم دائم جو ڪرتار
موه ڇڏي ڏي اِنسانن جو، جيڪي هوندا ڏينهن ٻه چار
ڪڇ به پريوءِ کان ناهي پري ۽ داتا ڪنهن کان ناهي دور
هر شيءِ ۾ هوُ پاڻ سمايو، آهي هر ڪنهن ۾ ڀرپوُر
دانا آهي، بينا آهي، ڏسي سڀن کي جاڻي ٿو
سياڻو ۽ گنڀير بہ آهي، مڙني کي هوُ پڇاڻي ٿو
پار برهم پرميشور آهي، سڀ جو پالڻهار آهي
سدا سدا سو آهي دیالوُ، ڪرپا جو ڀنڊار آهي
سنت جي تنهنجا آهن پيارا، تنجي چرنن جي ٿم پياس
نانڪ جي هيءَ آشا آهي، پوري ٿيندي من جي آس.

٢

منشا پورن، سرنا جوگ
جو کر پائيا، سوئي هوگ
هرن ڀرن، جاکا نيتر ڦور
تس کا منتر، نہ جاڻي هور
آنند روپ، منگل سد جاکي
سرب ٿوک، سنيئهہ گهر تاکي
راج مهہ راجا، جوگ مهہ جوگي
تپ مهہ تپيسر، گرهست مهہ يوگي
ڌياءِ ڌياءِ ڀڳتهہ سک پائيا
نانڪ تس پرکہ کا، کنهي انت نہ پائيا.

ترجمو

شرط پوري جي لائق آهي، پوري هرڪا آس کري
جيڪي ڏئي تو جنهنکي داتا، سوئي تنهنکي ملئہ پوي
دنيا ساري اچي وڃي ٿي، اُنجي هڪ ئي اِشاري سان
واقف بيو کو ناهي ڪوئي، اُنجي منتر نياري ڪان
آنند روپ اُنهيءَ جا آهن، اُن کي رنج ملال نہ آ
سيئي بدارت وٽس رهن ٿا، کنهن ڀي شيءِ جو ڪال نہ آ
راجائن ۾ راجا آهي، جوگين اندر جوگي آ
تپ وارن ۾ آهي تپيسر، يوگين اندر يوگي آ
تن ڀڳتن سک پاتو آ، جن ياد ڪيو ڀڳونت آهي
نانڪ اهڙي پرميشور جو پاتو کنهن بہ نہ اَنت آهي.

٣

جا کي ليلا کي، مت ناهه
سگل ديو، هاري اَؤگاهه
پتا کا جنم، ڪ جاني پوت
سگل پروئي، اَپني سوت
سمت گيان ڌيان، جن ديهه
جن داس، نام ڌياوهه سيهه
تهه گرط مهه، جا کئه پرمائي
جنم مرئي، ڦر آوي جائي
اُوچ نيچ، تس کي اَستان
جئسا جناوي، تئسا **نانڪ** جان.

ترجمو

ليلا اُن جي نياري آهي، ڪنهن بہ اَنت نہ پاتو آ
ديو ديوتا سڀ پيا ٿڪجي، ڪنهن بہ ڪيس نہ جاتو آ
پت کي ڪهڙي خبر تہ منهنجو پيءُ ڪٿان هت آيو آ
هڪ ڌاڳي ۾ پٽي جڳت کي مالڪ هار بڻايو آ
جنهنکي سائين سمت ڏئي، سو گيان ۽ ڌيان کي پائي ٿو
داتا جو هو داس سڏائي من ۾ ڌيان لڳائي ٿو
سنتي رجي ۽ تمي ۾ مالڪ جنهن جو من پرمائي ٿو
ڪڏهن جيئي ٿو ڪڏهن موي ٿو جوڻ جا چڪر لڳائي ٿو
اوچ نيچ استان اُنهيءَ جا سڀ ۾ والي وسي ٿو پاڻ
جئن جئن جاڻي ٿو **نانڪ** تئن تئن رک هردي ۾ جاڻ.

٢

منشا پورن، سرنا جوگ
جو کر پائيا، سوئي هوگ
هرن ڀرن، جاکا نيتر ڦور
تس کا منتر، نہ جاني هور
آنند روپ، منگل سد جاکي
سرب ٿوک، سنيئهه گهر تاکي
راج مهه راجا، جوڳ مهه جوڳي
تپ مهه تپيسر، گرهست مهه ڀوڳي
ڌياء ڌياء ڀڳتهه سک پائيا
نانڪ تس پرکہ کا، کني انت نہ پائيا.

ترجمو

شرط پوڻ جي لائق آهي، پوري هر کا آس کري
جيکي ڏي تو جنهنکي داتا، سوئي تنهنکي پلئہ پوي
دنيا ساري اچي وڃي ٿي، اُنجي هڪ ئي اِشاري سان
واقف ڀيو کو ناهي کوئي، اُنجي منتر نياري کان
آنند روپ اُنهيءَ جا آهن، اُن کي رنج ملال نہ آ
سڀئي پدارٿ وٽس رهن ٿا، کنهن ڀي شيءِ جو کال نہ آ
راجائن ۾ راجا آهي، جوڳين اندر جوڳي آ
تپ وارن ۾ آهي تپيسر، ڀوڳين اندر ڀوڳي آ
تن ڀڳتن سک پاتو آ، جن ياد کيو ڀڳونت آهي
نانڪ اهڙي پرميشور جو پاتو کنهن بہ نہ اُنت آهي.

۳

جاکي ليلا کي، مت ناهہ
سگل ديو، هاري اَؤگاهہ
پتا کا جنم، ک جاني پوت
سگل پروئي، اَپني سوت
سمت گيان ڌيان، جن ديہ
جن داس، نام ڌياوهہ سيہ
تهہ گڻ مهہ، جا کہ ڀرمائي
جنم مري، ڦر آوي جائي
اوُچ نيچ، تس کي اَستان
جئسا جناوي، تئسا نانڪ جان.

ترجمو

ليلا اُن جي نياري آهي، ڪنهن ڀي اَنت نہ پاتو آ
ديو ديوتا سڀ پيا ٿڪجي، ڪنهن ڀي ڪيس نہ ڄاتو آ
پت کي ڪهڙي خبر تہ منهنجو ڀيءُ ڪتان هت آيو آ
هڪ ڌاڳي ۾ پئي جڳت کي مالڪ هار ٺهايو آ
جنهنکي سائين سمت ڏئي، سو گيان ۽ ڌيان کي پائي ٿو
داتا جو هوُ داس سڏائي من ۾ ڌيان لڳائي ٿو
ستي رجي ۽ تمي ۾ مالڪ جنهن جو من ڀرمائي ٿو
ڪڏهن جيئي ٿو ڪڏهن مري ٿو جوُڻ جا چڪر لڳائي ٿو
اوچ نيچ استان اُنهي‌ءَ جا سڀ ۾ والي وسي ٿو پاڻ
جئن جئن ڄاڻي ٿو نانڪ تئن تئن رک هردي ۾ ڄاڻ.

۴

نانا روپ، نانا جانکيءِ رنگ
نانا ڀيک، ڪرھ اِڪ رنگ
نانا بِڌ، ڪينو بستار
پربھ اَبناسي، ايکنکار
نانا چلت ڪري، کن ماھ
پور رھئو، پورن سڀ ٺاءِ
نانا بِڌ ڪر، بنت بنائي
اَپني قيمت، آپي پائي
سڀ گھٽ تس ڪي، سڀ تس ڪي ٺاءِ
جپ جپ جيوُءِ، نانڪ ھر ناءُ.

ترجمو

روپ رام جا ڪيئي آھن، رانوَل جا ڪيا رنگ گھڻا
پاڻ آھي ھڪ رنگ، مگر تو ناھي ڀيک ۽ ڍنگ گھڻا
قسمين قسمين رنگن سان ھن ڦھلايو سنسار آھي
ذات سندس اَبناسي آھي، ايڪو اونڪار آھي
اَک ڇنڀ ۾ تو کيل رچائي، جڳ ۾ کيلي کيل اَپار
سڀ جي اندر پاڻ سمايو، پورڻ پريو ۽ داتار
قسم قسم جي جوڙ پيو جوڙي، پنھنجي بڻت بڻائي پيو
پنھنجو ملھ پيو پاڻ ڪٿي ۽ پاڻ ئي قيمت پائي پيو
ھر من ۾ گھر اُن جو آ، ھر گھر ۾ اُن جي آھي جاءِ
نام جپي نت جيئي تو نانڪ، نام ئي ڏيندو اَنگ سھاءِ.

۵

نام ڪي ڌاري، سگلي جنت
نام ڪي ڌاري، کنڊ برهمنڊ
نام ڪي ڌاري، سمرت بيد پران
نام ڪي ڌاري، سن گيان ڌيان
نام ڪي ڌاري، آگاس پاتال
نام ڪي ڌاري، سگل آڪار
نام ڪي ڌاري، پريا سڀ ڀوَن
نام ڪي سنگ، اُڌري سن سروَن
ڪر ڪرپا، جس اَپني نام لائي
نانڪ چوٿي پد مهه، سو جن گت پائي.

ترجمو

نام جي ٻل تي آهن هردم قائم دائم جيوَ اَپار
نام جي ٻل تي هلي سڄو برهمانڊ، هلن ٿا سڀ سنسار
نام جي ٻل سان دنيا ۾ سڀ سمرتيون ويد پران ٿيا
نام جي ٻل سان اِنسان کي حاصل گيان ۽ ڌيان ٿيا
نام جي ٻل سان قائم دائم عرش ٿيا، پاتار ٿيا
نام جي ٻل سان قسمين قسمين روپ ٿيا، آڪار ٿيا
نام جي ٻل سان جايون جڳهيون شهر گهٽا آباد ٿين
نام ٻڌڻ سان سڀ سنساري مڪت ٿين آزاد ٿين
جنهنتي مالڪ مهر ڪري، سو نام سان نينهن لڳائي ٿو
ترِيا جي منزل تي پهچي، **نانڪ** مڪتي پائي ٿو.

۴

نانا روپ، نانا جانڪيءِ رنگ
نانا ڀيک، ڪرهه اِڪ رنگ
نانا بِذ، ڪينو بستار
پرڀ اَبناسي، ايڪنڪار
نانا چلت ڪري، کن ماهه
پور رهئو، پورن سڀ ٺاءِ
نانا بِذ ڪر، بنت بنائي
اَپني قيمت، آپي پائي
سڀ گهٽ تس ڪي، سڀ تس ڪي ٺاءِ
جپ جپ جيوءِ، نانڪ هر ناءُ.

ترجمو

روپ رام جا ڪيئي آهن، رائون جا ٿيا رنگ گهڻا
پاڻ آهي هڪ رنگ، مگر تو ناهي ڀيک ۽ ڍنگ گهڻا
قسمين قسمين رنگن سان هن ڦهلايو سنسار آهي
ذات سندس اَبناسي آهي، ايڪو اونڪار آهي
اَک چنپ ۾ تو کيل رچائي، جڳ ۾ کيلي کيل اَپار
سڀ جي اندر پاڻ سمايو، پورڻ پرڀو ۽ داتار
قسم قسم جي جوڙ پيو جوڙي، پنهنجي بڻت بڻائي پيو
پنهنجو ملهه پيو پاڻ ڪٿي ۽ پاڻ ئي قيمت پائي پيو
هر من ۾ گهر اُن جو آ، هر گهر ۾ اُن جي آهي جاءِ
نام جپي نت جيئي تو نانڪ، نام ئي ڏيندو اَنگ سهاءِ.

٧

ست بچن، ساڌو اُپديش
ست تي جن، جاڪي رديٰ پرويش
ست نرت بوجهي، جي ڪوءِ
نام جپت، تاڪي گت هوءِ
آپ ست، ڪيئا سڀ ست
آپي جانيءِ، اَپني مت گت
جس ڪي سرشٽ، س ڪرڻي هار
اَوَر نہ بُوجهہ، ڪرت بيچار
ڪرتي ڪي مت، نہ جانيءِ ڪيئا
نانڪ جو تس ڀاوي، سو ورتيئا.

ترجمو

سنتن جا اُپديش سچا، نت سچ ئي سچ فرمائين ٿا
سچا اُهي ئي، جنجي من ۾ ساڌو ديرو جمائين ٿا
جيڪو سچ کي سمجهي ٿو ۽ سچ جي راز کي ڄاڻي ٿو
نام جو نالو جپي هميشه، آخر مڪتي ماڻي ٿو
پاڻ سچو پرميشور آهي، رچنا سچي رچائي ٿو
پنهنجي گت مت پاڻ ئي ڄاڻي، اَنت نہ ٻيو ڪو پائي ٿو
پنهنجي قدرت پاڻ رچي، ڪرتار آهي، ڪرتار آهي
ڪنهن نہ ڪان وٺي ٿو رايو، پورو خود مختيار آهي
سڌ ڇا خالق جي خلقيل کي، ڀيد نہ ڪوئي پائيندو
ٿئي ٿي ٿيندو جڳ ۾ **نانڪ** آگيا جنهن فرمائيندو.

٦

روپ ست، جاڪا ست اَستان
پرک ست، ڪيوَل پردان
ڪرتوُت ست، ست جاڪي باڻي
ست پرک، سڀ ماهه سماڻي
ست ڪرم، جاڪي رچنا ست
مول ست، ست اُتپت
ست ڪرڻي، نرمل نرملي
جسهه بجهائي، تسهه سڀ پلي
ست نام، پرڀ ڪا، سکدائي
بشواس ست، **نانڪ**، گور تي پائي.

ترجمو

روپ سچو ۽ رنگ سچو، ۽ سچو سندس استان بہ آ
آد کان جيڪو آهي سچو، جو سڀني ۾ پردان بہ آ
سچا اُنهيءَ جا سڀ ڪم آهن، سچي اُنهيءَ جي واڻي آ
سڀ جي اندر پاڻ سمايو، سڀني سان نت ساڻي آ
ڪرم اُنهيءَ جا سچا سڀئي، اُن جي قدرت آهي سچي
مڍ کان مالڪ سچو سدائين، اُنجي اُتپت آهي سچي
نرمل اُنجي ڪرڻي آهي، نرمل رنگ رچائي ٿو
سوئي چڱي هر ڳالهہ ٿو سمجهي، جنهنکي چڱو ٻڌائي ٿو
نام سچو سکدائي آهي، نامرئي سک پهچائي ٿو
اَهڙو سچو ويساهہ گروءَ کان **نانڪ** گرمک پائي ٿو.

سلوڪ

آد سچ، جگاد سچ، هيءُ ڀي سچ
نانڪ هـو سي ڀي سچ.

ترجمو

اَڳ ۾ سچو ۽ پوءِ ۾ سچو، اَڄ ۾ سچو ڪرتار
صاحب سچو سڃاڻي ڀي، آهي سچو هر وار.

۸

بسمن بسم، پيکي بسماد
جن بُوجهيا، تس آئيا سواد
پرڀ ڪئ رنگ، راچ جن رهي
گور ڪي بچن، پدارٿ لهي
اوءِ داتي، دک ڪاٽن هار
جا ڪئ سنگ، ترئ سنسار
جن ڪا سيوڪ، سو وڏ ڀاڳي
جن ڪئ سنگ، ايڪ لوَ لاڳي
گن گوبند، ڪيرتن جن گاوئ
گور پرساد، نانڪ ڦل پاوئ.

ترجمو

قدرت اُنجي آهي عجب، حيرت ۾ سڀ ڪي آڻي ٿو
جنهن جاتو آ مطلب اُن جو، مزو اُهوئي ماڻي ٿو
جو شش گر ڪان وچن وٺي ۽ پرم پدارٿ پائي ٿو
رام رنگ ۾ اُهو ٿو رڱجي، هردم نام ڌيائي ٿو
اُهڙن ست پرشن جي وسيلي، دک جو دور آزار ٿيو
اُهڙن ست پرشن جي سنگ ۾، جڳ جو بيڙو پار ٿيو
وڏ ڀاڳي ڪو تن سنتن جو سيوڪ پاڻ سڏائي ٿو
اُهڙن سنتن جي سنگت ۾، نام سان نينهن لڳائي ٿو
سائين جي ساراهه ڪري ٿو، گوبند جا گڻ ڳائي ٿو
گر جي ڪرپا سان ئي نانڪ، سيوا جو ڦل پائي ٿو.

٢

ست سروپ، رديءِ جن مانيا
ڪرن ڪراون، تن مُول پڇانيا
جانڪيءِ رديءِ، بسواس پريپ آئيا
تت گيان، تس من پرگٽائيا
ڀيءِ تي نرڀئه، هوء بسانا
جس تي اُپجيا، تس ماهه سمانا
بست ماهه لسي، بست گڏائي
تا ڪئه ڀن، نه ڪهنا جائي
بُوجهيءِ بُوجهن هار ببيڪ
نارائڻ ملي، **نانڪ** ايڪ.

ترجمو

سچ جي روپ کي سمجهي من ۾ جنهن ست روپ کي جاتو آ
ڪرڻ ڪرائڻ واري کي اُن بعدي صاف سڃاتو آ
جنهنجي من ۾ پرميشور لئه، نشچو ۽ ويساه رهي
اُن جي هردي اندر هردم روشن گيان اٿاهه رهي
خوف کان جو بيخوف رهي ۽ خوف نه ڪنهنکان کائي ٿو
جنهن مان پيدا آهه ٿيو، اُن ۾ ئي پاڻ سمائي ٿو
جا شيءِ جنهن مان نڪتي آهي اُن ۾ سائي لين ٿئي
حرف دوئي جو ڪم چو آئيون ڪائي جدائي ڪين ٿئي
جيڪو سياڻو سمجهُو آهي سوئي سمجهه هلائي ٿو
نانڪ سو نارائڻ سان هڪ ٿي نارائڻ کي پائي ٿو.

اشٽپدي ١٧

چرن ست، ست پرسن هار
پوجا ست، ست سيودار
درسن ست، ست پيکن هار
نام ست، ست ڌياوَن هار
آپ ست، ست سڀ ڌاري
آپي گڻ، آپي گڻ ڪاري
شبد ست، ست پرڀ بکتا
سرت ست، ست جس سنتا
بوجهن هار ڪَءُ، ست سڀ هوءِ
نانڪ، ست ست پرڀ سوءِ.

ترجمو

سچا اُنهيءَ جا چرن ڪمل، ۽ چرن ڇهڻ وارو به سچو
سچي اُنهيءَ جي پوڄا آهي، پوڄا ڪرڻ وارو به سچو
سچو اُنهيءَ جو درشن آهي، درشن پائڻ وارو سچو
سچو اُنهيءَ جو نالو آهي، نام ڪمائڻ وارو سچو
سچي اُنهيءَ جي آهي رچنا، سچو سدائين آهي پاڻ
پاڻ ئي گڻ جو روپ سچو، گڻ وارو سائين آهي پاڻ
اُن جي واڻي آهه سچي، هوُ هردم سچ ڳالهائي ٿو
سرت اُنهيءَ جي آهه سچي، سچ سڻي ٿو ۽ ڪن لائي ٿو
سوئي سچو ٿو سمجهي سيکجهه، سچ کي جيڪو ڄاڻي ٿو
نانڪ سچو سو پار برهم آ، سالڪ سچ سڃاڻي ٿو.

۴

اُپِني جن ڪا، پردا ڍاڪئي
اُپِني سيوڪ ڪي، سر پر راکئي
اُپِني داس ڪئُ، ديئہ وڏائي
اُپِني سيوڪ ڪئُ، نام جپائي
اُپِني سيوڪ ڪئي، آپ پت راکئي
تاکي گت مت، ڪوءِ نہ لاکئي
پرڀ ڪي سيوڪ ڪئُ، ڪوَنہ پهوچئي
پرڀ ڪي سيوڪ، اوچ تي اوچئي
جو پرڀ اُپِني سيوا لائيا
نانڪ سو سيوڪ، دهہ دس پرگٽائيا.

ترجمو

عيب ڍڪي ۽ پڙدو رکي ٿو، پريو پنهنجن پيارن جو
بار کڻي ٿو پنهنجن جا، ۽ شان رکي سڪ وارن جو
داتا پنهنجي داس کي هردم مان ۽ وڏائي بخشي ٿو
نام جپڻ جو پنهنجي شش کي ڏن سکدائي بخشي ٿو
سائين پنهنجي شيوڪ جي هروقت رکي ٿو لڄ پت پاڻ
شان اُنهيءَ جو ڪير ٻڌائي، پوي نہ ڪنهڪي اهڙي ڄاڻ
شيوڪ جيڪو ناڪر جو آ، اُن سان پهچڻ وارو ڪير
اعليٰ کان سو اعليٰ آهي، ناهي هن م ڪوئي قير
صاحب جنهن شيوڪ کي، پاڻ ئي پنهنجي خدمت بخشي آ
نانڪ اُهڙي شيوڪ کي، اُن جت ڪٿ عزت بخشي آ.

٣

ناڪر ڪا سيوڪ، آگياڪاري
ناڪر ڪا سيوڪ، سدا پوڄاري
ناڪر ڪي سيوڪ ڪِئِ، من پرتيت
ناڪر ڪي سيوڪ ڪي، نرمل ريت
ناڪر ڪئُ، سيوڪ جانِئِ سنگ
پرڀ ڪا سيوڪ، نام ڪِئِ رنگ
سيوڪ ڪئُ، پرڀ پالن هارا
سيوڪ ڪي، راکِئِ نرنڪارا
سو سيوڪ، جس دئيا پرڀ ڌارِئِ
نانڪ سو سيوڪ، ساس ساس سمارِئِ.

ترجمو

ناڪر جو سيوڪ جو آهي، سوئي آگياڪاري آ
ناڪر جو سيوڪ جو آهي، سچو اُهو پوڄاري آ
ناڪر جو سيوڪ جو آهي، من ۾ سچو ويساهه رکي
ناڪر جو سيوڪ جو آهي، نرمل ريت ۽ چاهه رکي
ناڪر جو سيوڪ نت سمجهي، ناڪر اُن جي سنگ ۾ آ
ناڪر جو سيوڪ جو آهي، هردم نام جي رنگ ۾ آ
ناڪر جو سيوڪ جو آهي، اُن کي پالي پالڻهار
ناڪر جو سيوڪ جو آهي، رکي اُنهيءَ جي لڄ ڪرتار
ناڪر جو سيوڪ جو آهي، سائين اُن کي شاد ڪري
نانڪ اُهڙو سيوڪ ئي، مالڪ کي هردم ياد ڪري.

٦

بارنبار بار، پرڀ جپيئي
پي اَمرت اهه من تن ڌرپيئي
نام رتن، جن گورمک پائيا
تس ڪڇ اور، ناهي درشٽائيا
نام ڌن، نامو روُپ رنگ
نامو سک، هر نام ڪا سنگ
نام رس، جو جن ترپتاني
من تن، نامهه نام سماني
اوُٺت بئنت سووُت نام
ڪهه **نانڪ** جن ڪئي سد ڪام.

ترجمو

هردم اُن جو نالو جپجي، هردم اُن کي ياد ڪجي
اَهڙو اَمرت وري نه ملندو، پيئجي ۽ دلشاد ڪجي
جنهن پي گرمک پنهنجي گرکان، نام جو هيرو پاتو آ
اَهڙي گرمک نام بنا بيو، ڪنهن کي ڪين سڃاتو آ
نام ئي اُنجي دولت آهي، نام ئي روُپ ۽ رنگ به آ
نام ئي اُنجي راحت آهي، نام ئي اُن سان سنگ به آ
نام جي رس سان جيڪو پياسي، من جي پياس مٽائي ٿو
نام ۾ سوئي لين ٿئي ٿو، نام ۾ پاڻ سمائي ٿو
اُٿندي وهندي سمهندي پريمي، نام سان من وندرائين ٿا
نانڪ جي پريوءَ جا پيارا، سچي ڪرت ڪمائين ٿا.

٥

نيڪي ڪيري مهہ، ڪل راکيۓ

پسم ڪريۓ، لشڪر ڪوٽ لاکيۓ

جس ڪا ساس، نہ ڪاڍت آپ

تا ڪئہ راکت، دي ڪر هاٿ

مانش جتن ڪرت، بهہ ڀانت

تس کي ڪرتب، برٿي جات

مارۓ نہ راکيۓ، اَوَر نہ ڪوءِ

سرب جيئا ڪا، راکا سوءِ

ڪاهي سوچ ڪرهہ، ري پراڻي

جپ **نانڪ** پرڀ، اَلک وِڏاڻي.

ترجمو

شڪتيوان جي شڪتي جي، هڪ ڪڻيءَ مِ تي واس ڪري

لشڪر لکن ڪروڙن جو سا، ڪڻي کن مِ ناس ڪري

جنهنجي پارِ ڪري ٿو رکشا، جنهنکي پارِ نہ ماري ٿو

مهر جو هٿ ٿو رکي اُنهيءَ تي، مرندڙ کي بہ جيئاري ٿو

بعدو ڪوشش گهڻي ڪري پل، تدبيروُن پيو ڪري هزار

ڪوشش هرڪا ويندي وَأرت، تيندين تدبيروُن بيڪار

مارڻ جي جيئارڻ جي دنيا مِ، ڪنهنکي اُهڙي طاقت آ

رکشا سڀ جي ڪري ٿو رانوَل، سڀ هٿ اُنجي قدرت آ

پراڻي! ڪهڙي سوچ مِ آهين؟ چاجو ٿو ويچار ڪرين؟

نانڪ ڪر اُن نام جو سمرڻ، سستي ڇو بيڪار ڪرين؟

٨

مـن ميري، تن کي اوٽ نيهه
من تـن آپنا، تن جن ديهه
جن جـن، آپنا پـريو پڇاتا
سو جن، سرب ٿـوک کا داتا
تس کي سرن، سرب سک پاوهه
تس کيءِ درس، سڀ پاپ مٽاوهه
آؤر سيانپ، سگـلـي ڇـاڏ
تس جـن کي، تون شيوا لاڳ
آون جان، نـہ هـوؤءِ تيرا
نانڪ تس جن کي، پُوجهه سد پئرا.

ترجمو

اي من منهنجا اوٽ اَجهو ڪر، درويش جو سنتن جو
تن من ڪر قربان اُنهن تان، سؤدو ڪر تون جيوَن جو
پريوءَ کـي جن جاتـو آ ءِ اُن جـو شان سڃاتـو آ
هر شيءِ جا هوُ داتا آهن، تـن کان سيئي پاتـو آ
اَهڙن سنتن جي چرنن ۾، من جا سڀ سک پاءَ ڪٽي
دل وارن جو درشن پائي، پاپ ءِ تاپ مٽاءَ ڪـٽـي
آهي اَجائي سڀ چترائي، سياڻپ ءِ چترائـي ڇڏ
پوُرن سنتن جي ڪر شيوا، پاڻ کي شيوڪ ڄاڻي اَڏ
اَچڻ وڃڻ کان ڇٽي تون پوندين، مرڻ جيئڻ کان رهندين دوُر
نانڪ اَهڙن سنتن جي، پيرن کي پرائي پوُڄ ضرور.

٧

بولھ جس جھبا، دن رات
پربھ اپني جن، ڪيني دات
ڪرھ پرتيت، آتم ڪيءِ چاءِ
پربھ اپني سڱ، رھھ سماءِ
جو ھوئا، ھووت سو جانيءِ
پربھ اپني ڪا، حڪم پڇانيءِ
تس ڪي مھما، ڪؤن بکانئه
تس ڪا گن ڪھ، ايڪ نه جانئه
آٺ پھر، پربھ بسھ حضوري
ڪھ **نانڪ**، سيئي جن پوري.

ترجمو

جيڪي بندا، پنھنجي جيءَ سان، ھردم ھرجس ڳائين ٿا
ڏات اُنھيءَ ڏاتار جي، سي ئي چڱيءَ ڪار ۾ لائين ٿا
پريم سان پرتيت ڪن ٿا جيڪي، نام سان نينھن لڳائين ٿا
نام سان سي ئي ملي تين ھڪ، چين اُنوکو پائين ٿا
جيڪو گذريو سو سڀ ڄاڻن، جيڪو ٿيندو، ڄاڻن ٿا
حڪم ڌڻيءَ جو سمجھن ھردم، حڪم کي صاف سڃاڻن ٿا
تنجي مھما آھي اوچي، ڪير اُنھيءَ جو ڪٿن ڪري
ھڪڙو گڻ ئي سمجھڻ مشڪل، پل پيو ڪيڏا يتن ڪري
داتا جي دربار ۾ جنھنجو اُٺ ئي پھر ٿو روح وسي
نانڪ پورن سنت سو آھي، مڪتيءَ جي منزل تي رسي.

اشٽپدي ١٨

ستگور سک کي ڪرئِ پرتپال
شيوڪ ڪءُ گور سدا دئيال
سک کي، گور درمت مل هرئِ
گور بچني، هر نام اُچرئِ
ستگور سک کي بندن ڪاٽئِ
گور ڪا سک، بڪار تي هاٽئِ
ستگور سک ڪءُ، نام ڌن ديءُ
گر ڪا سک، وڏ ڀاڳي هيءُ
ستگور سک ڪا، هلت پلت سوارئِ
نانڪ ستگور سک ڪءُ، جيءُ نال سمارئِ.

ترجمو

ستگر پنهنجي پياري سک جي، لهي تو هردم سار سنڀار
ستگر پنهنجي پياري سک تي، ٻاجھ ڪري تو، تي ٻاجهار
ستگر پنهنجي پياري سک جي، ميل ڪپت کي نواري تو
سک پڻ گر کان شبد ٻڌي، ستنام جو شبد اُچاري تو
ستگر پنهنجي پياري سک جا، قيد ۽ بندن ڪاٽيندو
پر جي گروءَ جو شيوڪ من جا، وشيہ وڪار ڇڏي ڏيندو
ستگر پنهنجي پياري سک کي، نام جي دولت بخشي تو
قسمت واري سک ڪسي، ستگر اهڙي قسمت بخشي تو
ستگر پنهنجي پياري سک جو، لوڪ پرلوڪ سڌاري تو
جيءَ سان سک جي ڪري حفاظت، **نانڪ** سدا سنڀاري تو.

سلوڪ

ست پرک جن جانيا، ست گور تس ڪا نانءُ
تس ڪيءِ سنگ سک اُڌريءِ، نانڪ هر گن گاءِ.

ترجمو

جاتو جنهن پرماتما کي، اُن جو ستگر نام
سک تري تنهن سنگ ۾، هر گڻ ڳاءِ مدام.

٣

بيس بسوي، گور کا من مانيءِ
سو شيوڪ، پرميشر ڪي گت جانيءِ
سو ست گور، جس رديءِ هر ناءُ
اَنڪ بار، گور ڪءُ بل جاءُ
سرب نڌان، جيءَ کا داتا
آٺ پهر، پار برهم رنگ راتا
برهم مهه جن، جن مهه پار برهم
ايڪهه آپ، نهي ڪڇ ڀرم
سهس سياڻپ لئيا نه جائيئيءِ
نانڪ ائسا گور، وڏڀاڳي پائيئيءِ.

ترجمو

وِيهُئِي وِسا جو سڪ، جو گُرو جي آگيا پالي ڄاڻي ٿو
تڏهين سوئي شيوڪ اُن صاحب کي صاف سڃاڻي ٿو
سوئي ستگرو جنهجي جنهجي من ۾ وسي ٿو نت يڳوان
اَهڙي ستگرو تان مان صدقي، اَهڙي ستگرو تان قربان
ستگرو آهي سدا ديالو، بخشي هرڪا دولت ٿو
اَٺئي پهر رهي ٿو رنگ ۾، رکي اَلک سان اُلفت ٿو
رام ۾ شيوڪ وسي ٿو هردم، شيوڪ ۾ نت وسي ٿو رام
جت ڪت هڪڙو شڪ ڪو ناهي، هرجا اُنجو آهي نام
چالاڪي چترائي اَجائي، ڪين ملي گر سياڻپ سان
نانڪ وڏ ڀاڳي شيوڪ کي، گرو ملي ٿو پنهنجو پاڻ.

٢

گور ڪيءِ گرهه شيوَڪ جو رهيءِ
گور ڪيءِ آگيا من مهه سهيءِ
آپس ڪئہ، ڪر ڪيچ نہ جناويءِ
هر هر نام، ردءِ سد ڌياويءِ
من بيچيءِ، ستگر ڪي پاس
تس شيوَڪ ڪي، ڪارج راس
شيوا ڪرت، هوءِ نهڪامي
تس ڪئہ هوت، پراپت سوامي
اَپني ڪرپا، جس آپ ڪريئہ
نانڪ، سو شيوَڪ گور ڪي مت ليئہ.

ترجمو

ستگر جي استان ۾ جيڪو، سکُ تو اچي ۽ در تو جهلي
من سان مڃي تو گرن جي آگيا، گرن جي آگيا ۾ئي هلي
آپو ۽ اَهنڪار تياڳي، پاڻ کي ڪجهہ بہ نہ ڄاڻي هوُ
هردي ۾ هر نام ڌيائي، تاڻ اها ئي تاڻي هوُ
من ستگر جي ڪري حوالي، سچ جو سؤدو ڪمائي تو
ڪم سڀ ٿيندا اُن شيوَڪ جا، جو چاهي سو پائي تو
ڦل جي آشا ڪين رکي ۽ شيوا ڪري، نشڪام ڪري
پريو اُن کي پراپت ٿئي تو، حاصل تو ستنام ڪري
رانوَل جنهن تي ٿئي تو راضي، مهر جو هٿ ڦيرائي تو
نانڪ سوئي گرمک گر جي، سچي سکيا کي پائي تو.

۵

جهبا ايڪ، اُستت انيڪ
ست پوُرک، پورن ببيڪ
ڪاهو بول، نہ پهچت پراني
اگم اگوچر، پرڀ نربانيِ
نر اهار نرويـر، سک دائي
تاکي قيمت، ڪنهُ نہ پائي
انڪ ڀڳت، بندن نت ڪره
چرن ڪمل، هرد ۾ سمره
سد بلهاري، ست گور اپني
نانڪ جس پرساد، ائسا پرڀ جپني.

ترجمو

مون وٽ هڪڙي آهي زبان، پر اُنهي گڻن جو انت نہ آ
پورن پرک سچو سو گياني، اُن جهڙو ڀڳوَنت نہ آ
فاني بندي کي ڇا طاقت، مهما اُنهيءَ جي مشڪل آ
اگم اگوچر الک سدائين، قادر آهي ڪامل آ
نڪي هوُ کائي، نڪي پئي ٿو، نڪي رکيٿو ڪنهسان وير
سکدائي سڪ ڏيئيٿو سڀ کي، ڪنهن اُنهيءَ جي قيمت ڪير
ڪيئي ساڌو سنت اُنهيءَ کي هردم سيس جهڪائين ٿا
پرميشور جي چرن ڪمل جو دل ۾ ڌيان لڳائين ٿا
آهڙي پياري سنگر تان بلهار وڃان شل واروُن وار
نانڪ جنهنجي مهرميا سان ياد ڪريان ٿو هڪ ڪرتار.

۴

سفل درسن، پيکت پنيت
پرست چرن، گت نرمل ريت
ڀيٽت سنگ، رام گن روئي
پار برهم کي، درگه گوئي
سن کر بچن، کرن اگهاني
من سنتوک، آتم پتيئاني
پورا گور، اکيئه جاکا منتر
انمرت درشت پيکئي هوء سنت
گڻ بي انت، قيمت نهي پاء
نانڪ جس ڀاوئي، تس لئي ملاء.

ترجمو

قل دائڪ گر درشن آهي، من کي صاف بڻائي ٿو
گر جي چرن ڇهڻ سان بندو، مڪتيءَ جو پد پائي ٿو
جيڪو شش، ستگر جي سنگ ۾ مالڪ جا گڻ ڳائي ٿو
پار برهم پرميشور جي، درگاهه جو رستو پائي ٿو
گر جون پاڪ پوتر ڳالهيون، ٻڌندي ڪن مسرور ٿين
روح کي راحت سچي ملي ٿي، من جا ڦرنا دور ٿين
پورن ستگر جو منتر، دنيا ۾ هردم امر رهي
سنت اهوئي بڻجي ٿو، ستگر جي جنهنتي نظر رهي
نانڪ گڻ بي انت اُنهيءَ جا، ملهه نه جڳت ۾ جنهنجو آ
جنهنتي راضي ستگر ٿئي ٿو، اُن کي ڪندو هوُ پنهنجو.

٧

ٽيت ماهہ ٺانڍ ورتائي
آنند پيئا دک ناٺي پائي
جنم مرڻ کي مٽي انديشي
ساڌو کي پورن اُپديشي
ڀئہ چوُکا نرڀئہ هوءِ بسي
سگل ٻئاڌ، من تي کيءِ نسي
جسکا سا، تن کرپا ڌاري
ساڌ سنگ جپ، نام مراري
ٿت پائي، چوکي ڀرم گوُن
سن نانڪ، هر هر جس سرؤن.

ترجمو

پنهنجي هردي ٿڌل کي ٺاري، سيتل من کي بڻايو آ
نام جي ٺالي آنند بخشي، دک ۽ درد مٽايو آ
اُچڻ وچڻ جو، جنم مرڻ جو، انديشو سڀ دور ٿيو
سنتن جي اُپديش سچي سان، منهنجو من پرپور ٿيو
ڀؤ ۽ ڀولا ڀرم ويا، بي خوف رهيس ۽ بي پرواهہ
من جي چنتا چوُر ٿي ويئي، دور ٿيا سڀ درد اٿاهہ
جنهنجو هوس انهيءَ ئي مونثي، ديا ڪئي دلشاد ڪئي
نام جپيان ٿو ساڌن سنگ ۾، ستگر دلڙي شاد ڪئي
آواگون مٽيو سڀ منهنجو، دل کي مليو ويو خاص قرار
ستگر وائان ٻڌم ڪنن سان، نانڪ برهم سندو ويچار.

٦

اِهہ هـر رس، پاوئي جن ڪوء
انمرت پيوئي، امـر سو هوء
اس پرک ڪا، ناهي ڪدي بناس
جاڪئي من، پرگهٽي گن تاس
آٺ پهر، هـر ڪا نام ليئہ
سچ اُپديش، شيوَڪ ڪئہ ديئہ
موهہ مائئا ڪئي سنگ، نہ ليپ
من مهہ راڪئي، هر هر ايڪ
اَنـدڪـار، ديپڪ پـرگاسي
نانڪ پرم موهہ دک، تهہ تي ناسي.

ترجمو

ڪوئي ڪوئي هر جس ساڌو، جو اُمرت رس پيئندو آ
نام جو امرت ورتائـي، سو جُڳ جُڳ، جڳ ۾ جيئندو آ
اَجر اَمر سو پرش سدائين، ڪوبہ نہ اُن کي ناس ڪري
سين گڻن جو مالڪ پريو، جنهنجي دل ۾ واس ڪري
اَٺئي پهر جو پنهنجي اندر ۾، نام سان اورؤن اوري تو
سچو اُپديش ڏي شش کي، چاهہ رکي چپ چوري تو
موہ ۾ مايا جي نہ هوُ ڦاسي، لوپ کان پاڻ بچائي تو
پنهنجي من مندر جي اندر، هڪڙو هري وسائي تو
اونده ۽ اندڪار ۾ ديپڪ پنهنجو، ڪري تو جڳ پرڪاش
نانڪ پولو پـرم موه سڀ، اُن ساڌو جو ٿئي تو ناس.

سلوڪ

ساٿ نہ چالي‌ءِ بن پڇن، بڪٿا سگلي ڇار
هر هر نام ڪماونا، **نانڪ** اهہ ڌن سار.

ترجمو

هلندو ساٿ هري پڇن، دنيا خاڪ سمان
نانڪ نام ڪماءِ نت، هيءُ ڌن آهي مهان.

٨

نرگن آپ، سرگن ڀي اوهي
کلا ڌار، جن سگلي موهي
اَپني چرت پرڀ آپ بنائي
اَپني قيمت آپي پائي
هر بن دُوجا ناهي ڪوءِ
سرب نرنتر، ايڪو سوءِ
اوت پوت، رويا رُوپ رنگ
ڀئي پرگاس ساڌ ڪئي سنگ
رچ رچنا، اَپني ڪل ڌاري
اَنڪ بار، نانڪ بلهاري.

ترجمو

سيني گڻن سان پريل بہ آ ۽ سيني گڻن کان ڌار آهي
مايا ڏسندي مالڪ جي، حيران ٿيو سنسار آهي
پنهنجا رنگ هوُ پاڻ ئي جاڻي، پنهنجا کيل رچائي پاڻ
پنهنجي شان کي پاڻ ئي سمجهي، پنهنجو ملهہ تو لڳائي پاڻ
پاڻ ئي آهي، ٻيو ڪو ناهي، جت ڪت آهي پاڻ ئي پاڻ
سڀ جي اندر پاڻ وَسي ٿو، آهي ساري دنيا ساڻ
روپ لکين ۽ رنگ لکين، ٻي رنگ پريو هر رنگ ۾ آ
ظاهر ٿيو نروار ٿيو، هوُ سنتن جي ئي سنگ ۾ آ
رچنا خوُب رچائي مالڪ، مايا اُن جي نياري آ
سؤ سؤ بار اُنهيءَ سائينءَ تان، نانڪ خود بلهاري آ.

٢

جس تن کئي، چار کنٽ اُٺ ڌاوهه
سو تن، هر سيوا تي پاوهه
جس سک کئي، نت باڇهه ميت
سو سک، ساڌو سنگ پريت
جس سوڀا کئي، کرهه پلي کرني
سا سوڀا، ڀڄ هر کي سرني
اَنک اپاوئي، روگ نه جاءِ
روگ مٽئي، هر اَوکڌ لاءِ
سرب نڌان، مهه هر نام نڌان
جپ **نانک**، درگهه پروان.

ترجمو

جنهن مايا لهءِ چئني پاسي، واجهه وجهي واجهائين ٿو
سو تن پرڀوءَ جي سمرڻ سان، پل ۾ پراڻي پائين ٿو
جنهن سک جي تو آشا من ۾، هردم منهنجا ميت کرين
سو سک سادو توکي ملندو، سنتن سان جي پريت کرين
جنهن جس ۽ نيڪيءَ جي خاطر جڳ ۾، کرين ٿو اعلي ڪار
شوڀ پرڀوءَ جي وٽ تون سيائڻا، جس پيو ڳائيندءِ سنسار
تدبيرون کر لکين هزارين، روڳ اندر جو دور نه ٿئي
نام جو داروُن دور کندءِ دکهه، توکي وري دکهه موُر نه ٿئي
نام خزانو آهي اعلي، هرکنهن ڌن کان نيارو آ
نانک اهڙي مايا جنهن وٽ، سائينءَ کي سو پيارو آ.

اشٽپدي ١٩

سنت جنا مل، ڪرهُ بيچار
ايڪ سمر نام آڌار
اُور اپاو سڀ، ميت بسارهُ
چرن ڪمل، رد مهِ اُر ڌارهُ
ڪرن ڪارن، سو پربھ سمرت
درڙ ڪر گهھ، نام هر وت
اِهُ ڌن سنچهُ، هووهُ ڀگونت
سنت جنا ڪا نرمل منت
ايڪ آس راکهُ من ماهِ
سرب روگ نانڪ مٽ جاهِ.

ترجمو

سنتن جي سنگت ۾ ويهي، نام جو من ۾ ڪر ويچار
هڪڙي جي ڪر حمد هميشه، هڪڙو نام ٿئي آڌار
ٻيو سڀ ڪوشش آهي اُجائي، ڪُرت ڪوشش وير وسار
هردم پنهنجي هردي اندر، چرن ڪمل پربھ جا ڌار
پربھ جڳت جو ڪرتا ڌرتا، خالق آ، ڀڳوان به آ
اُن جي نام تي قائم رهجان، اُهو سنو سامان به آ
پربھ پريم جي مايا ميڙج، ڌن اُهڙي سان ٿيءِ ڌنوان
سنت سچا سڀ ائين چون ٿا، آهي يٿارت تنهجو گيان
پنهنجي من ۾ آس ڪجي، بس هڪڙي اَلکه جي آس ڪجي
نانڪ نوَرس روڳ ٿي ويندا، دک ۽ درد کي ناس ڪجي.

۴

تت بيچار، کهئي جن ساچا
جنم مرئي، سو ڪاچو ڪاچا
آواگون مٽئي، پربھ سيو
آپ تياڳ، سرن گور ديو
اِءَ رتن جنم کا، هوءِ آڌار
هر هر سمر، پران آڌار
اَنڪ اپاو، نہ ڇُوٽن هاري
سمرت ساست، بيد بيچاري
هر کي ڀڳت، کره من لاءِ
من بنڇت، **نانڪ** ڦل پاءِ.

ترجمو

سچ کي سوئي ويچاري ٿو، جيڪو پرش سچو آهي
جنم مرڻ ۾ سوئي پوندو، ڪوڙو ۽ جو ڪچو آهي
نام جو جيڪو جاپ جپي ٿو، اچڻ وڃڻ کان دور رهي
شون وٺي گرديوَ جي جيڪو، ماڻ نہ اُنکي مُور رهي
هيري جهڙي مانش ديهي، ڪندو اُنهيءَ جو نام اُڌار
پرميشور جو پيارو نالو، آهي پرانن جو آڌار
سوين هزارين يتن ڪجن، نيتارو ناهي نام بنا
وبد پران جا پاٺ ڪجن، پل پڙهجن پيا پوٿيون ۽ پنا
بندا اُن ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾، چت پنهنجو لاءِ ڪٽي
نانڪ اُن ڀڳتيءَ جي ٻل سان، من مانيو ڦل پاءِ ڪٽي.

٣

من پربوڌه، هر ڪي ناءِ
دهه دس ڌاوت، آوئي ٺاءِ
تاڪئه بگهن، نه لاگئي ڪوءِ
جاڪي هردئي بسئي هر سوءِ
ڪل تاٽي، ٺانڍا هر ناءُ
سمر سمر، سدا سک پاءُ
ڀوَ بنسئي، پورن هوءِ آس
ڀگت ڀاءِ، آتم پرگاس
تت گهر جاءِ، بسئي ابناسي
ڪهو **نانڪ**، ڪاٽي جم ڦاسي.

ترجمو

مُورک من کي سمجهائي ڀڳوان جي پاسي لاءِ ڪٽي
جيڪو من ڀٽڪي ٿو هر جا، تنهنکي ڪر هڪ جاءِ ڪٽي
ڪنهن ٻي ڪرم وگهن نه پوندو، مشڪل هرڪا ٿئي آسان
جنهنجي من جي مندر اندر، هردم براجي ٿو ڀڳوان
ڪلو ڪال ۾ نارائڻ جو نانءُ، تنهن من ٺاري ٿو
سمري سمري سک ڪر حاصل، سمرڻ سک ڏيکاري ٿو
ناس ٿيس ڀوَ ڀرم ۽ ڀولا، پورن هرڪا آس ٿئي
پريم ڀڳتيءَ جي ديپڪ سان، برهم سندو پرڪاش ٿئي
اَبناسيءَ جي اوٽ وٺي، ڪر حاصل منزل اَبناسي
نانڪ ڪال قريب نه ايندو، ڪٽبي ڪال سندي ڦاسي.

٦

گور کي مت، تون ليھ اياڻي
ڀڳت بنا، ٻھ ڏوٻــي سياڻي
ھر کي ڀڳت ڪرھ، من ميت
نـرمـل ھـوءِ، تمارو چيت
چرن ڪمل، راکھ مـن ماھ
جنم جنم کي، ڪل بڪ جاھ
آپ جپھ، اورا نام جپاوھ
سنت ڪھت رھت، گت پاوھ
سار ڀوُت ست ھـر ڪو ناءُ
سھج سڀاءِ **نانڪ** گـن گـاءُ.

ترجمو

گر جي ٻڌ نادان نصيحت، جيڪي گروُ فرمائي ٿو
ڀڳتيءَ بن خود سمجھوُ ۽ سياڻو، سؤ سؤ غوطا کائي ٿو
ڀڳتي ھڪ ڀڳوان جي ڪر تون، ھڪڙي سان دل لاءِ منا
تنھنجو ھردو پوتـر ٿيندو، من کي صاف بڻاءِ منا
پيار رکي اُن پرميشور سان، چرن ڪمل سان تون چت لاءِ
چرنن سان چت لائـي پرائي، جنم جنم جا پاپ مٽاءِ
پاڻ بہ جاپ جپيندو رھہ ۽ سنگ ۾ ٻين کي جاپ جپاءِ
نام ٻڌي ۽ نام ٻڌائي، مڪتيءَ جي مارگ کي پاءِ
ھر شيءِ جو تت رام جو نالو، رام جي نالي کي ھٿ ڪر
سھج سڀاءِ اُن سائينءَ جا گڻ، **نانڪ** ڳائج تون ھر ھر.

۵

سنگ نہ چالس، تيريءِ ڏنا
تون کيا لپٽاوهہ، مُورک منا
ست ميت ڪٽنب، اَر بنتا
اِن تي کهھ، تم کون سنانا
راج رنگ، مائيا بستار
اَن تي کهھ، کون چٽکار
اَس هستي، رٿ اَسواري
جُوٽا ڊنڦ، جوُٽ پاساري
جن ديئي، تس بُوجهيءِ نہ بگانا
نام بسار، **نانڪ** پڇتانا.

ترجمو

آئين اڪيلو، ويندين اڪيلو، ڪٺي نہ ويندين مايا ساڻ
جيڪا سات نہ ڏيندي مُورک، اُن ۾ ڦاسين تو ڇاڪاڻ
ڪٽنب قبيلي پٽ پوٽن ۽ ناريءَ سان نيهن لائين تو
تنهنجو ڪوبہ نہ ٿيندو ساٿي، جن کي پنهنجو ڀائين تو
راجائيءَ جو ناٽ هجي پل، تو وٽ ڌن دولت جو زور
ڪوئي ڪين ڇڏائي سگهندءِ، اَنت ڪال ۾ ڪر ڪو غور
هاٿي گهوڙا گاڏيون جن تي، روز ڪرين هسواري تو
ڪوڙو ڏيک اُهو سڀ آهي، ڏيکارين چوڌاري تو
دم دم جيڪو ديا ڪري، اُن داتا کي جو ڀلائيندو
نانڪ نام بنا سو بندو، اَنت ڪال پڇتائيندو.

۸

ايڪو جپ، ايڪو سالاهه
ايڪو سمر، ايڪو من آهه
ايڪس ڪي گن، گاءُ انت
من تن جاپ، ايڪ ڀڳونت
ايڪو ايڪ، ايڪ هر آپ
پُورن پُور رهئو، پرڀ بياپ
انڪ بستار، ايڪ تي ڀئي
ايڪ آراڌ، پراچت گئي
من تن انتر، ايڪ پرڀ راتا
گور پرساد، نانڪ اِڪ جاتا.

ترجمو

هڪڙو آهي، هڪڙو هوندو، هڪڙي جا گڻ ڳاءِ بندا
هڪڙي کي ياد ڪر هميشه، من ۾ تنهن کي وساءِ بندا
ڳاءِ سدا گڻ ڳاءِ سدا تون، آهن جنهنجا گڻ بي اَنت
تن من سان جپ نام اُنهيءَ جو، مالڪ آهي هڪ ڀڳونت
هڪڙو آهي بيو ڪوناهي، جنهن هڪ ئي رنگ رچايو آ
هر جا اُن جو جلوو آ، هر شيءِ ۾ پاڻ سمايو آ
هڪ مان سڀ سنسار ٿيا پيدا، هڪ مان پيدا ٿيا اَپار
پريم سان ڪر اُن هڪ جي پُوڄا، پاپ مٽن ۽ ٿئي اُڌار
رنو جو هڪڙي رنگ ۾ آهي، نام سان جنهن من لاتو آ
نانڪ گرجي ڪرپا سان، اُن هڪ ئي رام کي جاتو آ.

٧

ڳُن گاوت تيري اُترس مَلُ
بنس جاءِ، هؤمَي بِک ڦَلُ
هوهه اچنت، بسي سک نالِ
ساس گراس، هر نامُ سمالِ
ڇاڏِ سيانپ سگلي، منا
ساڌ سنگِ، پاوهه سچ ڌنا
هر پونجي سنچ، کرهه بيوهار
ايها سک، درگهه جيڪار
سرب نرنتر، ايکو ڏيک
کهُ نانڪ، جا ڪي مستڪ ليک.

ترجمو

من جي ميل مٽي سڀ تنهنجي، گوبند جي گڻ ڳائڻ سان
زهر ٽٽي تو ناس هاڻ جو، فقط ڌڻيءَ کي ڌيائڻ سان
سدا سدا سک پائيندين تون، من جي چنتا ٿيندءِ چُور
دک تنهنجي نزديڪ نه ايندو، هردم ڪر تون ياد حضور
اٽڪل ساڻ الله نه ملندو، آهي سياڻپ سڀ بيڪار
سنتن جي صحبت ۾ ويهي، هت ڪر مايا سچي هڪوار
سچي نام جي مايا ميڙي، سچي نام جو ڪر ڏهنوار
ٿيندين سکي هن لوڪ ۾ ۽ پرلوڪ ۾ ٿيندءِ جئه جئڪار
هر جا هڪڙو نُور ڏسي ؛ سڀ ۾ هڪ پڳوان ڏسي
نانڪ جت ڪت صاحب کي، سو ڀاڳ وارو انسان ڏسي.

اشٽپدي ٢٠

جاچڪ جن، جاچيءِ پرڀ دان
ڪر ڪرپا، ديوهه هر نام
ساڌ جنا ڪي، مانگئہ ڌوڙ
پار برهم، ميري سرڌا پور
سدا سدا، پرڀ ڪي گن گاوءُ
ساس ساس، پرڀ تمهہ ڌياوءُ
چرن ڪمل سئہ، لاگئہ پريت
ڀڳت ڪرءُ پرڀ ڪي، نت نيت
ايڪ اوٽ، ايڪو آڌار
نانڪ مانگيءِ، نام پرڀ سار.

ترجمو

تون داتا، مان منگتو آهيان، مون کي داتا دان کپي
نام تنهنجي جو دان کپي، بس اهو تنهنجو احسان کپي
سنتن جي چرنن جي رج جي، آهي نت درڪار مونکي
آس اها ڪر پوري پريو، خاڪ جي چپٽي ڏيار مونکي
ڳايان مان گڻ ڳايان مان، هروقت تنهنجا گڻ ڳايان مان
دم دم توکي ياد ڪريان، ۽ پل پل ڌيان لڳايان مان
چرن ڪمل سان چاهه رکي، تن چرنن سان چت لايان مان
ڪريان هميشه ڀڳتي تنهنجي، تنهنجو ڀڳت چوايان مان
دنيا اندر منهنجو آهين تون، اوٽ اجهو ۽ نت آڌار
نانڪ داس ٿو توکان طلبي، سائين تنهنجي نام جو سار.

سلوڪ

ڦرت ڦرت پرڀ آئيا، پرئيا تئہ سرناءِ
نانڪ ڪي پرڀ بينتي، اپني ڀڳتي لاءِ.

ترجمو

ڀٽڪي ڀٽڪي، نيٺ مان، آيس تنهنجي دوار
نانڪ جي هيءَ وينتي، ڏي ڀڳتي ڀاوُ اپار.

٣

شيوڪ ڪي منشا، پوري پئي
ستگور تي، نرمل مت لئي
جن ڪئن، پرڀ هوئيو دئيال
شيوڪ ڪيتو، سدا نهال
بندن ڪاٽ، مڪت جن پئيا
جنم مرن، دوک پرم گئيا
اڇ پني، سرڌا سڀ پوري
رو رهيا، سد سنگ حضوري
جس ڪا سا، تن ليئا ملاء
نانڪ ڀڳتي، نام سماء.

ترجمو

هميشه جو شيوڪ هرڪو، من جون مرادون پائيندو
ستگو جي اُپديش کي جي هو، هردي ساڻ هنڊائيندو
جنهنجي شيوڪ تي نت پريو، سدا سدا تو رهي ديال
سچي خوشي من جي سو پائي، دنيا ۾ نت رهي نهال
شيوڪ جا سڀ بندن ٽٽندا، مڪتي ٿئي نيتارو ٿئي
آ جو ٿيندو جنم مرڻ کان، دور ڀرم دک سارو ٿئي
جو چاهي سو پائي، هرڪا خواهش دل جي پوري ٿئي
مالڪ سان هو ملي تو، اُن کي حاصل خاص حضوري ٿئي
جنهن جو آهي، تنهنجو بڻجي، مالڪ ساڻ ملي ويندو
نارائڻ جو نام جپڻ سان نانڪ، لين نام ۾ تي ويندو.

۲

پرڀ ڪي درشٽ، مها سک هوء
هر رس پاوئي، برلا ڪوء
جن چاکئا، سي جن ترپتاني
پورن پرک، نهي ڏولاني
سير پري، پريم رس رنگ
اُپجئي چاءُ، ساڌ ڪئي سنگ
پري سرن، آن سڀ تياڳ
انتر پرڳاس، اَن دن لو لاڳ
بڏ ڀاڳي، جپيئا پرڀ سُوء
نانڪ نام رتي، سک هوء.

ترجمو

پريم جي رس ۽ رنگ ۾ سي، وڏڀاڳي آهن نت پرپور
سيئي سنتن جي سنگت ۾، پائن پريم جو لطف ضرور
جنهني مالڪ مهر ڪري تو، سو هرڪو سک پائي تو
ورلو هوندو، جيڪو نام جو، امرت رس ورتائي تو
جنهن جنهن امرت هي ورتايو، ٻي نہ اُنهيءَ کي پياس رهي
سوئي پورن پرک نہ ڏولي، ٻي نہ اُنهيءَ کي آس رهي
ٻيا سڀ تڪيا ڇڏي جڳت جا، ورن تا هڪ جي شرن اُهي
گيان پرڪاش ٿئي تن جي گهٽ ۾، ڏيان ڏٺيءَ جو ڌرن اُهي
جيڪي نام جپيندا رهندا، قسمت وارا سي ٿيندا
رتا رام جي رنگ ۾ **نانڪ**، سي سک هردم پائيندا.

۵

ساڌن سنت، ڪرهُ اِهُ ڪام
آن تياڳِ، جپهُ هرِ نام
سمرِ سمرِ سمرِ، سک پاوهُ
آپ جپهُ، اورهُ نام جپاوهُ
ڀڳت ڀاءِ، ترِئي سنسار
بن ڀڳتي، تن هوسي ڇار
سرب ڪلياڻ، سوک نڌ نام
ٻوڙت جات، پائي بسرام
سگل ڏوک ڪا، هووت ناس
نانڪ نام جپهُ، گن تاس.

ترجمو

ساڌُ سنتو ۽ درويشو! صرف اهو ڪم ڪار ڪريو
ٻين ٻين جي سڀ آس تياڳي، ياد فقط هڪ يار ڪريو
سمري سمري سائين کي، ۽ من جو آنند پائيندا
پاڻ ٻه نام جپيندا رهندا، دنيا کان ٻه جپائيندا
ڀڳتي ڀوَ جي نئيا تي، سنسار جو ساگر پار ڪريو
ڀڳتي ڇڏي ڀڳوان جي ڇوتا جيوَن رک ۽ ڇار ڪريو
رام جو نام خزانو آهي، راحت نت پهچائي ٿو
سير ۾ جيڪو ٻڏي ٿو، اُن کي نام ڪناري لائي ٿو
نام جپيو، سنسار جپيو، ڏک دور ڪريو، ڏک دور ڪريو
نام آهي ڀنڊار گڻن جو، **نانڪ** جاپ ضرور ڪريو.

٤

سو ڪئه بسرئي، ج گهال نہ پائي
سو ڪئه بسرئي، ج ڪيئا جاني
سو ڪئه بسرئي، جن سڀ ڪڇ ديئا
سو ڪئه بسرئي، ج جيون جيئا
سو ڪئه بسرئي، ج اگن مهہ راکئي
گور پرساد، کو برلا لاکئي
سو ڪئه بسرئي، ج بک تي ڪاڍئي
جنم جنم ڪا ٽوٽا گانڍئي
گور پورئي، تت اِهئي بجهائيا
پرڀ اپنا، نانڪ جن ڌيائيا.

ترجمو

سو ڪئن وسري، جيڪو ڪنهنجو پورهيو ڪين وساري ٿو
سو ڪئن وسري، جيڪو سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، دک ٽاري ٿو
سو ڪئن وسري، جيڪو سڀکي هرهڪ شيءِ جو دان ڏئي
سو ڪئن وسري، جيڪو هردم هرڪنهن جيوَ کي جان ڏئي
سو ڪئن وسري، جيڪو پيٽ کي باهين مان به بچائي ٿو
اهڙي پياري پرڀوءَ جو گرمک ئي درشن پائي ٿو
سو ڪئن وسري، جيڪو اسان جا وشئہ وڪار مٽائي ٿو
جنم جنم جا ڇنل ڳنڍي ٿو، پاڻ سان ڪين ملائي ٿو
منهنجي پورن ستگر مونکي سچ پچ سڀ سمجهايو آ
نانڪ پنهنجي پرڀوءَ جو مون، دل سان ڌيان لڳايو آ.

٧

پرڀ بخشند، ديِن دئيال
ڀڳت وڇل، سدا ڪرپال
اناٿ ناٿ، گوبند گوپال
سرب گهٽا، ڪرت پرتپال
آد پرک، ڪارڻ ڪرتار
ڀڳت جنا ڪي، پراڻ آڌار
جو جو جپئي، س هوء پنيت
ڀڳت ڀاءِ، لاوئي من هيت
هم نرگنيٽار، نيچ اجان
نانڪ تمري سرن، پرک ڀڳوان.

ترجمو

سڀ لئي تنهنجي بخشش آهي، داتا آهين دين ديال
سدا سدا تون آهين ديالوُ، ڀڳتن ساڻ پلائين پال
ني چارن جو آهين چارو، گوبند آهين تون گوپال
پالڻ وارا سڀ کي پالين، لهين تو سڀ جي سار سنڀار
آد ڪان تنهنجي هستي آهي، سڀ جو آهين خلقڻهار
پنهنجن پيارن ڀڳتن جو، تون هردم آهين پران آڌار
جيڪو تنهنجو نام جپي تو، پاڪ پوتر سوئي ٿئي
من ۾ ڀڳتي ڀاؤ جو ڌاري، تنهنجو ميت اهوئي ٿئي
نرگڻ آهيان، گڻ نه اَنم ڪو، نيچ مان آهيان ۽ نادان
نانڪ تنهنجي اوٽ وٺان تو، شرن اچان تو مان ڀڳوان.

٦

أپجي پريت، پريم رس چاءُ
من تن انتر، اِهي سئاءُ
نيترهہ پيکہ درس، سک هوءِ
من بگسيءَ، ساڌ چرن ڌوءِ
ڀگت جنا ڪيءَ، من تن رنگ
برلا ڪوئُو، پاويءَ سنگ
ايڪ بست ديجيءَ، ڪر مئيا
گور پرساد، نام جپ لئيا
تانڪي اُپما، ڪهي نہ جاءِ
نانڪ، رهيئا سرب سماءِ.

ترجمو

مَن ۾ اُنهن پريت ٿئي ۽ دل ۾ پيدا چاهہ ٿئي
لڳن اِها مَن تَن جي اندر، پئدا شوق اٿاهہ ٿئي
اکڙين سان ديدار ڪريان، ديدار ڪري سک پايان مان
چرن ساڌ جا ڌوئي ڌوئي، من کي سک پهچايان مان
ڀگت جي من ۾ رنگ چڙهي ٿو، هڪڙي الڪہ جي اُلفت جو
قسمت وارن کي اِي ٿئي ٿو، سنگ اُنهنجي صحبت جو
هڪڙي شيءِ جو طالب آهيان، داتا هڪ شيءِ جو ڪر دان
شبد ڏني پنهنجي ستگر کان تنهنجو جاپ جپيان پڳوان
اُنجي اُپما ڪري نہ سگهبي، اُنجي عجب وڏائي آ
شڪتيوان جي شڪتي نانڪ، سڀ جي اندر سمائي آ.

سلوڪ

سرگن نرگن نرنڪار، سن سماڌي آپ
آپن ڪيتا نانڪا، آپي هي ڦر جاپ.

ترجمو

سرگڻ نرگڻ نرنڪار، پاڻ ئي سن سماڌ
پاڻ ئي رچي نانڪا، پاڻ ئي ڪري ياد.

٨

سرب بئڪنٺ، مڪت موک پائي
ايڪ نمک، هر کي گن گائي
ايڪ راج، ڀوگ وڏ يائي
هر کي نام کي ڪتا، من ڀائي
بهه ڀوڄن، کا پر سنگيت
رسنا جپتي، هر هر نيت
ڀلي س ڪرني، سوڀا ڌنونت
هردي بسيءِ، پورن گور منت
سات سنگ، پرڀ ديهه نواس
سرب سوک، نانڪ پرگاس.

ترجمو

سوئي موکش ۽ مڪتي پائي، وئڪنٺ کي پڻ پائي ٿو
هڪڙو پل پڻ جيڪو من سان، مالڪ جا گڻ ڳائي ٿو
رام نام جي ڳالهين سان، جو روح پنهنجو ريجهائي ٿو
راجائي سک ماڻي سوئي، ڪيئي پدارٿ پائي ٿو
ڪيئي ڪپڙا، قسمين ڀوڄن، راڳ رنگ نت ماڻي ٿو
جيڪو پياري پرميشور جو، نانءُ چپن تي آڻي ٿو
ڀلا اُنهيءَ جا سڀ ڪم آهن، شان وارو ۽ ٿئي ڌنوان
جنهني هردي منجهه رَسي ٿو، هردم پنهنجي گر جو گيان
سنتن جي ڏي سنگت سائين، سنتن ۾ نت ٿئي نواس
دک جي اندھ دور ٿئي نانڪ، سک جو شال ڏسان پرڪاش.

۲

جب هوڙت، پرب کيوَل ڌني
تب بنڌ مکت، کهه کس کئه گني
جب ايکهه، هر اگم اَپار
تب نرک سرگ، کهه ڪؤن اَوتار
جب نرگن، پرب سهج سباء
تب شو شکت، کههه کت ٺاء
جب آپهه آپ، اپني جوت ڌريءِ
تب ڪؤن نڌر، ڪؤن کت ڏريءِ
آپن چلت، آپ کرنيءِ هار
نانڪ ٺاڪر، اگم اپار.

ترجمو

هڪ ئي جڏهن پرميشور هو، ڪرتا ڌرتا هڪ ڪرتار
ڪير ٿي پوء بنڌن ۾ ڦاٿو، ڪليو ٿي ڪنهلاء موڪ دوار؟
اگم ديس ۾ رهيو الک ٿي، غيب ۾ پاڻ سمايو هو
نرڪ پلا پوء ڪنهن ٿي پوڳيو، ڪير سرڳ ۾ آيو هو؟
نرگڻ رهت گڻن کان هو، هڪ سندس نرالي هستي هئي
نڌهن ڪٿي هو شو جو ٺاڻو، کهڙي هند سا شڪتي هئي؟
پاڻ جڏهن پنهنجي ئي اکين ۾، نوُر سچو ڏيکاريو ٿي
ڪير هو ڀڄو، ڪير نڊر هو، ڪنهنکي ڪنهن ڀڄاريو ٿي؟
پاڻ هلائي، پاڻ هلي پيو، ٻيو ڪوئي ڪرتار نه آ
نانڪ هڙ ٻي اَنت آهي، جنهنجو وار نه آ، ڪجهه پار نه آ.

اشٽپدي ٢١

جب آکار، اِه کچ نہ درشٽيتا
پاپ پن تب، کهہ تي هوتا
جب ڌاري، آپن سن سماڌ
تب بٽر بروڌ، کس سنگ کمات
جب اِسکا برن، چهن نہ جاپت
تب هرک سوگ کهہ کسهہ بياپت
جب آپن آپ، آپ پار برهم
تب موہ کها، کس هووت ڀرم
آپن کيل، آپ ورتيجا
نانڪ، ڪرنيءَ هار نہ دوجا.

ترجمو

ڪوبہ جڏهن آڪار نہ هو، ڪجهہ ڪين ڏسڻ ۾ آيو ٿي
نيڪ ۽ بد هوُ ڪير ڀلا، ڪنهن پچ ۽ پاپ ڪمايو ٿي؟
مالڪ جڏهن سماڌيءَ اندر، پنهنجو ڌيان لڳايو ٿي
ڪير تڏهن ان ويل هئو، جنهن وير وروڌ وڌايو ٿي؟
ذات پات جا قسم نہ هئا، ۽ رشتو ناتو مؤر نہ هوُ
ڪير خوشيءَ ۾ رهيو ٿي اُن دم؟ غم ڪان ڪوئي ڇوُر نہ هو
سنسار اِهو موجود نہ هو، بس پار برهم هوُ پاڻ ئي پاڻ
ان دم ڪنهنکي موہ ٿيو ٿي، لڳو ٿي ڀرم ڀلا ڪنهن ساڻ؟
کيل سندس هيءَ دنيا آهي، کيل ۾ پاڻ سمايو آ
نانڪ بيو ڪو ناهي، جنهن هي سارو جڳت اُپايو آ.

۴

جهه نرمل پرک، پرک پت هوتا
تهه بن مئل، کهه کئا ڌوتا
جهه نرنجن، نرنڪار نربان
تهه ڪؤن ڪئه مان، ڪؤن اپمان
جهه سروپ ڪيوَل جگديس
تهه ڇل ڇدر، لگت ڪهه ڪيس
جهه جوت سروپي، جوت سنگ سماوئي
تهه ڪسهه ڀؤک، ڪؤن ترپتاوئي
ڪرن ڪراون ڪرتئي هار
نانڪ ڪرتي کا ناهه شمار.

ترجمو

نرمل ۽ نرليپ نرنجن، پاڪ پوتر سو رهندو هو
پاپ ڪپٽ جي مئل نه هئي ۽ ڪير مئل کي ڌوئيندو هو؟
روپ رنگ کان رهت رهيو ٿي، آد کان هردم نرآڪار
ڪنهنجو جس ۽ ڪنهنجو اُپجس، ڪڏهن ڪي ڇا جوڙئي اَهنڪار؟
هڪڙي مالڪ جي هئي هستي، قائم اُت ٻيو ڪير نه هو
ڇل ۽ ڪپٽ پوء ڪير ڪري؟ اُت ڪنهنسان ڪوئي وير نه هو؟
جوت ۾ جوت سمايل هئي، ۽ نُور ۾ نُور سمايل هو
ڀؤ ۽ بک جي ڪنهن کي پرواه؟ پداڪُل ۽ نه بکايل هو
ڪرڻ ڪرائڻ وارو آهي، هرتا ڪرتا هڪ ڪرتار
سڀڪجهه جنهنجي هٿ وس آهي، نانڪ اُنجو انت نه پار.

۳

ابــنــاسي سڪ، آپــن آسن
تهه جنم مرن، ڪهه ڪها بناسن
جب پورن ڪرتا، پربهه سوء
تب جم ڪي تراس، ڪههه ڪس هوء
جب ابگت، اگوچر پربهه ايڪا
تب چتر گپت، ڪس پوڇت ليکا
جب ناٿ نرنجن، اگوچر اَگاڌي
تب ڪوُن ڇٽي، ڪوُڻ بنڌن باڌي
آپــن آپ، آپهي اچــرجــا
نانڪ آپن روپ، آپهي اُپرجا.

ترجمو

سڪ جي آسڻ تي هوُ قائم، اَلک نــرنجن ابناسي
جمڻ مرڻ ۽ ناس تيڻ جي، ڪنهن تي پوڳي چوراسي؟
جڏهين ڪرتا ڌرتا هڪڙو، پــورڻ پــريو پاڻ تيو
ڪنهنکي ڪال جويئه تي تيو، ۽ جم ڪان ڊجي تي ڪير ويو؟
روپ رهت هوُ اگم اگوچــر، پاڻ اڪيلو رهندو هو
چتر گپت پوءِ ڪنهنجو ليکو، رکندو هو ۽ پڇندو هو؟
تنهائيءَ جي اندر هڪڙو ئي، پاڻ اڪيلو سو بيار و هو
ڪير تڏهن بنڌن ۾ جڪڙيو، ڪنهنجو تيو نيتارو هو؟
پاڻ ئي پاڻ عجائب آهي، سڀني کــي حيرانــي آ
پاڻ ئي پنهنجا روپ پيو ڌاري، **نانڪ** هــو لاثاني آ.

٦

جهه اڇل اڇيد، ڇيد سمائتا
اُوها ڪسهه بياپت مائيا
آپس ڪهه، آپهه آديس
تهه گڻ ڪا، ناهي پرويس
جهه ايڪهه ايڪ، ايڪ يڪُونتا
تهه ڪؤن اچنت، ڪس لاگيءِ چنتا
جهه آپن آپ، آپ پتيئارا
تهه ڪؤن ڪٿيءِ، ڪؤن سنيءِ هارا
بهه بي انت اوچ تي اوچا
نانڪ آپس ڪئہ، آپهه پهوُچا.

ترجمو

ڀيد ڇيد ۽ ڇل کان نيارو، پاڻ ۾ پاڻ سمايو هو
مايا جي پوءِ دوکي ۾، ڪيئن آيو هو، ڪيئن آيو هو؟
ڪيس پنهنجي آديس هئي، ۽ ٻئي ڪنهنجو پرڻام نه هو؟
ستگن رجگن تمگن جو، هن دنيا ۾ ڪو نام نه هو
پاڻ جڏهن هو اڪيلو اڪيلو، ٻئي ڪنهنجو ڪو ذڪر نه هو
ڳڻتي ڪنهنکي پوءِ ٿي ڳاريو، ڪير هو جنهنکي فڪر نه هو؟
هئس پاڻ کي آئت پنهنجو، پاڻ ئي ويسهه وارو هو
اُن دم ڪنهن ٿي ٻڌو ٻڌايو؟ عجيب نظارو سارو هو
وڏن وڏن کان آهه وڏو هوُ، آهي هردم سو بي انت
پاڻکي پاڻ ئي پهچي جاڻي، نانڪ سمرت سو يڳونت.

۵

جب اپني سويا، آپن سنگ بنائي
تب ڪؤن ماء باپ، مترو ست ڀائي
جهه سرب ڪلا، آپهه پربين
تهه بيد ڪتيب، ڪها ڪوئوُ چين
جب آپن آپ، آپ اُر ڌاريءِ
تهه سگن اُپسگن، ڪها بيچاريءِ
جهه آپن اوچ، آپن آپ نيرا
تهه ڪؤن ٺاڪر، ڪؤن ڪهيئيءِ چيرا
بسمن بسم، رهي بسماد
نانڪ اُپني گت، جانهه آپ.

ترجمو

پنهنجي سوڀيا پاڻ ٺاهڻ، ذات ۾ ذات سمائي هئي
پيءُ پٽ ماءُ ۽ ڀائر ڪنهنجا؟ رشتيداري نه ڪائي هئي
هرهڪ ڪلا ۾ پوُرن هو، ٻئي ڪنهنتي ڪين هيس آذار
ويد ۽ شاستر ڪنهن تي واچيا، ڪنهن تي پستڪ پڙهيا هزار؟
پنهنجو پاڻ کي پاڻ ۾ ڌاري، پاڻ ۾ پاڻ ڪيان ۽ پرپوُر
سوڻ ڀلا ۽ برا پوء ڇا جا، ڪنهن ڀي سوڻ جو هو نه ضرور
پاڻ وڏو هو، پاڻ ننڍو هو، ڪوئي تفاوت موُر نه هو
ڪير هو مالڪ ڪير هو شيوَڪ؟ درجن جو دستور نه هو
اُچرج جهڙي قدرت اُن جي، **نانڪ** سڀ کي حيرت آ
پنهنجي گت مت پاڻ ئي ڄاڻي، اُنجي عجائب حڪمت آ.

٨

جهه اَبگت ڀڳت ته آپ
جهه پسري پاسار، سنت پرتاپ
دهو پاک کا آپهه ڌني
اُنکي سوڀا، اُنهوُ بني
آپهه ڪؤتڪ ڪري آنند چوج
آپهه رس ڀوڳن، نرجوگ
جس ڀاوي تس آپن نانءُ لاوي
جس ڀاوي تس کيل کلاوي
بيشمار اٿاهه، اگڻت اتولي
جئه بلاوهه، تئه نانڪ داس بولي.

ترجمو

ڀڳت جني ڀڳوان جا آهن؛ اُتي وسي ٿو خود ڀڳوان
سنتن جي پرتاپ جي خاطر؛ ڦهليو آهي سارو جهان
بقا جو مالڪ پاڻ ئي آهي، فنا جو مالڪ آهي پاڻ
فنا بقا جي سوڀيا ساري، آهي اُن جي سوڀيا ساڻ
پاڻ ئي کيلي کيل تماشا، خوشيون پاڻ مڃائي پيو
رهي مگر نرليپ هميشه، پاڻ ئي رس وَرتائي پيو
جنهن کي چاهي، تنهنکي پهنجي، نام جپڻ م لائي ٿو
جنهن کي چاهي، اُن کي پهنجي، کيل اندر اٽڪائي ٿو
اُنجو ڪو شمار نه ڪوئي، ڪوئي اُنت نه پائي ٿو
نانڪ تئن تئن چئي رهيو آ، جئن جئن پاڻ چوائي ٿو.

٧

جهه آپ رچئو، پرپنچ آڪار
تهه گڻ مهه، ڪينو بستار
پاپ پن، تهه ڀئي ڪهاوت
ڪوئو نرڪ، ڪوئو سرگ بنچهاوت
آل جال مايا جنجال
هؤمي موهه، ڀرم ڀي ڀار
دوک سوک، مان اپمان
انڪ پرڪار، ڪيئو بکيان
آپن کيل، آپ کر ديکئي
کيل سنڪوچئي، تئه نانڪ ايڪئي.

ترجمو

پنهنجي رچنا ساڻ رچايو، پرپنچ خوب پسارو آ
ستگن رجگن تمگن سان ئي، ڦهلايو زمانو سارو آ
پاپ پنج جون ڳالهيون ٿيون ۽ ظاهر ڏوھ ثواب ٿيا
هڪڙي نرڪ ڪسايو، ۽ بيا سرگڌام جي واٽ ويا
مايا پنهنجو جار وڇايو، ڦاٿا اُن ۾ ڪيئي ويو
آپي موھ ڀرم ۽ ڀؤ ۾، ڪيئي دانا ٿيا اسير
دک ۽ سک جو دؤر ٿيو چالؤ، جاڳيو جُلو مان اپمان
اڻکل آئي، سياٽپ آئي، سؤ سؤ ڳالهيون ٿيون بيان
جڏهن کيل سميٽي خالق، رهندو صرف اَڪيلو پاڻ
پنهنجا کيل ڏسي پيو نانڪ، پاڻکي وندرائڻ جي ڪاڻ.

اشٽپدي ٢٢

آپ ڪٿئي، آپ سنڻهار
آپهہ ايڪ، آپ بسٿار
جا تس ڀاوئي، تان سرشٽ اُپائي
آپنئي ڀاڻئي، لئي سمائي
تم تي ڀن، نهي ڪڇ هوء
آپن سوت، سڀ جڳت پروء
جاڪئہ پرڀ جيُہ، آپ بجهائي
سچ نام، سوئي جن پائي
سو سم درسي، تت ڪا بيتا
نانڪ سگل سرشٽ ڪا جيتا.

ترجمو

ڀاڻ ڀڏائي ڀاڻ ڀڏي ڀيو، ڀنهنجي ڀاڻ حڪايت ڀاڻ
وحدت اندر وحدت آهي، ڪثرت اندر ڪثرت ڀاڻ
اُن کي جڏهن شوق ٿئي ٿو، تڏهن جڳت اُپائي ٿو
ورئي جي چاهي، سڀي جڳت کي ڀاڻ ۾ ڀاڻ سمائي ٿو
اُن بن ڪجھ ٻيو ٿيڻو ناهي، اُنهي قدرت بالا آ
ڀنهنجي ڌاڳي ۾ اُن پوئي، سڀي جڳت جي مالا آ
سوئي سمجھ ڪرڻو حاصل، جنهن کي هوُ سمجهائي ٿو
سوئي نام سچو ٿو پائي، جنهن سان پيال پلائي ٿو
يڪسان سوئي ڏسي سڀن کي، سوئي حق کي ڄاڻي ٿو
ساري جڳ کي جيتي نانڪ، من جو آنند ماڻي ٿو.

سلوڪ

جيٿہ جنت ڪي ناڪرا، آپي ورتڻ هار
نانڪ ايڪو پسريا، دوجا ڪهه درشٽار.

ترجمو

مالڪ ڪل مخلوق جو، هرجا اُنجو نور
نانڪ نظر اچي نہ ٻيو، سڀ ۾ هوُ ڀرپور.

٣

پورن پور رهي دئيال
سڀ اوپر، هووَت ڪرپال
اپني ڪرتب، جاڻي آپ
انترجامي رهيو بياپ
پرتپالي جيئن بهہ ڀانت
جو جو رچيو، س تسهہ ڌيات
جس ڀاوئي، تس لئي مِلاء
ڀڳت ڪرهہ، هر ڪي گڻ گاء
من انتر، بسواس ڪر مانيا
ڪرن هار، نانڪ اِڪ جاڻيا.

ترجمو

مهربان جو مالڪ آهي، آهي داتا دين دئيال
سڀ تي ڀنهجي ڪري تو ڪرپا، ڀنهجا پلائي وينو پال
ڀنهجا ڳجهہ تو پاڻ ڀروڙي، ڀنهجا ڪم تو جاڻي پاڻ
وياپي سڀ ۾ انترجامي، سڀني کي تو سڃاڻي پاڻ
ڪيئي نمونن سان تو پالي، سڀ کي روز رسائي تو
جو جو جنم وٺي تو ڀرائي سو سو نام ڌيائي تو
جنهنکي سائين ڪري تو ڀنهجو، ان کي ساڻ ملائي تو
سو ڏياڏي ڀڳتي ڪري تو، گوبند جا گڻ ڳائي تو
سوئي تو ڪرتار کي جاڻي، ان سان ان جو چاهہ رهي
ان جو هڪڙي پرميشور ۾، نانڪ تو وساهہ رهي.

٢

جيۀ جنتر، سڀ تانکيءِ هات
دين دئيال، اناٿ کو ناٿ
جس راکيءِ، تس کوءِ نہ ماريءِ
سو مؤئا، جس منھ بساريءِ
تس تج، اور کھان کو جاءِ
سڀ سر ايڪ، نرنجن راءِ
جيۀ کي جڳت، جانکيءِ سڀ هاٿ
انتر باهر، جانھ ساٿ
گُڻ نڌان، بي اَنت اَپار
نانڪ داس، سدا بلهار.

ترجمو

جيوَ جنت جو ناڪر آهي، هٿ ۾ اُنجي ڪل سنسار
بي واهن جي واهه تئي تون، آهي اڏيسن جو آڌار
راکو جنھنجي ڪري تون رکشا، ڪوئي نہ اُن کي ماري تون
مثل انهيءَ کي سمجهو جڳ ۾، جيڪو مٿون وساري تون
پلڪ ڇڏي اُن پرميشور جو، ٻئي جي ونجي ڪين پناهہ
سڀ تي هٿ اُن نارائڻ جو، جيڪو آهي شاهن جو شاهہ
جيوَ جي هر چرپر جو آهي، مالڪ جي هٿ دارو مدار
اندر باهر، ظاهر باطن، جاڻيج ساڪي سرجڻهار
خوبين جو خود آهي خزانو، وصفن جو ڪجھ انت نہ پار
نانڪ داس اُنهيءَ جو آهي، اهڙي داتا تان بلهار.

٥

ساڌ سنگ مل، ڪرهه آنند
گن ڳاوهه، پرڀ پرمانند
رام نام تت، ڪرهه بيچار
درلڀ ديهه ڪا، ڪرهه اُڌار
انمرت بچن، هر ڪي گن ڳاءِ
پران ترن ڪا، اِهئي سٺاءِ
آٺ پهر، پرڀ پيکهه نيرا
مٽيءِ اگيان، بنسيءِ انڌيرا
سن اُپديش، هردئي بساوهه
من اِڇي، **نانڪ** ڦل پاوهه.

ترجمو

رهه سنتن جي سنگ ۾ پرائي، من جو آنند پاءِ ڪٽي
پوءِ رکي اُن پرمانند سان، گوبند جا گڻ ڳاءِ ڪٽي
رام نام سان ڪجانءِ رهاڻيون، رام نام جو رک ويچار
درلڀ آهي ديهي تنهنجي، ديهيءَ جو ڄڻ ٿئي اُڌار
امرت جهڙا وچن بڌي ءِ گوبند جا گڻ ڳاءِ منا
توءِ وِچڙ جي واٽ اِهائي، اهڙو وجهه نه وڃاءِ منا
ونجهو تِس واليءَ کي هردم، تنهنجو من پر نُور ٿئي
گيان ملي، اگيان مٽي ءِ اونده ساري دور ٿئي
اُپديش کي بڌي بڌي، جي هردي ساڻ هنڊائيندين
نانڪ جهڙو چاهيندين تون، تهڙوئي ڦل تون پائيندين.

۴

جن لاڳا، هر ايڪيءَ ناءِ
تسڪي آس، نہ برٿي جاءِ
سيوڪ ڪئہ، سيوا بن آئي
حڪم بوجھہ، پرم پد پائي
اِس تي اوپر نهي بيچار
جاڪيءَ من، بسئيا نرنڪار
بندن تور، ڀئي نروئر
اَن دن پوجھہ، گور ڪي پئر
اِهہ لوڪ سکيئي، پرلوڪ سهيلي
نانڪ هر پرڀ، آپھہ ميلي.

ترجمو

هري ڀڳت کي ياد هميشهہ، هڪڙي هريءَ جو نام رهي
پوريون اُنجون تين اُميدون، جڳ ۾ ڇو ناڪام رهي؟
سيوڪ جو ڪم سيوا آهي، ٿهليو ٿهل ڪمائي تو
آڳياڪاري سوئي آهي، سوئي پرم پد پائي تو
اُن جي من مندر ۾ هردم، نرنڪار جو واسو آ
عقل ۾ اعليٰ سوئي آ، ويچار انهيءَ جو خاصو آ
جيڏي اُنجا بندن ٽُٽندا، رکي نہ جڳ ۾ ڪنهنسان وير
وڃي شرن ستگر جي هردم، پنهنجي گروءَ جا پوڄي پير
هت پڻ سوئي سک تو پائي، هت پڻ سو سک پائي تو
نانڪ اُن کي پاڻ ڏيالوُ، پاڻ سان نيٺ ملائي تو.

٧

تس تي دُور، کها ڪو جاءِ
اُبري راکن هار ڏياءِ
نرڀئہ جپئي، سگل ڀئہ مٽئي
پرڀ ڪرپا تي، پراڻي ڇٽئي
جس پرڀ راکئي، تس ناهي دوک
نام جپت، من هووَت سوک
چنتا جاءِ، مٽئي اهنڪار
تس جن ڪئُہ، ڪوءِ نہ پهچن هار
سر اوپر، ٺانڍا گور سُورا
نانڪ تاڪئي ڪارج پُورا.

ترجمو

جيڪو والي ويجهو آهي، ويندو ڪير اُنهيءَ کان دور
رکڻ هار کي جيڪو ڏيائي، تيندو آخر مُکت ضرور
نرڀئہ نام جپڻ سان هردم، دور ڀوم ڀئہ سارو ٿئي
روگ سيئي ٿا ناس ٿين، ۽ هر دک کان نيتارو ٿئي
جنهنکي راتوَل پاڻ رکي ٿو، دک تو اُنجو دور ٿئي
نام جپڻ سان جيوَ کي هردم، من ۾ سک ڀرپور ٿئي
ڀگت جي چنتا دور ٿئي ٿي، خوف ۽ نہ اُهنڪار ٿئي
نام جپڻ وارو ئي شيوڪ، سيني جو سردار ٿئي
سورهيہ ستگر جنهن شيوڪ تي، پنهنجي ديا جو هٿ رکندو
ڪم سڀ اُن جا پورا ٿيندا، **نانڪ** بازي سو کٽندو.

٦

هلت پلت، دء ليهہ سنوار
رام نام، انتر اردار
پوري گور کي پوري ديکئا
جس من بسئي، تس ساچ پرکئا
من تن نام جپهہ، لو لاء
دوک درد من تي ڀئہ جاء
سچ واپار، کرهہ واپاري
درگهہ نبهيءَ، کيپ تماري
ايکا ٽيک، رکهہ من ماهہ
نانڪ بهر نہ آوهہ جاهہ.

ترجمو

پنهنجا ڪرم سڌاري پيارا، پنهنجو لوڪ پرلوڪ بڻاء
رام جو نالو رک هردي ۾، نام سان من مندر کي وساء
پورن گرو جي پوري ڀڪتي، اپجائي ٿي پورن گيان
جنهنجي من ۾ وسي اها ٿي، سچ کي سمجهي سوئي سجان
ذوق شوق سان نام کي جپ، ۽ تن من نام کي ارپن ڪر
دور ٿين دک، ڀؤ سڀ ڀڄندا، سندر پنهنجو جيون ڪر
آهين سچو جي واپاري تون، سچ جو بس وڻجارو ٿيءُ
کيپ کٽي درگاهہ ۾ هل تون، درگاهہ ۾ سوپارو ٿيءُ
هڪ جو ڪر تون اوٽ اجهو ۽ هڪ جو من ۾ رک وشواس
نانڪ مکتي پائيندين تون، جنم مرڻ ٿي ويندءِ ناس.

سلوڪ

ڳيان انجن، گور ديئا، اگيان انڌير بناس
هر ڪرپا تي سنت ڀيٽيا، **نانڪ** من پرڳاس.

ترجمو

ستگر بخشيو گيان جو سرمو، سو پر نُور
جنهنسان سڀ اگيان جي، ٿي وئي اونده دور
هر ڪرپا ٿي جنهن مٿان، پائي سنت جو سنگ
من اندر پرڪاش ٿئي، لڳي نام جو رنگ.

۸

مت پُوري، امرت جانکي درشت
درسن پيکت، اُڌرت سرشٽ
چرن ڪمل، جانکيءَ انـُوپ
سڦل درسن، سندر هر رُوپ
ڌن سيوا، سيوڪ پروان
انترجامي، پرک پرڌان
جس من بسيءَ، س هوت نهال
تانکيءَ نکت نہ آوت ڪال
اَمر ڀئي، اَمرا پد پائيا
ساڌ سنگ **نانک**، هر ڌيائيا.

ترجمو

پورڻ ڄاڻ پرڀوءَ جي آهي، امرت روپ سا درشٽي آ
جنهنجي درشن پائڻ سان ٿئي اُڌري ساري سرشٽي آ
چرن ڪمل لاثاني آهن، اُنها تن جي ڪير ڪري
روپ هريءَ جو سندر آهي، درشن سان هر ڪارج سري
ڌن شيواءَ ڌن سو شيوڪ، شيوا جنهنجي پوي قبُول
هر دل جي سو ڄاڻي سچاڻي، پورن پرک سو سڀ جو مُول
جنهنجي من ۾ مالڪ پنهنجو، ديرو اچي ڄمائي ٿو
موت نہ ويجهو اُنجي ايندو، پورن ترپتي پائي ٿو
جڳ جڳ سوئي جيئندو رهندو، سوئي امر پد پائيندو
نانک سنتن سان گڏ ويهي، جيڪو نام ڌيائيندو.

۲

سو انـتـر، سو باهـر انت
گهٽ گهٽ وياپ رهيئا، ڀڳونت
ڌرن ماهه، آڪـاس پئيال
سرب لوڪ، پوُرن پرتپال
بن تن پربت، هيٰ پار برهم
جئسي آگيـا، تئسا ڪـرم
پوڻ پاڻي، بئسنتر ماهه
چار ڪنٽ، دهه دسي سماهه
تس تي ڀن، نهي ڪو ٺاءُ
گور پرساد، **نانڪ** سک پاءُ.

ترجمو

اندر بہ ئي اُنت اُهو، ۽ ٻاهر بہ ئي اُنت اُهو
سڀ جي اندر پاڻ سمايو، هر دل ۾ ڀڳونت اُهو
اُن جو جلوو ڌرتي ۾، آڪاش ۾ ۽ پاتال ۾ آ
هرهڪ جي هوُ ڪري پالنا، جو جو جنهن جنهن حال ۾ آ
بن ۾ آ، پربت ۾ آ، ڪڪہ ڀن ۾ جڳہ جو والي آ
حڪم سان اُنجي سڀڪجهہ ٿئيتو، ڪٿڪان ڪو بہ نہ خالي آ
باڻي، باهہ، پوَن ۾ مالڪ، پنهنجو پاڻ رچايو آ
چئن ڪنڊن ۾ سنڌس پسارو، هر جا پاڻ سمايو آ
هر جا حاضر ناظر آهي، خالي ناهي ڪو اُستان
گرو جي ڪرپا هٿ ڪر **نانڪ**، آنند پائيندين تون اِنسان.

اشٽپدي ٢٣

سنت سنگ، انتر پرڀ ڏينا
نام پرڀوُ کا، لاگا مينا
سگل سمگري، ايڪس گهٽ ماهه
انڪ رنگ، نانا درشناهه
نوَنڌ انمرت، پرڀ کا نام
ديهي مهه، اِس کا بسرام
سن سماڌ، انهد تهه ناد
کهن نه جائي، اچرج بسماد
تن ديکئا، جس آپ ڏکائي
نانڪ تس جن، سوُجهي پائي.

ترجمو

سنتن جي سنگت ۾ ويهي، آهي جن هڪ رام ڏٺو
تن وَڏ ڀاڳين کي سو، لڳي ٿو امرت روپي نام مٺو
هڪ جي اندر سڀئي پدارٿ، هڪ ۾ جڳت سمايو آ
رنگ نرالا، روپ نرالا، ڇا ڇا رام بڻايو آ
رام جو نالو نؤنڌ آهي، امرت آهي رام جو نام
جنهن ديهيءَ ۾ نام جو ديرو، آهي اُن کي نت وسرام
سن سماڌيءَ ۾ ٿا هردم، انهد جا آواز اچن
ورنن اُنجو ڪير ڪري، سڀ اچرج ۾ ٿا لوڪ ٻڌن
پريوءَ کي سوئي پسي ٿو، جنهنکي، پريو پاڻ پسائي ٿو
نانڪ سوئي سمجي ٿو، رب جنهنکي خود سمجهائي ٿو.

۴

سنت جنا کا پيکن، سڀ برهم
سنت جنا ڪي هردي، سڀ ڌرم
سنت جنا سنهه، شڀ بچن
سرب بياپي رام سنگ، رچن
جن جاتا، تس کي اِهه رهت
ست بچن، ساڌو سڀ کهت
جو جو هوءِ، سوئي سک مانيءِ
کرن کراون هار، پرڀ جانيءِ
انتر بسيءِ، باهر بيي اوهي
نانڪ درسن ديک، سڀ موهي.

ترجمو

سنت جن جي نظر نياري، سڀ ۾ هڪڙو برهم ڏسن
سنت پنهنجي هردي جي اندر، جت ڪٿ هڪڙو ڌرم پسن
سڀ ۾ بولندو ڏِسن بولڻ جا، سنت سڻن تا ڏينهن ۽ رات
سڀ کي وياپڪ رام سان رتڙا، ٻي نه ڀتن تا جڳ ۾ بات
عن سنتن هڪ سچڻ سڃاتو، سچي اُنهيجي رهڻي آ
بول سچا بولين تا هردم، ۽ سچي انهيجي ڪهڻي آ
جيڪي ٿئي ٿو جڳ ۾، چڱو انهيءَ کي ڄاڻن تا
ڪرڻ ڪرائڻ واري کي هو، ڄاڻن تا ۽ سڃاڻن تا
اندر باهر جلوو اُنجو، جت ڪٿ آهي هڪ ڪرتار
نانڪ هرڪ سي هاري وينا، جنکي حاصل ٿيو ديدار.

۳

بيد پران، سمرت مھ ديک
سسيئر، سوُر نڪيتر مھ ايک
باڻي پرڀ کي، سڀکو بولئ
آپ اڏول، نہ کبھوُن ڏولئ
سرب کلا کر، کيلئ کيل
مول نہ پائيئي، گڻھ امول
سرب جوت مھ جاڪي جوت
ڌار رهيو سواميِ، اوت پوت
گور پرساد ڀرم کا ناس
نانڪ تن مھ، اَيھ بساس.

ترجمو

شاسترَ ڪيئي سمرتيون پڙهہ تون، واچي ڏس تون ويد پران
سورج چنڊ ۽ سهسين تارن اندر، آهي هڪ ڀڳوان
دنيا ۾ جو بولي بولي، بولي تو سو اُن جا بول
قائم آهي دائم آهي، هردم آهي اَلک اَڏول
طرح طرح جي راند رچي پيو، راند يگر سو پيارو آ
کير کٿي ملهہ سندس گڻن جو، گڻ کثرت کان نيارو آ
جوت سندس هر جوت ۾ آهي، هرهڪ نوُر ۾ اُنجو نوُر
تاڃي پيٽي جيان ملِيل آ، ذري ذري ۾ ڀرپور
جنهن دم گرو جي ڪرپا ٿيندي، شنڪا شڪ سڀ ٿيندا ناس
نانڪ گرو جي ڪرپا سان ئي، قائم رهندو هي وشواس.

٦

سرب ڀوت، آپ ورتارا
سرب نئن، آپ پيکن هارا
سگل سمگري، جانکا تنا
آپن جس، آپ هي سنا
آون جان، اِک کيل بنائيا
آگياکاري کيني، مائيا
سب کئ مڌ، الپتو رهئ
جو کڇ کهڻا، س آپي کهئ
آگيا آوئ، آگيا جاء
نانڪ جان ڀاوئ، تان لئي سماء.

ترجمو

هرهڪ تت ۾، هرهڪ ديهه ۾، آهي ورتڻ وارو پاڻ
سڀ جي اکين ۾ وَسي رهيو آ، ڏسي سڀن جي اکين ساڻ
ساري دنيا ديهه سندس آ، جنهنجو روپ نيارو آ
پاڻ ڪري تعريف پنهنجي، پاڻ ئي ٻڌندڙ پيارو آ
جڳ ۾ اچڻو، جڳ مان وڃڻو، واهه جو کيل بڻايو آ
مايا کي ان پنهنجي، آگيا موجب، ناچ نچايو آ
سڀني ۾ موجود به آ ۽ سڀني کان هو دُور به آ
جيڪي بولي، سو جڳ بولي، سڀني ۾ ڀرپور به آ
اُن جي آگيا ساڻ اچن ٿا، اُن جي آگيا ساڻ وڃن
نانڪ اُن جي مرضي ٿئي ٿي، تڏهن ٿا اُن ۾ لين ٿين.

۵

آپ ست، کيٺا سڀ ست
تس پربڀ تي، سگلي اتپت
تس ڀاوئي، تا کري بستار
تس ڀاوئي، تا ايڪنڪار
اِنڪ ڪلا، لکي نہ جاءِ
جس ڀاوئي، تس لئي ملاءِ.
ڪؤن نڪٽ، ڪؤن ڪهيئي دور
آپي آپ، آپ ڀرپور
انترگت، جس آپ جڻائي
نانڪ تس جن، آپ بجهائي.

ترجمو

آهي سچو ڀڳوان، سندس هر ڪار سچي، وهنوار سچو
پاڻ مان پيدا جڳت ڪيائين، آهي سرجڻهار سچو
جيسين چاهي تيسين ڦهليو، سارو هي سنسار رهي
وري جڏهن ٿئي مرضي اُنجي، خالي هڪ اونڪار رهي
شڪتيون اُنجون ڪيئي آهن، انت نہ ڪوئي پائي ٿو
جنهنکي چاهي تنهنکي، پنهنجيءَ هستيءَ ۾ ئي ملائي ٿو
ڪنهنکي سمجهون ويجهو آهي، ڪنهنکي سمجهون آهي دور
پاڻ ۾ آهي پاڻ سمايو، هرهڪ شيءِ ۾ خود ڀرپور
جنهنجي هردي اندر پريو، پنهنجو پاڻ تو ڄاڻائي
نانڪ سوئي شيوڪ سمجهي، جنهنکي خود تو سمجهائي.

۸

جو جاڻي، تس سدا سک هوءِ
آپ ملاءِ لئي، پرڀ سوءِ
اوهه ڌنونت، ڪلونت پتونت
جيون مڪت، جس رد ٻي ڀڳونت
ڌن ڌن، ڌن جن آئيا
جس پرساد، سڀ جڳت ترائيا
جن آون ڪا اِهي سُئاءِ
جن ڪي سنگ چت آوي ناءِ
آپ مڪت، مڪت ڪري سنسار
نانڪ تس جن ڪئُ، سدا نمسڪار.

ترجمو

جاڻن واري کي جيڪو جاڻي، سوئي سدا سک پائي ٿو
پرڀو پاڻ تي مهر ڪري ٿو، پاڻ سان ڪيس ملائي ٿو
دنيا تي ڪلونت تي ء هر جا شان وڌائي ٿو
جنهن دل ۾ ڀڳوان وسي، سو جيئري مڪتي پائي ٿو
ڌن ڌن آهن سنت پيارا، ڀلي ڪري جڳ سي آيا
مهر ڪري سنسار سڄي جا، ٻيڙا ٻني جن لايا
ناءِ الک جو ڦهلائڻ لئه، هن دنيا ۾ آيو آ
جنهنکي اُن جو سنگ ٿيو، تنهن دل ۾ نام وسايو آ
مڪت سو آهي، مڪتي پائي، جنهنجي دم سان خاص ء عام
نانڪ اهڙي رهبر کي، پرڻام ڪريان ٿو نت پرڻام.

٧

اِس تي هوء، س ناهي برا
اورئِ کهه کنيءَ کڇ کرا
آپ پـلا، کرتوُت اَت نيکي
آپي جانئِ، اپني جي کي
آپ ساچ، ڌاري سب ساچ
اوت پوت، آپـن سنگ راچ
تانکي گت مت، کهي نہ جاء
دوسر هوء، تہ سوجهي پاء
تسکا کيتا، سب پـروان
گور پرساد **نانک**، اِهہ جان.

ترجمو

جو ڪجهہ پاڻ ڪري تو سائين، اُن ۾ ناهي برائي ڪا
تون ئي چئو اُن خالق ڌاران، ٻئي ڪنهن چيز ٻڌائي ڪا؟
ڀلو ڀلن کان آهي ڀلارو، آهي سندس ڪم ڪار ڀلو
پنهنجي دل جي پاڻ ئي ڄاڻي، سڀ جو ڪري ڪرتار ڀلو
آهي سائين پاڻ سچو، جنهن سچ کي پاڻ رچايو آ
تاڃي پيٽي وانگر پنهنجي، ذات ۾ پاڻ سمايو آ
اُنجي گت مت ڪير ٻڌائي، اُنجو انت نہ ڄاڻي ڪو
ان ريءَ ٻي ڪا هستي ناهي، ڪوبہ نہ ڪيس سڃاڻي تو
جيڪي قادر ڪري رهيو آ، من سان اُن کي ڪر منظور
نانڪ گرجي ڪرپا سان تون، سمجهہ حقيقت اها ضرور.

اشٽپدي ٢٤

پوري گور کا، سن اُپديش
پار برهم، نکٽ کر پيک
ساس ساس، سمرهہ گوبند
من انتر کي، اُترئي چند
آس انت، تياگهہ ترنگ
سنت جنا کي ڌوڙ، من منگ
آپ ڇوڙ، بينتي کرهہ
ساڌ سنگ، اگن ساگر ترهہ
هر ڌن کي، ڀر ليهہ ڀنڊار
ناڻڪ گور پوري نمسڪار.

ترجمو

ڪامل رهبر جون ڳالهيون ٻڌ، پوري ستگر جو ٻڌ گيان
گيان جون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي تون، ڀڳوان کي ويجهو ڏس ڀڳوان
پرميشور کي ياد ڪري، ستنام سان دل مسرور تہ ڪر
من جي چنتا دور ٿي ويندء، من جي چنتا دور تہ ڪر
آشا تياڳ جڳت جي ڪوڙي، آهن لهرون جل جون ڪوڙ
هي من هردم گهرندو رهہ تون، سنتن جي چرڻن جي ڌوڙ
آپو ڇڏ، اُرداسون ڪر ۽ سائين سان سنيار ڪٽي
ساڌ سنگ سان، باهہ جي درياهہ مان، ڪر ٻيڙو پار ڪٽي
هري نام ڌن آهي اَمولڪ، تنهنجا ڀر ڀنڊار ڪٽي
ناڻڪ پوري گر کي، ڪر پرڻام تون وارو وار ڪٽي.

سلوڪ

ٻُورا ٻرڀ آراڌئا، ٻُورا جاڻڪا ناءُ
نانڪ ٻُورا پائيا، ٻُوري ڪن گن گاءُ.

ترجمو

ٻُورن ٻرڀ آراڌيم، ٻُورن جنهنجو نام
ڳائي گڻ ٻُورن سدا، پاتم ٻُورن رام.

٢

اُنم سلوک، ساڌ کي بچن
املیک لعل، ایھ رتن
سنت کماوت، ھوت اُڌار
آپ تري، لوکھ نستار
سڦل جیوَن، سڦل تانکا سنگ
جانکيءِ من، لاگا ھر رنگ
جيءِ جيءِ شبد، اناھد واجيءِ
سن سن آنند کري، پرڀ گاجيءِ
پرگٽي گپال، مھانت کيءِ ماٿي
نانڪ اڌري، تن کيءِ ساٿي.

ترجمو

پاک سلوک ۽ مٺڙو ڏوھا، سنتن جا سڀ بول اٿئي
ماڻڪ موتي رتن جواھر، لعل اُھي انمول اٿئي
پاڻ پڌي جو عمل ڪندو، سو آخر مکتي پائيندو
پنھنجو بيڙو تاري، ٻين جو، بيڙو پار لڳائيندو
سڦلي اُن جي آھي حياتي، سڦلي اُن جي سنگت آ
جنھن پرانيءَ جي من ميري تي، چڙھيُ نام جي رنگت آ
جئہ جئہ جا ھوُ شبد پڌي تو، انھد جا تو ساز پڌي
آنند پائي، ھو گرط ڳائي، غئبي تو آواز پڌي
اُنجي پيشاني تي ظاھر، نوراني تو چمڪار ٿئي
نانڪ اھڙي سنت جي سنگ مان، جيون جو تو اُڌار ٿئي.

٢

کيم ڪشل، سهج آنند
ساڌ سنگ، پڄ پرمانند
نرڪ نوار، اڌاره جيءُ
گن گوبند، انمرت رس پيءُ
چت چتوهه، نارايڻ ايڪ
ايڪ روپ، جاڪي رنگ انيڪ
گوپال دامودر، دين دئيال
دک ڀڃن، پورن ڪرپال
سمر سمر نام، بار نمبار
نانڪ جيءَ ڪا، اِهيءَ آڌار.

ترجمو

سک سمپت سڀ گهر ۾ ايندء، من جو پائيندين آنند
سنتن جي سنگت ۾ ويهي، جپ تون پورن پرمانند
دوزخ توکان دور ٿي ويندو، پائيندين تون موک دوار
گوبند جا گڻ ڳاءِ هميشه، اهڙو امرت، پيءُ هر وار
پنهنجي چنچل چت جي اندر، نارائڻ کي سار سنڀار
هڪڙو روپ رام جو آهي، ليڪن آهن رنگ اپار
سڀ تي مهر ڪري پيو پنهنجي، آهي دامودر گوپال
سڀني جا دک دور ڪري ٿو، داتا آهي دين دئيال
سمرڻ ڪر تون، سمرڻ ڪر تون، رام جو نالو وارون وار
اَوّل آخر تنهنجي جيءَ جو، **نانڪ** سمرڻ آهي آڌار.

۵

ٻوپ ڪي اُسنت، ڪرهہ سنت ميت
ساوڌان ايڪا گر چيت
سکمني سهج، گوبند گن نام
جس من بسيءِ، س هوت نڌان
سرب اڇا، تانڪي پورن هوءِ
پرڌان پرک، پرگهٽ سڀ لوءِ
سڀ تي اوُچ، پائي اُستان
بهر نہ هوويءِ، آون جان
هر ڌن کاٽ، چليءِ جن سوءِ
نانڪ، جسيءِ پراپت هوءِ.

ترجمو

پيارا سنتو! اچو تہ گڏجي، گوبند جا گڻ ڳايون اسين
ساوڌان ايڪاگر چت سان، نشدن ڌيان لڳايون اسين
سکمنيءَ اندر سڀ سک آهن، آهن هرگڻ جنهن ۾ اپار
جنهنجي هردي اندر وسي، سو نام ڌن جو ٿئي پندار
هنجي پرکت سان ئي هرڪا، من جي آشا پوري ٿئي
سڀني ۾ پرڌان ٿئي، ۽ دنيا ۾ مشهوري ٿئي
اوُچ وڏي تي رسي اُهو ٿو، اوچي پدوي پائي ٿو
جنم مرڻ جي ڦيري کان، سو پراڻي ٻاڻ بچائي ٿو
جنهن وڏڀاڳيءَ جي من اندر، وسي امولڪ واکي آ
هر ڌن کٽي هلي سو **نانڪ**، ڌن ڌن سوئي پراڻي آ.

۴

سرن جوڳ سن، سرني آئي
ڪر ڪرپا پربپ، آپ ملائي
مٽ گئي بڌر، ڀئي سڀ رئن
انمرت نام، ساڌ سنگ لئن
سپرسن ڀئي، گرديو
پورن هوئي، شيوڪ کي شيو
آل جنجال، بڪار تي رهتي
رام نام سن، رسنا کهتي
ڪر پرساد، دئيا پربپ ڌاري
نانڪ نبهي، کيپ هماري.

ترجمو

سائين جي مان شرن ۾ آيس، ٻڌان تو آهي پشت پناهه
پاڻ سان مالڪ نيٺ ملايو، مهر ڪئي اُن شاهن جي شاهه
ويڙ ورود ويا سڀ وسري، خاڪ ٿي سڀ جي جيان تو مان
سنتن جي سنگت ۾ ويهي، نام جو امرت پيان تو مان
داس جي شيوا ڏسندي ڏسندي، ستگر پرسن ٿيو آهي
سقلي شيوڪ جي ٿي شيوا، پورهيو پورن ٿيو آهي
پاپ ڪپٽ سڀ پورا ٿي ويا، جڳ جا دور ٿيا جنجال
ٻڌي رام جو نام اُچاريم، آهيان هاڻي مان خوشحال
ستگر پنهنجي مهر ڪري هيءَ بخشش خاص ضرور ڪئي
کيپ دمن جي هٿي جا **نانڪ**، مالڪ سا منظور ڪئي.

٧

اِهه نِدان، جپيءِ مَن ڪوءِ
سڀ جڳ مهه، تانڪي گت هوءِ
گرهِ گوبند، نام ڌن باٽي
سمرت شاستر، ويد بکاٽي
سگل مِتانت، ڪيوَل هر نام
گوبند ڀڳت ڪئي، من بسرام
ڪوٽ اَپراڌ، ساڌ سنگ مٽيءِ
سنت ڪرپا تي، جم تيءِ ڇٽيءِ
جانڪيءِ مستڪ، ڪرم پرب پائي
ساڌ سرڻ، **نانڪ** تي آئي.

ترجمو

سکمني نام خزانو آهي، جيڪو بہ چت لائيندو
جڳ جڳ سوئي تونڊو رهندو، آخر مکتي پائيندو
ڌني نام جي هن باٽي ۾، آهي سائين ء جي ساراهه
شاستر ويد سمرتين ۾ بہ، هن جو آهي ذڪر اٿاهه
سڀني ڌرمن ء بنتن ۾، هڪڙو آهي رام جو نام
جيڪي اهڙو نام اُچارن، تن هر ڀڳتن جي من وسرام
سنتن جو سنگ جڳياسوءَ جا، پاپ ء ڏوهه مٽائيندو
سنتن جي جهڙني ڪرپا ٿيندي، سوبہ موت تي پائيندو
جي وڏ ڀاڳي آهن، جن کي اهڙو بخشيو ڀاڳ رام
سنتن جي سي شرڻ وٺن ٿا، **نانڪ** نشدن جپجن نام.

٦

کيم سانت، رد نؤند
بد گيان، سرب ته سد
بديا تپ، جوگ، پرپ ڌيان
گيان سريشت، اوُتم اِشنان
چار پدارت، کمل پرگاس
سپ کيِ مڌ، سگل تي اُداس
سندر چٽر، تت کا بينا
سمدرسي، ايڪ درشٽينا
ايھ ڦل، تس جن کيِ مک ڀنِي
گور **نانڪ** نام، بچن من سني.

ترجمو

اُن وٽ ايندڙيون رڌيون سڌيون ۽ اُن کي سک سنتوش ملي
طاقت روحاني سو پائي، گيان عقل ۽ هوش ملي
وديا پائي، يوگ ڪمائي، ڌياني ٿئي ۽ مليس ڌيان
گياني سريشٽ اُهو ٿو ٻڌجي، حاصل اُتم ٿئي اِشنان
چار پدارٿ پائيندو ۽ هردي ڪمل ۾ ٿئي پرڪاش
سڀني ۾ هو خوش ٿي رهندو، سڀني کان هو رهي اُداس
سندر ٿئي ۽ چتر ٿئي ٿو، حق کي هردم جاڻي ٿو
هڪجهڙو هو ڏسي سڀن کي، ڀيد نہ ڪوئي آڻي ٿو
سکمني جيڪو دل سان پڙهندو، سو اُهڙا ڦل پائيندو
نانڪ اُهڙا وَچن ٻڌي جو، هردي ساڻ هنڊائيندو.

٨

جس من بسيءِ، سنيءِ لاءِ پريت
تس جن آويءِ، هر پربهُه چيت
جنم مرڻ، تانکا دوک نواريءِ
درليڀ ديهه، تتکال اُڌاريءِ
نرمل سوڀا، انمرت تانکي باڻي
ايک نام، من ماهه سماڻي
دوک روڳ، بنسيءِ ڀيءِ ڀرم
ساڌ نام، نرمل تانکي کرم
سڀ تي اوچ، تانکي سوڀا بڻي
نانڪ اِهه گڻ نام سکمني.

ترجمو

جنهنجي من ۾ وسي ٿي واڳي، ٻڌي ٻڌي چت لائي ٿو
تنهنجي چت ۾ هري وسي ٿو، نت نت ڏڻي ڏيائي ٿو
دور ڪري دک جنم مرڻ جو، اچڻ وڃڻ جو غم نه رهي
درليڀ ديهه جو ٿئي نيتارو، دک پيءِ هڪڙو دم نه رهي
اَمرت اُن جي واڻي آهي، نرمل سوڀيا پائي ٿو
جيڪو پنهنجي هردي اندر، هڪڙو نام وسائي ٿو
دور ٿين دک درد انهيءَ جا، ناس سيئي ڀؤ ڀرم ٿين
ساڌوءُ اُن جو نالو آهي، نرمل تنهنجا ڪرم ٿين
سڀ کان اعليٰ شان سندس آ، سوڀيا هنجي نياري آ
سکمني هن جو نالو نانڪ، هيءَ آهڙي گڻ واري آ.

ست سري آڪال

”هر دل عزيز شاعر ضيا“

سکمڻي صاحب جو اَرٿ آسان ڪم نه آهي پر جنهن نموني ۾ **شري پرسرام ضيا** اهو ڪَمُ ڪم پورو ڪيو آهي تنهن خير ڪو بيو سنڌي ڪوئي ڪري سگهندو. بين به ڪيترن هن بوتر پستڪ جو مطلب سمجهايو آهي پر جنهن سرل نموني ۾ سوادي، سهڻي ۽ سولي ۽ ڪوتا ۾ سکمڻي ۽ جو اَرٿ ضيا سمجهايو آهي تنهن هن وقت تائين ٻئي ڪنهن به ڪونه ڪيو آهي. ڪهڙي نه سڌي سنواتي نوح ۾ **ضيا** ترجمو ڪيو آهي. صاحب ٿا چون:

پئعدي مها آندا غبارا، هر ڪا نام سنگ اُجيارا

ضيا تو اَرٿ ڪري:

”منزل اوکي پنڌ پري ۽ وات تي آهي ڪاري رات،
همت ۾ ڪرڻ سنتنام جو ڏيئڪ، روشن ٿيندي تنهنجي وات“

اهڙي ترجمي پڙهڻ سان پڙهندڙ جي راهه به روشن ٿي ٿئي. روشني وجهندڙ آهي **ضيا**. يلا ضيا جو ٿيو. **ضيا** جي معنيٰ اُي آهي روشني!

هو عام ۽ خاص ۾ پيارو، سرشٽي ۽ جي سرور جو ترجمان هڪ لاثاني شاعر هو. هو لچاري سپاءِ وارو، محبوب طبيعت، تورو ڳالهائو ۽ گهڻي بوجهه وارو انسان هو. جيڪي ڳالهائي نه سگهندو هو سو قلم بند ڪندو هو.

پروفيسر رام پنجواڻي